# اَمُلھ اَٽورَيا

رِسالي شاھ عبداللطيفَ جا لڌل بيت

Gul Hayat Institute

# اَمُلَهہ اَڻتوريا

[ رسالي شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ رحہ جا لڌل بيتَ ]

Gul Hayat Institute

بندرَ ديسان ديسِ، مُلھہ ڏہ ملي وارئين،
فقيراڻي ويس، اَمُلَھہ ڏين اڍوريا.
(شاھہ)

Gul Hayat Institute

سنڌ جي نوجوانن لاءِ
جن جي آڏو زندگيءَ جو ڏونگر اڀو آهي
جنهن کي سَر ڪرڻ لاءِ انهن کي اڃا وڏي جدوجهد
جي ضرورت آهي.

مَنزل ڏور مَ مَڃ، چڙهه مَ سَير لَڪن جو،
اُنءِ جي وات مَ لَڳ، لُنءِ ري حرفُ هُڻُ ڪي.
(شاهه)

Gul Hayat Institute

# اَمُلھ اَڻتوريا

[ رسالي شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ رحه جا لَڌل بيتَ ]

تمهيد

سيد غلام مصطفيٰ شاهه

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي، سنڌ،
ڪراچي
١٩٨٥ع

هي ڪتاب ڊاڪٽر اياز حسين قادري، سيڪريٽري شاهه عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي ڪراچي، اسحاقيه پرنٽنگ پريس ڪراچي
مان ڇپائي پڌرو ڪيو.

پهريون ڇاپو] ۱۹۸۵ع [ڪاپيون هڪ هزار
ڇاپو ٻيو] ۱۹۸۸ع [ڪاپيون ٻه هزار

قيمت : چاليهه روپيه

ملڻ جو هنڌ :
مڪتبه برهان اردو بازار ڪراچي
فون :- 219221

هي ڪتاب
آدمجي پيپر ۽ بورڊ ملس لميٽڊ
جي تيار ڪيل ڪاغذ تي ڇپيو ويو
ڪاغذ
آدمجي فائونڊيشن کان
عطيه طور مليو

Gul Hayat Institute

# فهرست


تمهيد — سيد غلام مصطفيٰ شاهه — ٣—٨

عرض حال — فقير امداد علي سرائي — ٩—٤٦

(١) عرض حال — ٩

(٢) شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج، ۽ سندن سونهاري شخصيت — ٢٢

(٣) شاهه رحه — جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر — ٣٣

(٤) ساجن سڀنئان سهڻو — ٤٣

اماهه اڏتوريا — ٤٧—٢١٤

گڏ ڪندڙ: فقير امداد علي سرائي، مولوي حاجي خميسو چانڊيو، ۽ فقير رمضان جت

سهيڙ ۽ ترتيب: پانهون خان شيخ

سُر يمن — ٤٩

سُر سراڳ — ٥٢

سُر کنڀات — ٦٥

سُر سامونڊي — ٦٨

سُر سهڻي — ٧٠

سُر سارنگ — ٧٨

سُر ڪيڏارو — ٨١

سُر آبري — ٨٤


Gul Hayat Institute

| | |
|---|---|
| سُر ديسي | ٩٥ |
| سُر ڪوهياري | ١١٢ |
| سُر حسيني | ١١٣ |
| سُر سورٺ | ١٢١ |
| سُر بروو سنڌي | ١٢۴ |
| سُر راڻو | ١٣٣ |
| سُر کاهوڙي | ١۴٢ |
| سُر رامڪلي | ١۴٦ |
| سُر رپ | ١٥٩ |
| سُر گهاتو | ١٥٩ |
| سُر ڏهر | ١٦٠ |
| سُر ليلان | ١٦٥ |
| سُر بلاول | ١٦٦ |
| سُر پورب | ١٦٩ |
| سُر آسا | ١٧١ |
| سُر ڪارايل | ١٧٧ |
| سُر مارئي | ١٨٢ |
| سُر ڪاپائتي | ٢١١ |
| سُر پرڀاتي | ٢١٢ |
| سُر ڪامود | ٢١٣ |


Gul Hayat Institute

جن دوستن ۽ بزرگن اسان جي مدد ڪئي آهي — خاص طرح سائين سيد قمرالزمان شاه ۽ ڀائي تيرٿ داس لڪمياڻي قابل ذڪر آهن — الله تبارڪ ڪين جس ڏيندو.

اسان جي هن ڪتاب جو ناشر ۽ ڇپائيءَ جو ذميدار اسان جو دوست ۽ سوسائٽيءَ جو سيڪريٽري ۽ منهنجو پراڻو شاگرد ۽ هاڻي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جو پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري آهي، جنهن جي مخلصانہ ۽ خاموش ڪم جي جيتري تعريف ڪجي ٿوري آهي.

دعا ڪندا — والله المستعان و عليه التڪلان.

سيد غلام مصطفيٰ شاه
چيئرمن، شاه عبداللطيف
ڪلچرل سوسائٽي

Gul Hayat Institute

# (٢)

## شاهه رحه جو شاعري شان، علمي عروج، ۽ سندن سونهاري شخصيت

سيد پير سموند، هئي جامن سندو جام،
اگهيو در الله جي، تنهن ڪامل جو ڪلام،
پوري پچيو پانڌيا، تنهن گوهر سندو گام،
جن ڏنو لعل لطيف کي، آيو تن آرام،
ڪونه رهيو ڪو خام، سڀ سڪي ٿيا صالح چوي.
(مرحوم صالح فقير، ڪڇي، شاگرد ۽ مريد شاهه رحه)

هي آهن ٻاجهارا ٻول هڪ ساچي سدا توري مريد ۽ ورسايل شاگرد جا، جيڪو اصل ڪڇ جو رهاڪو هو، پر هن پوري ڄمار پنهنجي مرشد هاديءَ جي صحبت سنگ، رياضت ۽ اڱڻ ٻهارڻ ۾ گذاري هئي. هن فقير ٻڻ شاهه سائينءَ جي شاعرائي پڪ پي، پنهنجي مرشد ڪامل جو شان عظمت، الهامي ڪلام ۽ گو گاءِ پيرڙي گام (ڀٽ شريف) جي تعريف ۾ عقيدت جي گلن جي ورڪا پنهنجي مٿئين شعر ۾ اهڙي ته بي نظير ۽ بي مثال ڪئي آهي، جو بيت جي هڪ هڪ سٽ ۾ "لطيف نامون" سمايل آهي ــ جنهن سان پڙهندڙ ڏاهن کي شاهه سائينءَ جي شان ۽ سونهاريءَ شخصيت جي ڪافي ڪل پوي ٿي. حقيقت به ائين آهي ته شاهه جو شان ۽ بيتن جو بيان به جيڪي سندس اصحاب، رنگ رچيل فقير ۽ محبتي ملوڪ ڪندا، سو ٻيا مشڪل ڪي ڪري سگهندا. چوندا آهن ته فقير جي گودڙيءَ جو وارث به فقير ٿيندو آهي، ۽ اهو ئي

شاهه لطيف رحه بنان ڪنهن دنيوي سنڌ جي فيلسوف هو.
هو عامل، ڪامل ۽ متقي هئڻ ۾ پنهنجو مٽ پاڻ هو. ساڳئي
وقت پاڻ خائف خدا، انڪساريءَ، عاجزيءَ ۽ هيٺائينءَ ۽ نياز نوڙت
۾ به اول هو. صبر ۽ معاف ڪرڻ ته، شاهه سائينءَ جون فطري
خوبيون هيون، جيڪي کيس سندس ڏاڏي شاهه ڪريم رحه کان
ورثي ۾ مليون، ۽ وٽانئس جڳ سکيون هونديون. هو عاشقن جو
استاد ۽ متوڪلن ۾ چوٽيءَ جي درجي جو توڪلي هو. ۽ آخر
۾ آءٌ ائين به چوڻ لاءِ قسم کڻندس ته، شاهه سائين وطن جو وڏو
۽ سچو حبدار ۽ وفادار چوڪيدار ۽ دعاگو هو ۽ پنهنجي وطن
(سنڌڙيءَ) سان ايڏو پيار هئس جيڏو حضرت بلال جو رسول پاڪ
سان، ته حضرت حر جو حسين عليه‌السلام سان.

آءٌ شاعرن جي پڳدار ۽ سنڌ جي شهنشاهه ڪامل ۽ عظيم
انسان جي اِن ٿورڙيءَ واکاڻ بعد سندس سونهاري شخصيت ۽
داوري درجو هيٺئين بيت سان لکي، هن باب کي بند ڪريان ٿو:

"ناڻگ به نمن ان کي، جي ڪيڙيءَ پر ڪنهن
الله اوباهي ان کي، جـي انهيءَ پوءِ پڇن
ان اولياءِ تحت قبا، هي پوڙا ڪين پڄهن
ڪُپڄهان ڳجهه، وڄن، احد جي اسرار کي."

Gul Hayat Institute

---

## (۳)

# شاهه رحه - جڳسڪرو، پيغمبري صفت ۽ الهامي شاعر

روءِ رائي جي ناهه ڪو سوڏو سِپن سونهن
لاٿائين لطيف چئي مٿي دلين دونهه
ڪانهي ٻي ورونهن ٽيو مڙوئي مينڌرو.

—

سچڻ ڏنو جن تن ڳچيءَ سر ڳهه ڪيو
ٻيون ڪوه ٻجهن قدر ڪيماين جو.

—

سرها ڏنم سي جنِ، ساڃاهه سرهاڻ جي
تيغ تني جي ڪي ڪٽ نه لڳي ڪڏهين.

هاڻي ڏسو سنڌي ٻوليءَ جي سڃاڻ ڪڙميءَ، هڏڏوڪي هاريءَ، جي ٻوڪيل ٻوڪ جو واڌارو، ۽ اُن جي ٻڻائي ۽ آسِپِي اُپت (تخليقي مضبوطي، بنيادي معتبري، ساڪائتي سونهن ۽ سلاست).

شاهه رحه جي سنڌي ٻوليءَ جي ٻوڪ ۽ واپرايل اکرن ۽ سندس ٻوليءَ جي لطيفي جنس جا پارکو آهي ابوجهه ڳوناڻا ٿي سگهن ٿا، جن لاءِ لائق لطيف فرمايو آهي ”ان در سيئي اگهيا جنين نه پاڻئيو پاڻ“. سندن ٻوليءَ جي ٻوڪ ۽ شاعريءَ ۾ جنهن ۾ الف جي اوڙ ۽ عشق جي ٻج جي الستي چٽ ۽ سرهاڻ سمايل آهي، اُن جي پرک ۽ صحي جاچ ۽ سمجهڻ لاءِ عالمن، فاضلن ۽ اديبن جي وڃا ۽ عقل اوچهون ٿيو ٻوي — ايتري قدر، جو سندن ڪلام صحي سمجهڻ تہ پري پيو، اُن کي صحيح پڙهڻ

Gul Hayat Institute

ٿو. چاڪاڻ ته شاهه صاحب ڪٿي ٻوليءَ جي اکرن جي بناوٽي زيب کي وڌيڪ زيبدار ڪري ٿو، ته ڪٿي اکرن کي ڪٽري ڪوري ٿو، ته ڪٿي ڪوٽ ڊوٽ ۾ پنهنجي ٻوليءَ جي قدرتي فيڪٽريءَ مان نوان نرالا، مهلائتا ۽ نئين ماڊل جا اکر ڍاهي، اسان جي ٻوليءَ کي ڪافي ڪجهه ڏنو اٿس، ۽ پرائي ٻوليءَ جي اکرن اوڌارڻ ۽ محتاجيءَ کان بچائي مٿانهون ڪيو اٿس، ۽ ائين ڪرڻ سان ٻين شاعرن کي شعر جي بحر وزن، سونهن ۽ نزاڪت جو پڻ سبق ۽ جدول سيکاري اٿس.

۽ آءٌ خدا جو قسم کڻي ٿو چوان، ۽ حقيقت به ائين اٿوَ، ته جنهن شاعر کي ٻوليءَ ۾ مهارت ۽ ڪامل دسترس هوندي، اهو شاعر به سٺو هوندو. هڪ سٺي شاعر ٿيڻ لاءِ ڀرپائين ٻوليءَ ۾ پڙ ۽ ماهر ٿيڻ ضروري آهي. لطيف سائينءَ جي شاعريءَ جي ڀلائپ ۽ عالمي سوڀ اِنهي سبب جي ڪري به آهي، جو هي سڳورو، سڌ گهٽو سادات ٻوليءَ جو خالق به سڏي سگهجي ٿو، ته ڪڙمي به ته درزي به ته ابو ۽ امان به. تحقيق هو سنڌي ٻوليءَ جي ماهيت جو مالڪ به آهي.

آءٌ هاڻ موضوع کان ٿڙهي، ٿورو هي لکڻ واجب ٿو سمجهان ته جيڪو شاعر پنهنجي مادري زبان ڇڏي، پرائيءَ زبان ۾ شاعري ٿو ڪري، اهو پنهنجي ٻوليءَ جو گنهگار آهي. مثلاً الف جي زبان پنجابي آهي پر هو اردوءَ يا فارسيءَ ۾ شاعري ٿو ڪري، ته اهو هن پنهنجي ٻوليءَ جو وڏو زيان ڪيو، ۽ اُن سان بيوفائي ڪيائين. اهڙيءَ طرح ”ب“ جيڪڏهن پنهنجي مادري زبان سنڌي ڇڏي، اردوءَ ۾ ٿو شاعري ڪري، ته اهو به خطاڪار ٿيندو. اهو ئي سبب آهي ته الله لوڪ شاعرن پنهنجي مادري زبان ۾ شاعري ڪرڻ پسند ڪئي آهي — مثلاً مولانا روم، حافظ شيرازي، پٺاڻي گهوٽ، بولا شاهه، شاهه باهو، خواجه غلام فريد وغيره. البت ڪي اهڙا شاعر ٿوري ٻين ٻولين ۾ به شاعري ڪري، پنهنجي وسيع علمي حيثيت جي جهلڪ ڏيکاريندا آهن، جيئن سچل سرمست

Gul Hayat Institute

سڀ کان اول آءُ هتي چند اهي اکر لکان ٿو، جيڪي شاهه صاحب کان اڳ جي شاعرن کي هٿ نه آيا ۽ نه هو اهڙا گهڙي ٺاهي سگهيا. هن مان ثابت آهي ته اها اکري تخليق يا درزيپڻو شاهه سائينءَ جي ڪماليءَ جو اعجاز ۽ سندن ايجاد آهي:

## معنوي ايجاد:

( ۱ ) مونسٽ = مون + سٽ. وڏائيءَ کي اڇلائي ڇڏ.
( ۲ ) ريڪڙياريا = ري + ڪڙياريا. ڪڙين کان سواءِ يعني ٻڙن تي هليا.
( ۳ ) ڪانارٿا = ڪان لڳل، تير لڳل، گهايل.
( ۴ ) دُني = دنيا.
( ۵ ) ڏاگهنئون = ڏاگهن مان، اٺن متون.
( ٦ ) خُشيان = خوشيءَ مان.
( ۷ ) شاتہ = شايد ته.
( ۸ ) آبهين = ٻيهي سگهين.
( ۹ ) ڇپيري = ڪُڙهي مڇي مارڻ جي، جنهن کي ڇهه ڪانيون ٻڌل هونديون آهن
(۱۰) حجر = حضر، سفر جو ضد (حاضر هجي).
(۱۱) ڇپاتا = ڇپ چاپ ۾، چوري چوري.

## لطيفي گهڙيل ۽ ٺهيڪا اکر:

Gul Hayat Institute

( ۱ ) سواٽ = سنئين واٽ (صراط المستقيم).
( ۲ ) زاف = ضعيف.
( ۳ ) پترٽ = پتريٽ، ڏوہپائي (پيش ڏيڻ سان مذکر ٿيندو).
( ۴ ) ڏِٽ = ڏيٽ = ملاقات.
( ۵ ) دِلا = دل تان.
( ٦ ) ستسي = رڍ يا گهيٽن جي ٻهرڻ پٺيءَ واري نرم اُنَ، جيڪا ڄم کان پوءِ ٻهريون ڀيرو لاهجي يا ڪترجي.

(٧) آڳنڌي = اڻ ڀڄل ڳالهه، (مڪان).
(٨) آپيري = جنهن تي پير نه پهچي سگهي.
(٩) ڪُپيري = جنهن تي ڪنهن جو به پير نه لڳي سگهي، سواءِ انهن عظيم انسانن جي جن کي ان منزل تي پهچڻ جو الاهي امر ٿئي.
(١٠) ڪيڏي = جيڪا ڪنهن به نه ٻڌي سڻئي هجي، لامڪان، لاحد.
(١١) آڏوتي = پاڪ (جنهن کي وضوع يا غسل جي ضرورت نه ٿئي).
(١٢) ساڦرن = مسافرن.

**آهي سنڌي اکر جيڪي شاهه صاحب کان سواءِ اڳ جي شاعر حضرات کان گُسي ويل هجن يا انهن کي هٿ نه اچي سگهيا هجن:**

(١) راسيون = سج لهڻ وقت هيٺ زمين تائين ڪرندڙ ڳاڙها شعاع.
(٢) ڏير = راڄ، رعيت.
(٣) وڙهه = اڀرو، جڏو.
(٤) اڌ لڳيون = نيمخواب اکيون.
(٥) مُل = وٽ (ڪيئن ڏنُاريان ڏهرا ويندس ڪنهن نه وهائڻ مون مُل مارو نانهه، اڇا اوڏيان ڪن سان!)
(٦) جيان = زيان (جيڏيون مون سين جيان، نسورو ڏي نيهن ڪيو)
(٧) ڪِره = ڪنجهڻ، دانهون ڪرڻ.
(٨) واديوڙڪي متنهين = گهايلن جو گهر.
(٩) سيرو = زهر، وهڻ.
(١٠) نيهو = بنياد (پُريان آهي پڌرو، تن نانگن جو نهو)
(١١) مُلاقي = ملاقات ڪندڙ، ديدار ڪندڙ.

وغيره وغيره

Gul Hayat Institute

## لفظن جي چاڙهپ جو ڪمال:

(١) لتا == ڪپڙا، وڳا، جوڙا، پڙهي، پچ، لڱڙ، ڏيڙ، اوهندڙ، ليڙا، ٽيڱڙا.

(٢) غني == ڏاتار.

خوش == سڙهو، سنرو.

پيغام == پارابو، نياپو.

انجام == ڏاڍي ٻول.

ناخدا == ملاح، ناڪوو.

صراط المستقيم == سوات.

المغضوب == ڪُواٺي.

انعام ڪيون == موڪيون.

زخم == ودي، ڦٽ، ڦٽ، گهاو.

چادر == سڀر.

برداشت == سهپ.

ضعيف = اپرو.

مصيبت = پيڙا.

شڪاري = پارهيڙي.

تاج = چنڊُ.

راڻي = جهيرياڻي.

سردار = سرواڻ.

زنگ = موريان.

ماهر = سڄاڻ.

قاصد = پيامي، پهي، پانڌي، پهر.

منڌ = شراب.

غم == ورهه.

فڪر == وماس، اندوهه.

ملاقات == ڏيٺ.

Gul Hayat Institute

راز = مَنجهه، ڳُجهه.
شوق = ڪوڏ.
باز = سيچاڻو.
خاندان = ڪُٽنب.
نسل، بنياد = پُڙ، نسل.
شهه انبيا = نبيان جام.
طعنو = اوپالو، مهڻو، ويڻ.
خبر = سُڌ، ڪل، ڪَنَ.
جنگ عظيم = وڏاندري وڙهه.
خدا حافظ = الله بيلي.

(٣) ور = مڙس، ڪانڌ.
ور = پوٺتي موٽ.
ور = ڀاڪر. وجهيو ور ونجهه کي روڻي ونجاري.
ور = سلوار، ڪلائيچ يا سٿڻ جو ور.
ور = وڪڙ، ڦيرو.
ور = پٽڪي جو ور، نانگ جو ور.
ور = ڦير، ڏنگائي. ور ۾ ناهي ور منهنجو ڏيرن ور وڏڪيو.
ور = چڪر، ڀلي، شال. ور اڪن جي لوڏ گهوريا سڪ پنهور نجا.
ور سي وطن جايون صحرا سنر جن.
ور = قبضو، داءُ. فلاڻو منهنجي ور ۾ آيو ته....
ور = گهنج. منهن ۾ اهڙو ور وڌائين....
ور = ڀيچ. ور والهين جا وسيل عاصي تنهنجي آسري.
ور ڙي فلاڻا، يعني ڏڪڙو موٽ يا ڀيچ.
ور = چڪر، گهيرو. زمين نان ور ڏئي اچ. پاڻيءَ جو هڪ ور اچا ايندو.
ور = ٻوٽ جو نالو.
ور = زيور جو نالو، پير جي آڱوٺي ۾ زالون پائينديون آهن.
ور = ڀيچ.

## قافين جو ڪمال درجي جو چونڊو ۽ تجنيسي زيب:

(١) سسئي سرواڻن سين ڪهڙو لائن لڳوءِ
جتن جڙون هنيئه ڪرِ پاڙهي نيهن ڳتوءِ
ڏاڏيپوٽو ڏيه ۾ ڏُکي ڪونه ڏٺوءِ
هاڻ ڪلي جو ڪنيوءِ سو متان ور وسارئين.

---

(٢) ڪيچ نه آهي ڪوٽ ۾ جتن ڇڄي هيٺ،
ته به لوڏيءِ ساڻ لطيف چئي پيڙيو پڌي پيٺ
هيٺ سنڀجي آنءَ سسن جي هيٺ رجائي ريٺ
سرهيون سي سرتيون وطن جن جي ويٺ
ماڻيان شال ملير ۾ منڊائتي ميٺ
ڏِها ڪجان ڏيٺ منهنجي مدد مارُئين.

## شاعري زيب زينت ۽ سهڻو تخيل:

(١) ڪانگل قريبن جا اکين مٿي آ
ويهي وصل سندڙي ڪر تون وائي ڪا
منَ اچي سنجهه صباح، آن آسر پري آهيان.

---

(٢) ڪانگل قريبن جا وڏن مٿي ويهه
تو تنائين آئيين جت سڄڻن جو ساٿيهه
پاڙي پاڙي پيهه ڏي پارايا پرين جا.

---

(٣) سوڙهيءِ گهٽيءِ سپرين مون کي گڏيا هيرَ
ڪالهونڪر ڪيڏانهن هيا وڏي لايان ويرَ
پرين تنهنجا پيرَ اُگهان شال اکين سان.

---

Gul Hayat Institute

# اَمُلهه اَڻ توريا

[ رسالي شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جا لتڏل بيت ]

Gul Hayat Institute

بندرَ ديسان ديسِ، مُلهِ نه ملي وارِئين
فقيراڻي ويسِ، اَسُلَهه ڏين اَڻ توريا.
(شاهه)

Gul Hayat Institute

# سُر يمن

(۱)

سهڻي جنهن سانداڻ، ڏکن مٿي ڏک،
هٿي هينئڙا نيڏ ڪ، جو سڄڻ ساريو نه مرين.

(۲)

موڪيءَ مٿارا، وڏيءَ ساجهُر ساريا،
اڇڻ جي وارا، اڄ پڻ اهندا مان ڳري.

(۳)

وڏيءَ ساجهُر ساريا، موڪيءَ مٿارا،
پيهڻ جي وارا، اڄ نه آيا ڪنجڙاي.

(۴)

جو پر پيتو آن، سو سندو سڄڻ سار،
جي واسينگ وتن ويڙهيون، سي ٻي هنڌ ڪير نهار،
اڇي ڪئن قرار، جي اٿونديا راهين گهڻو.

(۵)

سندو سڄڻ سارُ، جو هُرُ پيتوئان،
جي واسينگ وتن ويڙهيا، سي نه وهيٺا مان،
اِنهيءَ لڄ مران، جئن آٿوندو آئين گهُرو.

(۶)

ڪارايل ڪارا، ورچي ويا ويڙهه ۾،
وِهه جي ويچارا، سُٺي ڳالهه ڳنگاٿيا.

(٧)

ڪارايلَ ڪارا، وتن جي ويڙهين ۾،
وڃه جيي ويچارا، سڀئي ڳالهه سِجهي رهيا.

(٨)

سسيون ڪٿي سردارَ، آڻيو رکن اڏيين،
موکي متارن کي آڻيو ڏي آڏار،
مرو ڪيم متار، آڏيءَ اوڏا م وڃو.

(٩)

جي تون ڪڪوهه ڪوڏيو، تہ ونءُ ڪلاڙن ڪاهي،
جتي سرُ سِپجي، اُت آوَرَتو آهي،
آنگڻن اٽڪائي، ساه چکياڏون سُرڪ جو.

(١٠)

جي مشتاق متي جا، سي مُوران نہ موٽن،
جي ڪات ڪلاڙن ڪڍيا، تہ پتنگ جيئن پٽوَن،
نفيان نابود ٿي، اثباتا اچن،
ڪنهن جنهن چال چلن، عاشق آجل سامُهان.

(١١)

Gul Hayat Institute
موکي متندُ پيار، اوچو اوچي مٽ مان،
وٽيءَ وجهه ۾ وار، ڏيندي ڏاتارن کي.

(١٢)

موکي متارن جا، نتنيدا ڪيم نهار،
پسو لٺ پرين جي، وڌيءَ وجهه مَ وار،
سير ڪٿي سردار، اڱڻ تو جي آئيا.

(١٣)

ناهي ڪَڙهاڻُو ڪُڙهہ تي، سَونچ نہ سانداڻن، *
ڏَمَر ڏڪاءُ نہ ڪري، شاتَ لڏيو لوهارن، ٢
آهس اڳِوڻو ڪينڪي، تجلو تنورن،
ويا گهڙيندڙ گهاٽَ جا، تا جتِوُنرا جوش جلن،
ساجهُر سيرهاڻِين، وٺيون وِيڙهي ڍڪيون.

(١٤)

مُلان ڪارِي ڪاندَ، پيچ ڦاڙينديءَ ڪپڙا،
ورد وظيفا واندَ، ڏٺيءَ ڏٺاري چڏهيا.

Gul Hayat Institute

* ڪَڙهاڻُو = ڪاڙهڻ وارو.
٢ شاتَ = شايد.

# سُر سراڳ

(۱)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جتي لهر ڏَکاءُ،
وَٽ رسا، مَڪ مڪڙيون، ساچا سڙهہ سَنباءِ،
اَشهَدُ لاالٰهَ اِلاّالله وحده لاشريڪ لهُ، وڪر
اِيءُ وهاءِ،
سبحان من تخبرني في ذاته، پرڪَ اهڙي پاءِ،
اِنا اَعطَينٰڪَ الڪَوثَرَ فَصَلِّ لِربِّڪَ، لاڇو
اي لڳاءِ،
ترڪ الدّنيا راسخ العبادت، ڏيرو اي ڏساءِ،
واتون جي وصال جون، سيئي سِي سنياءِ،
تہ ساموندي سنداءِ، مَدي مُور مَ سَٽان.

(۲)

جيڪي منجهہ جهانَ، سا صفت سڀ تنهن جي،
خالق خلقيو خلق کي، رحم سان رحمانَ،
آدم منجهان آدم ٿيو، هندو مسلمانَ،
ڪي ڪُوڙا مَ ڪفرانَ، ڪَني محمّد مڃيو.

(۳)

جيڪي منجهہ جهانَ، سا سڀ صفت تنهن جي،
قادر جي قدرت جا، مڙيئي مڪانَ،
پدم ڪان پري ٿيا، آڳي جا احسانَ،
ظاهر ساڻ زبانَ، ڳُٺي ڳُٺيان ڪيترا.*

---

* ظاهر ساڻ زبان، چئمي چئان ڪيترا.

(۴)

سيوا ڪر سمونڊ جي، جت آگھوچَر آهي،
لکين وهن واهڙا، ته نيٽبو نمائي، *
پڙي اوليون عاج جون، وچ چيٽي چلائي،
نرمل نور نبيءَ ذي هلچ هيجان هلائي،
ته مُهري متان ڏي، لاڳو^ لهي لطف سان. ٢

(۵)

معلم سڪائيءَ ڪي آيو ڪري سڏ،
ترڻي هيٺ ترار جي، ڪيو ڪڙڪو ڪڏ،
سو مال پهچي مڏ، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٦)

معلم سڪائيءَ سين، آيو ڪري ڳال،
وهه ۾ واگهيرن جيي، چار ٿي پهر چال،
اوري تو انگريچ وڙهي، پري پورچ پال، ٤
سو مس پهچي مال، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٧)

معلم سڪائيءَ ڪي، آيو سڏ ڪري،
جاڳيو پارا جهجهه ۾، آيو پير پري،
سو مال سَس وري، جو پاڻ پرائو چاڙهيو.

(٨)

معلم سڪائيءَ ڪي، سڏي آيو چوءِ،
نه چاهين چيني، هنجين حال نه ڪوءِ،
ناهه نبَن چڏيو، ڪهرو تيو ڪوءِ،
آيو انگرزيارو، ناکو لِکڻ جي ڪري.

Gul Hayat Institute

---

* نيٽبو = وير جو قسم، وڏو وهڪرو.
٢ لاڳو = تڪليف.
٤ پورچ پال = پورچوگال، پُرتگال.

(٩)

اللہ ڪريم ڪرمَ ڌڻي، خالقَ خلقڻھارَ،
پاڪ پرور پادشاھہ، جابر رب جبارَ،
غفور يا غفارَ، اسم آھي آنھنجو.

(١٠)

اللہ ڪريم ڪرم ڌڻي، رازق رحمانا،
آھيون توجا اصلي، پانھپ سين پانا،
سي سالم سمانا، پڻھون رکج پاجھہ سين. *

(١١)

اللہ ڪريم ڪرم ڌڻي، صاحب سپاجھا،
مولا پنھنجي مھر سين ڪرين آرَ ڪنان آجا،
آھيون اوھان جا، پارِ لنگھائين پاجھہ سين.

(١٢)

خالق نور خلقيو، بيان ڪيو بيان،
چئي "ڪُن فيڪون"، جوڙيائين جھان،
سج چنڊ تارا ڪتيون ارض آسمان،
سندي سگھہ سبحان، مڙني محمّد ميو.

(١٣)

اولي تيون الوان، ناڪئو نگاھہ سين،
مڪڙي ملاح ھٿ ۾ لولاڪ ھٿ لميان،
آلم تڪن آرض الله واسعة، جوداً جود جوان،
تڙ وٺيو پھلوان، سموند گواسي سيّد چئي. ٢

---

* سمانا = سڙھا، خوش، سلامت.

٢ گُواسي = غواصي.

Gul Hayat Institute

(١٤)

واريءَ تي ويهي، ڪيم ديد درياهہ جو،
ڏُنگي پنهنجي ديس. تي، واڪيندي ويئي،
لڳس ڪوسُ ڪنڌار جو، ساڄو سيوڏي،
جي گهريم گهر ويهي، سي سيئي سلامت آئيا.

(١٥)

پيو منجهہ ڦلهيار، ماڻڪُ ميرو نہ ٿئي،
لالي لهي نہ تنهن جي، ساري سڀ ڄمار،
جي ڪُٺا خريدار، تہ بہ ملهہ مهانگو آن جو. *

(١٦)

اونها ڪُن، عميق تڙَ، جت جُنبق ناهہِ جاءِ،
ٻري آهي ٻالڙي، آت پيرُ پروڙي پاءِ،
هئي هئي ڪندا هاءِ، هزارين هانڪ ويا.

(١٧)

سونارا صرافُ تي، هڏ م ڪوڙ ڪماءِ،
متان تو هٿاءِ، وڃي وِڃا وسري.

(١٨)

تارُن ڪي تارُ، اصل اوڙاهہ نہ ڪري،
آتارُن ڪي آرُ، پيريو وجهي پَنَ ۾.

(١٩)

ڪِيرُ تي ڪِوي، تو آئي ننڍ آياڳ جي،
آسارا تو اِهي، سڀ ويندي ون وسري.

(٢٠)

اڄ ڪر آسارُو، ڪِيرُڻ پسيو تو ڪِلين،
سعيو ڪر سمونڊ جو، ويهہ م ويسارُو،
صبوح سوارُو، آهرندڙين اوڙاهہ تي.

---

* ولها جي وينجهار، تہ بہ ڪجهہ ڪماڻن ڪينڪي.

Gul Hayat Institute

(٢١)

جتي لهرون لک، ڪَنَرِ ڪرڳل پاڻ ۾،
اتي عبداللطيف چئي، ربُ تنهنجي رَکَ،
ڪوجها هي ڪک، پر نه جهليندا پير جو. *

(٢٢)

جتان گوهه نه گَراب جي، تَريون ڪئن تَرن!
جتي ٻوڏ ٻَڏڙي، آت هڪ ڪچاڙو ڪن!
لهر لڳندي، هڪڙي، ويچون ٿيو وڃن،
جي ڪاري، پر ڪنبن، سي ٻيڙا رکج ٻاجهه سين.

(٢٣)

گهاڙو گهٽيئي هئا، متي هن مهراڻ،
ڏانگهه نه لڏي تارُئين، سندي سِير سِڻاڻ،
لاچو چنا لهرئين، ٻيگا سڙهه سڪاڻ،
ڪَنن ڪچوڪچ ۾ جنبيا جُنگ جوان، ٢
موڙي چڙهيا مڪڙا، جهولي پنهنجا جاڻ،
سبحانَ اِنّي اهل العجز مِن مَعْرفَتِڪَ، اهڙا جن پرياڻ،
وڃائي وڏاڻ، حيرت ۾ هلي ويا.

(٢٤)

جي پاڻئين ڪارو ڪيڙيان، آٿي ٻونبَ بناءِ، ٤
قُلْ هُوَ الرحمانُ آمنّا بِهٖ، ساڃا سڙهه سنباءِ،
پنج پگهه، ٿيهه اوليون، لاچو اي لڳاءِ،
وحده لا شريڪ لهٗ، ڪوهو خوب ڪڻاءِ،
ته سامونڊي سندياءِ، سچي تون ساک لهين.

Gul Hayat Institute

---

* (١) ڪَچاڙو هي ڪک، پرُ نه جهليندا پير جو.
(٢) ڪُچاڙو هي ڪک، پرُ جهليندا پير جو!
٢ ڪچوڪچ = ڪشوڪش.
٤ ڪاري ڪيڙائو، آٿي برهه بونب بناءِ.

(٢٥)

جي ڀانئين ڪارو ڪيڙيان، اول ٻونب ٻناءِ،
سنهـا وڻـي ساڪرا، لاڇـو ڪُوهـي لاهِ،
پنج پڳهه، ٽيهه اوليون، اي ساج سنڀاهِ،
ته ساموندي سندياءِ، والهي واٽي نه سٽان.

(٢٦)

جوڙي هن جهاز ڪي، ڀـوُرا ٽـون ٻناهِ،
پنج پڳهه، ٽيهه اوليون، سٽر سڙهه سنباهِ،
اٺيتاليهه عشق سـيـن راسيون راس وٽـاءِ،
ملاحظو مهراڻ جو، منان مـور مَ لاهِ،
سيد ڇـڏـي سمونـڊ ۾، اپـر آ اونداهِ،
جت مانگرمڇ ماهِ، آت گوشي جهـلِ گراب کي.

(٢٧)

وساڻـو سو واهُ، جنهن ڀـر ٻڇـن ناڪئا،
پيٺي ڪـرَ ڪـُنن ۾، اَجـهـاڻـو اوڙاهُ،
اڇـو آنِ ٽـڙاهُ، ته ساموندڀـا سٽڙ ٽيو.

(٢٨)

هيءَ ڏُنگي هو درياهه، هو معلم هيءَ مڪڙي،
سائي جن الله، سـي لهرين پـار لنگهايا.

(٢٩)

جـتو ويـو جـهاجُ، ٻيٺو ڪون بندر تي،
پاهان ڇـڏيائين پـٽ ۾، آئي اڪئين آب،
تهان پـوءِ گـُراب، اڇـي ٻيٺو بندر تي.

(٣٠)

جتي وهـن واهه، ڇـپا ڇـُرن ڪينڪي، *
ڪشتي ڪاغذ ڪچ جي، چاڙهيم منجهان چاهه،
ٻسي سختي سمونڊ جـي ماندا ٿـيا ملاح،
شرم رکج شاهه، لائق لاڳـي جـا ڏئي.

---

* جـتي وَنجهـه نه واهـه، ڇـپا ڇـُرن ڪينڪي

Gul Hayat Institute

(٣١)

هڪ ٽُرازي ڏوهُه، ٻي ٽرازي ڇا پاپان،
تني ڪج تون توهُه، ٻي ترازي پاجهه سان.

(٣٢)

اڳينء جان آئون، جٿ پَلئه پـاڻيـان،
آيل وڻجارن جـون، ڏونڪيون ڏڄاڏون،
منجهان روح ره تـيـا، محمد مجيائـون،
پُنيئم مـدعائـون، ڪنڊَ ڪيڙائـو آڻـيـا.

(٣٣)

نرمل نِماشامَ، جان جـر پَلئه پـاڻيـان،
مـاڻ سامونڊي آئـيـا، وڙ وڏا وريـام،
برڪت محمّد ڄام، ڪنڊَ ڪيڙائـو آڻـيـا.

(٣٤)

جني جـي جهاز ڪـي، ساڳُو سلطانـي، *
سِرَ اولـي، پڳهه، اَن جي ڪـُوهي نه ڪانـي،
ڪي قنڌار، ڪي بصري، ڪي ٿيا عرب انعامي،
تن جاوي جوڪو ناهه ڪو، جن بندر ۾ باني،
ڪـيـڙي ڪنڊانـي، سـويـا سترُ آئـيـا.

(٣٥)

تـڙيـن تنوارين، مـاڻ ولاتـي آئـيـا،
واپـون وڻجارن جـون، جيجل جياريـن،
ڪليو ڪيڪاريـن، سڄڻ سـلامـت آيـا.

(٣٦)

ويـا تـِي رحمتي، احمدُ ڄـام آيـو،
قمر قرباني ٿيو، عظمت ڪنڌ نـايـو، ٢
ٽارِ رسول ٽاريـو، ساري رات سيد چئي.

---

* ساڳُو = سڳُو.
٢ نُ ن

(٣٧)

اچي جي پرياڻ، ساڻ ڪريان پڌرو،
گوليءَ جو گماڻ، وڃان وڃي نڪري.

(٣٨)

سِريءَ ۾ سر راڪب، واهه لڳندہ وترو،
مٽي مٽيءَ گڏ ٿي، ڏنو روح جواب،
آدم ڪي آواج، تنهان پوءِ پيدا ٿيو.

(٣٩)

آدم نہ حوا، نہ ڪي خلقيائين ڪي پيو،
ڪاٿي هو ٽڪيو، تڏهن تنهنجي روح جو!

(٤٠)

ڪر سمونڊ سيوا هاڻ، تہ ماڻڪ موتي لهين،
ٿي چِلُرَ چوريين، ويهي جِيرِ وڙاڻَ،
ڏيئي ڏيو رِيون ڏاڻَ، سُڪي ويندڙن سيڪهہ ۾.

(٤١)

موتي تارون تانگهہ، دم دم درياهہ وهڪرو،
سيئي ڪَن ڪپر جا، سيئي تہ اورانگهہ،
سي ڏي اهم آتانگ، سي ڏي اصل درياهہ هو

(٤٢)

جتي ڪون مڪان ڪو، تا تاڻين تيڏاهين،
جيلاهين وَهَہ وڙرو، آوهہ وڃن اوڏاهين،
پِٽن وحدت وچ ۾، ساراهين ساڏين،
اچو آتاهين، ڏين آڳاجهون خبرون.

Gul Hayat Institute

(٤٣)

کھيو ڪارونڀار ڏي، مٿي وَھ وچن،
نِڪُونج نھايت ناھ ڪا، رانو ڏينھن رمن، *
نڪو ڀھر نہ پيچرو، نڪو ڪٽ رھن،
ڪُلُ شيءِ يرجع اِلى اصله، ڀيون ڏنائون ڀن،
آءٌ گھوري مٿان تن، جنِي آھِ اوڙاھ جي.

(٤٤)

جني آھ اوڙاھ جي، اونداھ عميقن،
جر اونھو، گھُورَ گھڻا، ڪي ڀجھڻھار ڀجھن،
نڪو ڀھر نہ پيچرو، وچان ويرَ ورن،
عقل اُت اوچون ٿيو، عالم ڪين ڪچن،
ڪا جا آھي ڳالھڙي، ڪمتر ڪي ڏسن،
جي اِنهيءَ راھ رمن، سي فاني ٿيا في‌الله سين.

(٤٥)

نڪو وَھ نہ وات ڪا، نڪو انت نہ ڇيھُ،
پندَ پَروڙي ناھ ڪو، آھ آنانگھو ڏيھُ،
ھلڻُ حيرت ۾، ڇيتاري ڇيھُ،
پَھتُ پروڙي پيھُ، اونھو پند آڙانگ گھڻو.

(٤٦)

دھشت دم درياءَ، جت ڪڙڪا ڪن ڪياھ،
ساوڻ جو سيد چئي، پلٽيو پٽ پَرياءَ،
ھاڻي ھيناھون وھين، جميعت ڪريو جاءَ،
ھو پڻ ڏينھن ڏناءَ، ھي پڻ ساڙَرَ سنبرِين.

(٤٧)

ھي پڻ ڏينھن ڏناءَ، ھو پڻ ساڙَرَ سنبرِين،
اچڻو تڙ ڍڪاءَ، پَتويت مڪڙا!

---

* نِڪونج = ڪُن، آوازُ.

Gul Hayat Institute

(٤٨)

هي پڻ ڏٺاءِ ڏينهن، هو پڻ سائرَ سنبريِن،
ٿـڙ گهڙنــــدءِ ايئن، پـتـو پٽ مڪڙا!

(٤٩)

ڀُريو پرئين پـار ڏي، مـتـي وهـَ وڃن،
هٿ ڪيائـون ٽڪيا، عاقل جت منجهن،
من عـَرف الله تعاليٰ ڪـَلّ لسانهُ، آهچ آهي آن،
توءِ نہ چاتي تن، ڪـَرَنا ڪامل پرسن جـِي.

(٥٠)

پنڌَ پـَروڙـي ناهہ ڪو، اوڏا ڏـي آهينِ،
پيهي ويـــا پـاتـار ۾، ساچاهي ساهـِين،
سوڏـي ساراهينِ، پاڻئون هلن پـاڻ ڏي.

(٥١)

منجهان ڏي مُونجهہ، عقلئون ويـا آماسجي،
پيئا جي نِـڪونجهہ، ڪنهن پر پـُرن پـَهيئڙا.

(٥٢)

موڙي تن محالُ، ڏـيـا فـنا في الله سين،
وڃائي وجـود کي، حاصل ڪيائون حالُ،
نڪو قيل نہ قـالُ، آنانگها آنانگهہ گهڻو.

(٥٣)

اونها ڪـُن آنانگهہ گهڻو، جـَرُ نہ چاڻي ڪوهہ،
جيڪو آنـــان اوهـَريو، ويـو لوهہ بـَلوءِ،
ڪڏهين ڪونہ چرءِ، ڪو آناهين ڏي آئيو.

Gul Hayat Institute

(٥٤)

جني آهيـ اوڙاھ جي، سي وچڻ کي ويا،
وجـــود وين وسري، فاني ســـي ٿـيـا،
إن العابدينَ الانبيا و المرسلين، آهـن اُو آميا،
جي وحدت سر ويا، ناھ نهايت تن جي.

(٥٥)

سمونڊ ڪنيو ساھ، ڪوڙيين موجون آٿيون،
سيئي ڪون مڪان ۾، سيئي ســي ٿيا،
الا إنهُ بڪلّ شيءِ محيط، مڙوئي درياھ،
آدميو جي اوڙاھ، ذات مڙيائي هيڪڙي.

(٥٦)

آدميو جي مهراڻ، ذات مڙيائي هيڪڙي،
الا انڪما ڪان، ويـــو وچائـيـن پـــاڻ،
جي پروڙين پرباڻ، ٻيو هڏهين ناھ ڪو.

(٥٧)

دعوا ڪنان دور ٿـيـا، ٻسي ٻُر پرينَ،
سي ٻـڌيو ڪِريون ڳالهيون، ويا ڪمن ورن،
ڪهتر ڪي رسن، جني آر اوڙاھ جـو.

(٥٨)

پاڻهي رهيو پاڻ سان، ويا سيئي شڪَ،
نہ ماڙهو نہ مرون، نہ ڪـي ڪـي ملڪَ،
قوتا سـپ قِيسي پيا، لٿي وچـان لِـڪَ،
سو سيڪڙُو ساسڪَ، ڳالھ مڙيائي هيڪڙي.

(٥٩)

ساموندي سفر جـو، ساري ڪئو سامان،
ٻـورج ٻُـربـنـدر ڏي، سچائـي سبحان،
نـاڪـئا رک نگاهـ ۾، نڪتُ ۾ نشان،
متان منجهي ۾ مهراڻ، جوکو ڪرين جهاز کي.

Gul Hayat Institute

(٦٠)

جوکي کان جهاز جو، تون ادا ڪج آرو،
اڳيان ڪُنُ عميق ۾، آهــي اوپــارو،
متان ٻـڏي ٻـار ۾، ٿئين لُڙهي لهوارو،
صبوح سوارو، تو سات چڙهندو سفر تي.

(٦١)

سات چڙهندو تو آئي، سُتَرُ تنهنجو پار،
پڙهه لا تَقنَطُوا مِن رَحمةالله، ٿيءُ آيت جي آڌار،
تہ صاحب رب ستار، تو اڪاري احسان سين.

(٦٢)

ٻـڏي جـوڙ جهاز ڪي، چيتاري چڙهـو،
جتـي پيچ پتڻن جـي، آتـي ڪيم آڙو،
سامونـدي سيَّد چئي، پنڃ ڪين ڪڙو،
جــان دنگ دڙو، تان ڪيو ڪيچ ۾.*

(٦٣)

بات پروڙيندڙ برهہ جي، سالڪ ويـا سي،
صراف هليا، سچ تـي، جوهري هما جي،
ماڻڪ مـوتـي آيـا، اڳـيـان انهن کي،
عينڪون جن اندر ۾، سون سڃاڻن سي،
ويـا سوداگر نکري، ڏيهہ ڏُوراڻي ڏي،
موتيو ماڪ نهاريان، ڏيو تسيا تَنَ کي،
لـڳـو پيهرن لوڪؤ، لالن نــتــو لــيـي،
مور مري ويا، هنس هلي ويا، ڪونجڙن رهيون نہ ڪي،
هيون مٺياڻون منهن جن جي، آو نانگ ڏي ويا نکري.

---

* (ن).

## وائـــي

ڪير ڇڏيندو، ڪونہ ڇڏيندو،
تہ ڪو آهين تون اسان جو.
تون ٻرتين رب کي، ڪر سفر جو سعيو.
جاني هن جهان مان وڃي لاڪاپا لاهيو.
نفسي نفسي ڪهڙو، ڪنهي سڀ ڪهندو.
امتي يا امتي، آت رسول رب چوندو.
آڳي پنهنجو امن ڪيو، ٻانهن تي ٻاجهايو.
بابي بيبيءَ فاطمه جي، ٻار سڀ بخشايو.
شمس وڏي شعاع سين، پوري تاءَ تپيندو.
آتي عبداللطيف تيَ، حضرت هٿ ڏريندو.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪليات

(١)

چنڊَ ڀُونئي منڊ، سنجهي ٿي سيخ ٿيئين،
ٻرين جي ٻرلاءَ جي تو لڳي ڪانہ ڀچنڊ،
ڪر اونداهي آنڊ، تہ ڀسون منهن محبوب جو.

(٢)

جا نشاني نور جي، سا ٻرينءَ پيشاني،
جيڏو ڪونہ جهان ۾ سندس ڪو ثاني،
قمر قرباني، شمس سڄو ڏي گهوريان.

(٣)

رنگ ڳوري رخسارَ، سرو قد سپرين،
جانب جلويدارَ، سهسين سورج موهيا.

(٤)

آيري آيتناهہ، تيو سهائو سوجهرو،
جيڪو ڪرڻو سو ڪيو، الست ڏينهن الله،
اکين ۾ آهاهہ، تي سين ڀسيو ڀانءِ ڪي.

(٥)

سڄڻَ سنبريام، شمس تنهنجي سوجهري،
هيڪتِ حبيبن جي، ويل نہ وسريام،
اندر آيريام، صورت سپيرين جي.

(٦)

سڄڻ سنبريوم، شمس تنهنجي سوجهري،
هلڻ حبيبن جو، ويل نہ وسريوم،
تيو چت چريوم، تجلي ڀسي تن جي.

Gul Hayat Institute

(٧)

شمس ۾ شعاع، سدا سپيرين جو،
سو نه پسي سچ کي، جنهن وڌو پاند مُهاءِ،
سورجُ جئن آهاءِ، تيئن مُرڪڻ محبوبن جو.

(٨)

ڏٺي کهڙيءَ ڏيٺ، قمر قريبن کي،
سچ ڪر سپيرين ۾، ماڪيان مٺي ميٺ،
مون هيئين ڪان هيٺ، ڪڏهين ٿين ڪينڪي.

(٩)

قمر قريبن سين، جيڪر تيئي ڏيٺ،
چئج حال حبيب کي، نِت منهنجو نيٺ،
آءٌ هيئين ڪان هيٺ، ڪڏهن پانيان ڪينڪي.

(١٠)

جي هيئين منجهه هُرن، سي پرين پَراهان ڪينڪي،
سچن نت سري ۾، چڱيءَ چال چُرن،
جي گهٽو گهر گهُرن، الله سي ئي آئيين.

(١١)

ڏنو ڏنو ڪن، سَتاڪيرون سجٹين، *
هُن ئي هُت جُهاريو، هي هتي تا پسن، ٢
اسان ۽ پرين، چار ئي اکيون چند ۾.

(١٢)

سيني سنگهر سون جي، ڪِچيءَ روپي ڪَت،
ڏاوڻ ڏايون نه رهي، وهي نه وکن وٽ،
سو ليپڙو ئي لٽ، جو ڪَجائي ڪک چَري.

---

* سَتاڪيرون = مبارڪون
٢ جُهاريو = سميويو.

Gul Hayat Institute

(١٣)

جي ٿيا حل حبيب سين، سچو تن ثواب،
ڪرهو ٿيو ڪباب، گهاڻــو پاڻيهي وهي.

(١٤)

قمر ڪارو نانگ، توکي ڪاڻــي ڪڍهين،
وچـــوڙو وڙوانـــد، ڏيهن ڏکويــن ڪي!

(١٥)

توکي ڏٺين ڏاريـــو، ڪرهـــا ڪيميائي،
تنهنجي سڌ سرواڻ کي، معلوم مڙيائي،
ڪر ڪا ڪمائي، جا اچي ڪم ڪشال ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر سامونڊي

( ١ )

آهيـن آسـاري، متـي تـڙَ گذاريين،
تو ڪيئن وساري، صحبت سامونڊين جي!

( ٢ )

جن لئه نيڻ جهجن، سي آءُ ڪٿ نهاريان! *
آيـل سارينـو آن ڪي، اوچنگارون اچن،
تـن ڪاري ڪيڙائـن، واحـد وار آئيين.

( ٣ )

بندر تـي پلڪار، سارو ڏينهن سـمونڊ جي،
نه چـائـان پهار، آن تـڙ اينـدا ناڪئا.

( ٤ )

وڏو پاڪ سـنـدون، مکو پيٽي موتـيـا،
وڃي سو ڏنون، جو روضو پاڪ رسول جو.

( ٥ )

مٿن ڪَپڙ ڪوٺ، اچــن سڙهه آپـڙيـا،
سامونـڊي مون گهوٽ، سيئي سلامت آئيا.

( ٦ )

مـون آيـي تڙ روء، پرين پڳهه چوڙيـا،
ڪا مون ۾ پوء، نه ته سڄڻ سپاجها گهڻو.

( ٧ )

مون ايي تـڙ پـاس، پرين پڳهه چوڙيـا،
ڪا مون ۾ باس، نه ته سڄڻ سپاجها گهڻو.

---

* جن لئه، نيڻ جهجن، تن پرڏيهه پوريو.

Gul Hayat Institute

(٨)

اڄن سڙهه اُپڙيا، مٿن مهاڏا مَلَ،
جي اڄن آبَ اُڇَلَ، سي ٻيڙا رکين ٻاجهه سين.

(٩)

ڀِٽن ڀَمي ڀچار، آن کي سِڙهه-ويندا ڳڏيا،
اُڪنڊيون اُپار، شال منهنجا موٽيا.

Gul Hayat Institute

# سُر سهڻي

(١)

گهڙو ڀڳو گهوريو، ويندس تان نہ وري
پسنديس پارُ پرين جو، تانگهو تار تري،
ميهار گَيِئون مري، پلڪُ پاسي نہ ٿيان.

(٢)

گهڙو ڀڳو گهوريو، هٿين تري هلُ،
خَيْرُ الْاُمُوْرِ اَوْسَطُهَا، تانگهو تانگهي مَٿل،
مَن قتلته و فديته، ارتان تانئج تل،
ساهڙ کي مَ سَل، منڌ ڳالهہ مهراڻ جي.

(٣)

گهڻيون گهوري هليون، سهڻيون سياري،
لاتَتَحَرَّكُ ذَرَّةٌ اِلّا بِاِذْنِ اللهِ، واحد جا واري،
ترهو نہ تاري، تارِي تِنين توهہ سان.

(٤)

گهڙو ڀڳو گهوريو، ترهي ناهي تات،
اچِي آتانهين پٽِي، جتي ڏينهن نہ رات،
عاشقاڻي ذات، مُئي ملهائڻي سهڻي.

(٥)

دهشت دم درياهہ ۾، جت ڪڙڪا ڪُن ڪَرِن،
سوين سيٽاها سير ۾، لڙهندا لک وڃن،
نہ ڪنڌي نہ ڪپر، نہ ڪي سڌ سُڄن،
ٻوڏِي ٻيڏانهين گهِڙي، جڏان وسيلا وڃن،
آتي اڻ تارن، ساهڙ سير لنگهائيين.

(٦)

دهشت دم درياهه ۾، جتي جر وهي جالم، *
لڳي موج مهراڻ ۾، اپر گهڻو آجم، ٢
ٻيڙين ۾ ٻـرم، الله رکج آنارئين.

(٧)

دهشت دم درياهه ۾، ويـر وراڪا ڏي،
اچي گهڙي آر ٽـان، ساهڙ سنياري،
سنجهي وڏي سهڻي، لهرين مـان لنگهي،
سو ميهارَ مُ ملي، آهيان جنهن جي آسري.

(٨)

دهشت دم درياهه ۾، جت پاڻي پڇاڙي،
جان جان نينهن نڪون ڪري، توڏي تيئن تاڙي،
وهـ تکو، گهور گهٽا، آرن ۾ آڙي،
رهـبر رساڙي، لطف ساڻ لطيف چئي.

(٩)

دهشت دم درياهه ۾، جت ڏڏڪو ۽ ڏمڪار،
توڏي تاڪن وچ ۾، آب گهڙي اختيار،
ميان هن مريض جو، ڪر اونهي مان اوڪار،
هادي هٿ ڏيکار، ته اونهي مان آڪري.

(١٠)

دهشت دم درياهه ۾، جت پير آهتي پٽ،
آئيو آب اچلي، رؤ رڻـاڙي رت،
ڏم ڏهاڙي ڪيترو، ڪري خوب ڪپت،
ساهڙ ڪر سپت، ته اونهي مـان آڪران.

---

* جالم = ظالم
٢ آجم = اعظم.

Gul Hayat Institute

(۱۱)

اونهي مان آڪارئون، هادي ڏيئي هٿ،
ڏي دوس دلاسو دل کي، ڪامل ٿئي قوت،
سنڌي ساهڙ سٽ، هلي پسان حضور ۾.

(۱۲)

طالبِ ڪرَ تو ڏِي، جي تون طالبُ تو ڏيءَ جو،
عاشقن اوڏِي، معشوقن جيِ من ۾.

(۱۳)

توڏيءَ کي تقدير، آئي گهيڙيو آنهين،
اصل آنائين آن جو، ڪنيو هو خمير،
ڏکيو جو قدير، سو تي سهي سير ۾.

(۱۴)

پيون گهڙن ڏينهن، هيءَ روئي ۽ راتين گهڙي،
وهه پسيو واهڙُ تري، ڪِي نمائِي نيهن،
ميڙائي جا مينهن، ويچاريءَ وسائيا.

(۱۵)

چڙا تو چورِي، ٻولي ٻُجهائِي ڪن،
رنگ ڏيئي ريهه جو، توءِ جاڳايو جن،
سدا توکي من، لڳي لار فراق جي!

(۱۶)

چڙا تو چورِي، ٻولي ٻُجهائِي جن،
رنگ ڏيئي ريهه جو توءِ جاڳايو تنِ،
سدا مون آنهنِ، لڳي لار فراق جي.

(۱۷)

چِٽُ جڙن چوريو، ڪنِ ٻڙلاءُ پيوم،
تارون جي تن من جون، تنِ ساهڙ کي ساريوم،
شرابا طهورا، پِريتنِ پياريوم،
تارِ انهيءَ تاريوم، اڪ تارَ نه، هئي تنهنجي.

Gul Hayat Institute

(١٨)

چِتُ چڙن چوريو، ڳهڙي نه گهيڙيوس،
ساهه پنهنجو سِير ۾، گهورن جيئن گهوريوس،
مُوتو قبل انت مُوتو، اندر ڏکَ ڏوريوس،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، عجيبن اوريوس،
ڪپر ڪين ڪيوس، جنهن جو مُنهن مِهار ڏي.

(١٩)

اڄ پڻ اکڙيون، پِيون پار پِرِينِ جي،
مون ڪي محبوبن جون، چِٽڪن چِتِ چڙيون،
جي مهار ڪي مڙيون، سي لهرين لوڏيون ڪينڪي.

(٢٠)

هيءَ پِرِ، هي هندوس، جو ڪوڙو ٿيس قريب ري،
روز ڏهاڙي راهه تي، مٿي پار پندوس،
عشق جو عبداللطيف چئي، نڪو سنگ سندوس،
ساهڙ ساهه نِدوس، نيڻُ پائي نينهن جو.

(٢١)

عشق جي عميق مان، چڱڻو چکيائين،
وهڻ تنهن وهه تيو، گهرٻار گهوريائين،
الاالله آسڻ ڪري، سرير سُوجهيائين،
من عرف نفسه فقد عرف ربه، ڏيلان ڏٺائين،
پرتئون پسيائين، منجهان سڪ ساهڙ ڪي.

(٢٢)

منجهان سڪ ساهڙ ڪي، پرتئون پسيائين،
ترهي سندري تار ۾، رٽ نه رکيائين،
ٻنڌڻ جي ٻڌڻ جا، چڪي چناڻين،
لڱن سين لنگهيائين، درياءُ سچو دم ۾.

Gul Hayat Institute

(٢٣)

مٿي ٻُرسَ ٻاڪ، سونهي سِرِ ساهڙ جي،
ڪانهيون جي ڪَلاب جون، ڇَريو ڪن ڇاڪ،
جنت سندا جُوءِ ۾، مينهين مائيا ماڪ،
سڀ لاٿائون لاڪ، ڪلمي جي قرار سين.

(٢٤)

اکيون مُنهن ميهار ڏي، جوڙي رکيون جن،
ري سَنڌَ سيد چئي، توڙي تار گهڙن،
ساهڙ آيو تن، سانيپاران سڌ ڪري.

(٢٥)

سندا تنهن سنگهارَ، مَرڪُ تيام ميهٽا،
آڪنڊ سندس اندر ۾، آهي مون اپار،
منهنجي من ميهارَ، اندر اوتارا ڪيا.

(٢٦)

اندر آڏميوم، ڪري مُنهن مهراڻ ڏي،
البحر والبحرين، تَرُ سو تانگهيوم،
ميهارُ تي مليوم، ڏِنم ڏهاڪ ڏم ڪي.

(٢٧)

لهوارا تان لَڪ، هوڙءَ تان هَرَبُ هيڪڙي، *
آيون اوباهن تي، جونيون مارين جڪَ، ٢
لٿيو آت لطيف چئي، ڪوڙيون پٽن ڪڪ،
واهڙ تني وڪ، جن سانيپاران سپرين.

(٢٨)

ڪاري رات ڪچو گهڙو، سيارو ۽ سيءُ،
لَڳي لهرَ آڏ ڪيو، جدا منهنجو جيءُ،
تورَ-ويرَمي تيءُ، ساهڙ ڪارڻ سهٽي.

---

* هرب = هرنب = هَرَنبُ = آرنب = پاڻيءَ ۾ ترڻ لاءِ ڀرين چلانگ
٢ اوباهڻ = ڪپر، گهيڙُ.

Gul Hayat Institute

(٢٩)

ساڻيارن ساهڙ کي، ڏونهين ڏونهن ڪيو،
لڳي ڪرٽ ڪپار ۾، پلٽيو پيو،
مهارُ مَنِ رهيو، ڏونهيون ڏيکي پيون.

(٣٠)

ٻُڌا ٻوڙن جيئن، سارَ سُڪن جي نہ لهين،
مون تن اندر جيئن وهي، تو ۾ تڪ نہ تيئن،
ادا گهرجي نہ ايئن، واهڙَ واڍوڙين سين.

(٣١)

ٻُڌا ٻوڙين ڪيئن، سار سڪن جي نہ لهين،
مون تن اندر تيئن وهي، تو ۾ تِڪَنِ جيئن،
ادا گهرجي نہ ايئن، واهڙ واڍوڙين سين.

(٣٢)

ڪو جو وريو واهہ، واسُ وٽائن ڇڏيو،
گهوريو گهوري ساهہ، مٿان ساهڙ جنڊڙو.

(٣٣)

ٽيڙهي سينگار، منڊ مرندي ڇڏيا،
ڳچيءَ واريو ٻانهڙي، وِهي ساڻ وچار،
لطف ساڻ لطيف چئي، سکهو رس سُهار،
عشق جي آڌار، پار سونهايم پيچرو.

Gul Hayat Institute

(٣٤)

وار ٻَڌائين وانگوڙي، مينڍو مولهائي،
ساهڙ ڪارڻ سهٽي، گهڙي نينهن گهائي،
ڪرڳل ڪوچ ڪُنن جا، آئي آڇاڻي، *
سيسي منجهہ سائي، ڪَنڌي ڏِٺي ڪُن ۾.

---

* آڇاڻي = ڇڏي، پار ڪري.

(٣٥)

پسي دور درياهہ جو، وڇان، ڪين وِهان،
محبتي مهار لاءِ، سسي ساهہ ڏيان،
وڃي جال جيان، لالن پر لطيف چئي.

(٣٦)

ساهڙ ڌاران ساهہ، رهي نہ رتيءَ جيترو،
مون کي محب مهار جو، گهٽ منجهان ران گهاءُ،
اونهو جي اوڙاهہ، ڪين پڌنديس ڪڏهين.

(٣٧)

ساهڙ، نہ ساڻي، نہ ٻيلي، نہ ڏم،
اچي پيم اوچتو، منجهہ ڪُنن ڪم،
ٻيڙين ۾ ٻرم، آگا رک آڌار جو.

(٣٨)

ٻاڻي سهي نہ ٻيڙ، لهر نياپو نہ مُڪڙي، *
آئيندم ڪير، سُڌيون ساڃيارن جون.

(٣٩)

چاڪ چُري، تار تري، آيون لڙ لڱن کي لائي،
ڪچا ڪاڏهن ڪپن جا، آيون ٻورن ۾ ٻائي،
مِهار م لاهي، مِهر پنهنجي مال تان.

(٤٠)

ڪاسان، ٻچان ٻچران، ٻـران ۽ ٻڙڪان،
اُچريو ٻوان آرن ۾، نہ ترسان ڪنهن تڙ ڪان، ٢
ڪاري ڪارونڀار ۾، واڳن جيئن وڙڪان،
لهرين ۾ لڙڪان، ٻيڙُ ٻيليرا سپرين. ٤

---

* مُڪڙي = موڪلي
٢ ٻچل ٻاندي ٻار ۾، تہ ترسان ڪنهن تڙ ڪان
٤ لهرين ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾

(٤١)

ڀيرُ ڀليرا سپرين، ڀلا ۾ ٻيراهه،
ٽوريءَ ٽڪيو ناهه ڪو، والي ٽوريءَ واهه،
جنهن جي ساهڙسان صلاح، سي ٻجهان ٻڏن ڪينڪي.

(٤٢)

ٽورن تي ٽورا، مون تي محب مهار جا،
ڳڻي ڳڻيان ڪيترا، تنهن ساهڙ ڇام سندا،
ٽــرن واري ٽــورڙي، تنهان گهڻيرا،
ان تعدو نعمت الله لا تحصوها، پڙري پروڙا، *
مونهين وس نه ڪا، جو ٻوري رهان پرينءَ سين.

---

* پڙري = هلايي، وڏي.

Gul Hayat Institute

# سُر سارنگ

(۱)

اڄ پڻ اُتر پار ڏي، ڪڪرَ ڪيائين،
روضو پاڪ رسول جو، ريجهي رانيائين، *
آئــي ڏنائين، عـالـمَ آب اگـونـدرو.

(۲)

ڪڪر آيا ڪيترا، هيءُ ڪڪر منجهان هيڪُ،
تون مڃ محمّد ڪارڻي، جو عالمَ جو انيڪُ،
جنهن ٽر ڏيئي ٽيڪُ، پنڌُر پوڄُ پيارئو.

(۳)

سي ڪڪر پسو آيَ مَ، آتران جي اچن،
ابـر سندي آسري، وچـون وراڪا ڪن،
وسـي وڏڦڙن، سـائـهه ڪـي سـڪي ڪيو.

(۴)

وس بـادل وس، پـرج مـٿي پـون،
ساري ساهُه جن کي، مـولا ميڙيين مـون،
واحدَ ڪر وسون، ته اوکيون لهن عنات چئي. ۲

(۵)

وڏي آسر آيـون، ڏوليـون ڏٺ ڏيلاهي،
ڪنڪيون ڪلاچ مان، پکيون پٽَه پيلاهي،
ڀـڪنديون ڀلاهي، وييَن گونـدر گـڻ ٽي.

---

* روضي پاڪ رسول جي، پلر پلٽيائين

(٦)

اچـي اَج اَکتيون، کيـتـئـون پـُر پـُران،
وسي وڄڙين کاڻ، لاٿي کـڄ وڻن تان.

(٧)

مکي تـان موٽيون، آئيون تـي عرفات،
بصري ٿيي برسات، آيون جانيء جـوء ۾. *

(٨)

تـر گجيو، بـر گجيو، گجيو ديسان ديس،
واھ تني جي ويس، جي وڄون وسڻ آيون.

(٩)

بادل بونـد وساء، روضي تـان رسول جي،
رُسندل کيم رُساء، وس نہ ورن سپرين.

(١٠)

مند ٿي منبل وڄـيـا، آگم لاڏـي آور،
مينهن وسي موڪ کـي، پرپائين پرپور، ٢
جي دوست هئا دور، سي پرين پنهي گهر آيا.

(١١)

ڏٺ ڏري پـٽ پپيون، وڄـن کيا واندا،
اوهيرا عنات چـمـي، الاهـي آنـــدا، ٤
ڏيندا پاهـ پٽن کي، ٻـوڙيـنـدا ٻـانـڌا
کندا هيکانـدا، وڇوڙيـا واري پـريـن.

(١٢)

اڄ پڻ اتـر پـار ڏي وڄون کن واندا،
تيلهيندين ٿـرن کي، ٻوڙيندين ٻانـڌا،
مـــارو هيکانـــدا، الله اوري آڻيـيـن.

---

* بصري ٿي برسات، جاني آيو جـوء ۾
٢ مينهن وسي موکون کيون، پٽـيي پهرئين پـور
٤ (ن)

Gul Hayat Institute

(١٣)

ڪکرَ ڪوٽَ، ٻُرج پِرڀن، سڄڻ سَرهيون ڪن،
منداڻتي مينهن جون، جهلون تيون جهان،
آهِ پڻ مستان تن، انڊلٺ تي ايران.

(١٤)

تر وٺا، ٻر وٺا، وُٺو وارياءِ،
ماڪاڻيءَ تان موتيو، ڏيئي پٻ پاءِ،
خاوند ڪيو خاءِ، ڇيهو ڇُڪيءَ ڪنڊئين.

(١٥)

پيءُ پسايو پانهنجو، نوري نظارو،
ويو غم وجود مان، ڪيو ڪلفت ڪنارو،
آيو سويارو، مَنَ مرادون پُنيون.

(١٦)

ويچاريون ورن ري، گهڻن گهوماڻيون،
سڱيو رڙ رعد جي، اٿين اُٿايون،
ٻَرن بوساٽيون، پيءُ ري آن نه اُڃهي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪيڏارو

(١)

محرم موٽي آيو، مانجهي موٽيا ڪين،
جايون آنين لٿه جُڙيون، اعليٰ ۾ عليين،
سيد الشهداء اهل الجنة، اِها صفت سندين،
توڙانئين تسڪين، آهي عاصين کي.

(٢)

محرم موٽي آيو، آيا تان نه امير،
ورنه وري نه وريا، شهزادا شهير،
منهنجو امامن کي ساري گهڻو سرير،
اندر ۾ آنين جي آهي گهڻي آڪير،
مديني جا مير، ڏاتر مون ڏيکارين.

(٣)

محرم موٽي آيو، آيا عاشوري ايامَ،
ورنه وري نه وريا، سندا عالمَ جامِ،
سندا حق امامَ، ڏاتر مون ڏيکارين.

(٤)

محرم موٽي آيو، آيا نه حق امام،
الفراق بيني و بينهما، عاصين تي قيام،
صحي شفاعت آنِ جي، مٿي آدم عام،
عالم ٿين انعام، آڳي جي احسان سين.

Gul Hayat Institute

(٥)

جني جهيڙو هاڻ، عليءَ جي اولاد سين،
مهندان پُوندين ڪاڻ، جي جماعتي يزيد جا.

(٦)

ڏال ڏَرڪو، ڪُندَ ڪَڙڪو، مانجهي جيت مرن،
مِصريُن مُنهن ڪيا، هَڏَ ڪڙڪا ڪن، *
ڪِرن ڪوندَ نچن، رڻ گجيو راڙو ٿيو.

(٧)

سورهه مرڻ سوب ڪي، ته جامع سين جوڙ،
آئِي تيغ عشق جي، تِنهان مُنهن م موڙ،
وهم حيلا وجود جا منجهان من واڍوڙ، ٢
نانهه نجن نفسُ نهوڙ، ته راز پروڙين رَند جو.

(٨)

آيو علي شيرُ، مَرڪيو مديني ڌڻي،
سونهاري سيّد ري ڪوٺ ٻيجندو ڪير،
شير ورتو ويرُ، پٽ ۾ پَوارا ڪري.

(٩)

ڪامل ڪربلا ۾، آيا آل عليؑ،
شمس، قمر، هَوا، والي وحدت ويءُ،
سي قربئون ڪوڏ نپايا، پلاريءَ بيبيءَ
ساهه برابر سانڍيا، سيّد روءِ شبيهه،
نورالعين نبيؐ، رڻ ٻيين راتڙي.

---

* مصرين مُنهن ڪيا، هڏ ڪڙ ڪڙ ڪن،
الله شهزادن سوپون ڏيين سچا ڌڻي.

٢ وهم حيلا پانهنجا، منجهان من واڍوڙ،
ناجي، نفس نهوڙ، ته راز پروڙين رند جو.

(١٠)

ڪربلا جـو قضيو، جڏهن پـوي جـِيءَ،
وسن ڌـا وجود تـي، سـنـدا سورن سـِيءَ،
ڏهنن ڏڌـــا ڏاڪـڙا، نـانـي ري نـبِيءَ،
فرزنـد بيبي فاطمه، پـرنـيما پاڪ پـِيءَ، *
والــي وارث ورِيءَ، رڻ ۾ رُڪ روهيا.

(١١)

ڳِجهون ڳاڙهي وات، مون لهندي ڏٺيون،
جُڪُس مانجهي مـاريـا، رڻ پيين رات،
پڪارون پـريـات، ٻُڌو ٻانهيارن جـون.

(١٢)

ڪامل ڪربلا ۾، آيـــا پـــاڻ امام،
مــاري مصرين سـين، ڪنباياٺـون ڪمامَ،
ڪپيائـون ڪوفين جـــا آتـــي اڙدهام،
ڪاڙهو تـيـو قيام، حادثو مير حسين جو.

* فرزند بيبي فاطمه، پاڪ پيارا پـِيءَ

# سُر آبري

(١)

ڪِجا غور غريب جو، موٽي آئين ميان، *
پير نه ڇڏيندس پرَ جو، جاسين تَنِ جيان،
سسي ساهه ڏيان، پنهونءَ ڪارڻ پَبَ ۾.

(٢)

پنهونءَ ڪارڻ پب ۾، ٽِڙي جَرِيدِي جوءِ،
هٿِي ناڏُڪَ مينهن جِيي، ويا هو ناٿِي هوءِ،
رائـِي، آيِي روءِ، مُنڌَ اُٻهاري، اونٺين.

(٣)

منهنجو من مُنجهائيو، جتن جي جمالَ،
وڏو سور سرير ۾، ڪيچن جي ڪمالَ، ٢
هوت نه پاڇي حالَ، موٽي ٿيا معذور جا.

(٤)

موٽي ٿيا معذور جا، حال نه پاڇي هوت،
لڳندي لڪن ۾ پاڻان ٿيندس پوت،
مٿي تـائين موت، سڪ ٻاروچي نه لهي.

(٥)

پَليون ڪوهه پچن، پربت پهر پنهونءَ جو،
لهسيون ٿيون لچن، جن ڏٺو هوت اکين سين.

---

* ڪجا غور غريب جو، موٽي ڪو ميان
٢ ڪو جو سور سرير ۾، ڪيو ڪيچين جي ڪمال

Gul Hayat Institute

(٦)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جِت چٽون چانگارين،
شيشا لعل گلاب جا، ڇپر ڇالارين،
مهميزون متين جون معذور کي مارين، *
واڳون شل وارين، سائيهه تي سيد چئي.

(٧)

وڏا وڻ وڻڪار جا، جت ٿاريءَ ٽوڻر لڏن،
روضي پاڪ رسول جي، اپر عالمن،
منهن موچاري ماڻڪي، مديني ڏٺين،
مکي پاڪ ملڪ ۾، ڪنٺهار ڪڙن،
آئان ٻاروچو آيو، ونتو واس وڻن،
آئي آسونهين، ٻاروچا ٻيلي ٿئين.

(٨)

وڏا وڻ وڻڪار جا، ٿاريءَ تاريءَ ٽوڻر،
وڻا مينهن وڏ ڦڙا، گل ڦل ڪِليا گوڻر،
وٺيو واس وڻن جو، پيرا ڏين پوڙر،
ڪامل ڪيچي ڪوڻر متان مون کي ڇڏيين.

(٩)

وڏا وڻ وڻڪار جا، کهيون ڪانڊيرا،
واٽ ورلي، لُوءِ گهٽي، جت ڏونگر ڏاڍيرا،
اوچا نِم نَيُن جا وڻن جا ويڙها،
ارڏا اورانگهي هليا، لڪن تان ليڙا،
وريا ڪنهن ويرا، سڏ منهنجا ٿاب پيا.

---

* منزلون متين جون معذور کي مارين

Gul Hayat Institute

(١٠)

واقف نہ وڻڪار جي، نہ مون ساڻ ثمرُ،
سفر جو سيد چئي، ڏاڍو اٿم ڏرُ،
جانب ڏاران جيڏيون، پروسو نہ پرُ،
مون ولهي مٿي ورُ، ڪجا رهبرَ راهه ۾. *

(١١)

واقف نہ وڻڪار جي، نہ مون ثمر ساڻ،
پيهي پڇايان پرَ ڪي، لڇان لالن ڪاڻ،
ٿل سات سڄڻ ساڻ، وڃي ڪڏ گذاريان.

(١٢)

منزل دور من تنها، جت پيلي ناهه پيو،
هيءَ هيڪلو جندڙو، ورهن وڪوڙيو،
هي قضا ڪم ڪيو، تون رهبر رسج راهه ۾.

(١٣)

منزل دور من تنها، ساٿي نہ پاندي،
لٽي لوڙهہ غريب جي، ڪالهه وريا ڪاندي،
پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿئي.

(١٤)

منزل دور مَ مٽ، چڏ مَ سير لڪن جو،
ڏنءَ جي واٽ م لٽ، لڏنءَ ري حيف هئڻ کي.

(١٥)

ڏرن جت ٻرن، ڪوڙيين قنديلن جون،
وڻ ڏڻ وَلين چانڊيا، چانگا تا چرن،
رهن ڪٽيي، ڪنڌئين، بوتا منجهہ برن،
وڃي مانُ ورن، پانهيءَ پنڌڻ جن سين!

---

* ولهيءَ ڪري وَرُ رهبر رسج راهه ۾

(١٦)

ٻانهيءَ ٻنڌڻُ جن سين، الله سيئي آڻ،
پيم جا پرينءَ سين، ڪنهن پر لاهيان ڪاڻ،
آهيان گهڻو اڄاڻ، موٽ مسافر سپرين.

(١٧)

هٿين تہ حجاب، لنگهہ تہ لهين سپرين،
الصلواة و مِن الصّلواة، ڪامي ٿي خراب،
جسمي دوزخ داب، ڪلون ڪائين داخلين.

(١٨)

جُتَ ٻئي ٻنهہ جهانَ، هاڙهي پيچ مَ هوت ڪي،
ٻسي گس ڳنگن جو، ونءُ آنهيءَ وات، *
لڪن منجهہ لطيف چئي، ٻئي ٿيءُ پيماتَ،
ڳوڌن واريا ڳاتَ، تون ٻن هلج تڪڙي.

(١٩)

جدائيءَ جا جليلَ، ٻہ تا موڙ هئن سين،
اديون آربچن جي، ماريس درد دليلَ، ٢
ور ولهيءَ جا وسيلَ، سورن ساڙي آهيان.

(٢٠)

ڏٽڙ وني ٿاهرَ ڪر، ناحق ڏارَ مَ ڏور، ٤
لڳي لتڙہ لاڻن جي، پوري مَن مَ پور،
سوئي صاحب سور، سيني جو سيد چئي.

---

* چڏ مَ گس ڳنگن جو، ونءُ انهيءَ واتَ،
لوڪن منجهہ لطيف چئي، ٿينديءَ پيرَ پيماتَ،

٢ مون کي مادر ماريو، درد جي دليل،

٤ ڏٽڙ پسي ٿاهر ڪر، ناحق ڏيهہ مَ ڏور
لڳي تيئن لامن جي، پوري ٻاڻ مَ پور

(٢١)

آري ڏي نہ اِيئن، اکڙيون آنديئن کي،
وَنيون جي وڇايان، سي هونديون هيئن، *
ڪُوڙيون پسن ڪيئن، پيشاني پنهونءَ جي.

(٢٢)

ايءَ ڪم ڪوهيارن، جيئن ڪُهيون ڪٺن پاڻ سين،
آڏريون نِڌريون پاڻ سان، سڀ نباهي نِيَنِ،
ڇڏي وڃن ڇپرين، اي تان هوت نہ ڪن،
ڏونگر منجهہ ڏيَنِ، دلاسا دل ماندين.

(٢٣)

پانڌي پيچ پريءَ کي، قدم پير ڌري،
پنهون پيرَ پري، ڌرج جنازُ جبل تي.

(٢٤)

پائي حال هلي ويا، مون کي متيائون،
ڇڏي نمائي نند ۾، ڪرها ڪاهيائون،
معذور ماريائون، وِهان تان نہ وس پيو.

(٢٥)

پائي حال هلي ويا، تن ڪيچن ڌاران ڪالهہ،
آئن ۾ اوتيڙن جو، مون نہ گهرجي مالُ،
نالي ڪيس نهالُ، اديون آريچن جي.

(٢٦)

لڳا سر لٽڪن ۾، ڪنڌا ڪانڌيرا،
وڃي ڪيچ قراريا، ڏيئي ڏک ڏيرا،
پٽون ٽيا پيرا، پرندي ڄام پنهونءَ ڏي.

---

* ونيون جي وڇايان، ساڻ نہ هونديون هيئن

(٢٧)

ڀائي حال هلي ويا، لڱن چڙهي لوءِ،
سيڻن لاءِ سيد چئي، رويو رويو روءِ،
قدر ڪيڇين پوءِ، مانَ منهنجي پنڌ جو.

(٢٨)

رائي رهائي، هلي منڌ هٿن سين،
تريون تنگ ورن ۾، چني چڏيائين،
آتي عبداللطيف چئي، رَهه ۾ رنائين،
سسئيءَ جا سائين، وڃهج پاڄهه پروچ ڪي.

(٢٩)

آءُ نه گڏي پرين کي، عزرائيل آيو،
هذا فراق بيني و بينڪم، تنهن ڪجهو ڪالهايو،
ستي جاڳايو، ملڪ الموت مٺيءَ کي.

(٣٠)

آءُ نه گڏي پرينءَ کي، حشر ٿيو هاڻ،
عزرائيل الله جو، وٺيو وڃي ساڻ،
هوت ڪوهياري ڪاڻ، مٿي رَند رهون ڪريان.

(٣١)

منڪر ۽ نڪير کي، سسئيءَ ڏنا سلام،
لڳه لطيف چئي، ڏج پنهونءَ کي پيام،
ڪاري ٿي قيام، حشر ڪري هليا. *

(٣٢)

منڪر ۽ نڪير کي، جڏهن ڏنائين ڏوران،
اکيان آتي ان جي، گس پڇائي گوران،
پيغمر پنيوران، پڇن مانَ پر ڪنهين.

---

* ڪاري ٿي قيام، حشر جو هَل ٿيو.

Gul Hayat Institute

(٣٣)

ولاڙيو وٺين چڙهي، لامن مٿي لس،
کين پهتي ڪرهن کي، وڏا ڪيائين وس،
سندا ڏيرن ڏس، پڇيائين پکين کان.

(٣٤)

ولاڙيو وٺين چڙهي، رتو رنائين،
والله غالبٌ علي امره، اعين آتائين،
لکيو لڏائين، هو جو مقصود من جو.

(٣٥)

ولاڙيو وٺين چڙهي، پيري پنيءَ روءِ،
پسي سونهن سيد چئي، پٽي حيوان هوءِ،
جانب ڪارڻ جوءِ، ووڙي ٿي وڻڪار ۾.

(٣٦)

ولاڙيو وٺين چڙهي، ڏاڍي ڏک پٽي،
ڪڙهي بت ڪارو ٿيو، هي پريت پت پهي،
إنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا، ڪيائين ست صحي،
ڪيچين جا ڪهي، سا ڏي رهيس روح ۾.

(٣٧)

ولاڙيو وٺين چڙهي، جيئن پاپيهل پري،
عشق آريءَ جام جو، ڏيو چاڪ چري،
العشق نارٌ يحرق ماسوا المحبوب، انهي پنڌ پري،
هنئين منجهه هري، سرپر سندي سڄڻين.

(٣٨)

ولاڙيو وٺين چڙهي، جهڙو گلابَ گلُ،
پسي سونهن سسئيءَ جي، پيو حيوان هل،
سر صدقو، بدن بخرا، ڪيچين ڪارڻ ڪل،
آهين مندُ امل، جي ساهه ڏئين تون سڪ ۾.

Gul Hayat Institute

(٣٩)

جتن جلايـاس، سـتـي سيج پلنگ تـي،
سرهڙ سـرواڻن جهي، پينر پلايـاس،
رهه ۾ رلاياس، ڪاڪل ڪانڌ پنهونءَ جي.

(٤٠)

جتن جـلايـوم، ستي سيج پلنگ تـي،
قاصد ڪري ڪيچ ڏي، هـتـان هلايوم،
پنهون پـاڙيچن ۾، مـرڪـي ملهايـوم،
رَهـه ۾ رلايوم، ڪاڪل ڪانڌ پنهونءَ جي.

(٤١)

جتن جلايوس، سـتـي سيج پلنگ تـي،
چڙهي چاڙهيڪن تـي، سورن سلايوس،
ڏيـرن ڏنگائـي ڪري، رهه ۾ رلايـوس،
حـب ۾ هلايوس، ڪاڪل ڪانڌ پنهونءَ جي.

(٤٢)

جـتـن جـلائـي، سـتـي سيج پلنگ تـي،
ڪيچين سائس ڪانه ڪـي، پينر پـلائـي،
سيڻن سائس سور جـي، سڌ نه سـلائـي،
سا حـب ۾ هـلائـي، ڪاڪل ڪانڌ پنهونءَ جي.

(٤٣)

جـتـن جلايـو، ويـئـي ويچاريءَ ڪي،
ڏونگر ڏيج ڏکيءَ ڪي، هـوتـن هلايـو،
ڇڪيءَ ڪي ڇـور ڪري، چانگن چلايو،
مون سرتيون سلايو، ته ڪنهن پر ڪوهيارو وري.

(٤٤)

ڏوهه ڏاريـون ڪن، لـنـديـن سندا لڪ،
سـتيـن پنهنجي سـيـل تـي، پچاڙيا پڪ،
ان پر لنگهائيندو لڪ، جن جي ڪنڌي نام ڪريري.

(٤٥)

ڏسي ڪَرَ ڏاري، اندر سَتي سسئي،
ماڙهو ڏيـن مهڻا، هيءَ وهسي ويچاري،
لوڪ نه لکيي ڪڏهين، پنهونءَ پياري،
انهيءَ پَر آري، ڪاڻ ڪميڻيءَ ڪئيو.

(٤٦)

لَنڊيون هِنَ لوڪ جون، مر هزارين هُون،
آئي پهر انگڙا، ڏويو ڏويو ڏُون،
پير پٽ نه پُون، آن جا عبداللطيف چئي.

(٤٧)

لَنڊي تي لاڏ ڪري، سَتي سيڏائي،
آسرو آهي، لنڊيءَ کي لباس جو.

(٤٨)

لَڪَنَ جي لَنڊين جا، لوڪ نه چڱا چوءِ،
پرو تن کان پوءِ، جي ايندن ويندن سنديون.

(٤٩)

لَنڊيون لک لطيف چئي، تيون دوزخ کان دور،
جڙين جاه جنت ۾، هليون ڏانهن حضور،
تن ستين وڏو سور، ونگيون رهيون ورن سان.

(٥٠)

ستين سڀ چمار، وڃائي وڏائيءَ سان،
ستيون پنهنجي سيل تي، ڪنبيون نه ير قهار،
وتان هوت هزار، آن جا ڪوڙئين ورندا ڪيترا.

(٥١)

جيسلميريائيون جڳ ۾، اڇا پڻ آهين،
وڃيو لگ لائين، لله ڪارڻ لوڪ سان.

Gul Hayat Institute

(٥٢)

ٽن جيسلميرياڻين جس، جي الله ڪارڻ لنڊيون،
لاٽائون لطيف چئي، مٿان قلب ڪس،
هيت به رهايون رس، هت به گڏيون هوت کي.

(٥٣)

ڪُوڪيو ٻچي ڪوهه، هڪيا هٿي هٽڙا،
سا ڏکيائي نه ڏي، سندو ڏيرن ڏوهه،
رائي روئي روهه، منڌ ڳوڙهن سان ڳهه ڪيو.

(٥٤)

اڃي جي مڇي، اٿون پهر آٿ ۾،
جيڪس ٻاروچا ويا، سڌ پڇن ڪين سُڄي،
لَڪن ۾ لُڇي، لالن لاءِ لطيف چئي.

(٥٥)

ڇڏي منڌ پنهور ۾، زور، وٺي ويا جَتُ،
پَسي ڏک ڏيرن جا، سسئيءَ ڇڏيو سَتُ،
ته پنهونءَ سندي پَت، کهڙي رهيس ڪيچ ۾.

(٥٦)

هلندي هوت پنهون ڏي، وڃڻ ڪجي وس،
ڪنان ڏاڍين ڏونگرين، جڏي ڀڃي جس،
ان کي عبداللطيف چئي، پريم اڃي پس،
راهه ۾ اڃي رس، جنهن تقدير تپايو.

(٥٧)

تقدير جا تبار جي، مور نه ٽري ماهه،
کل نفسٍ ذائقة الموت، جيئڻ مون نه جڳاءِ،
هيءَ هيءَ ڪري هاءِ، هلنديس هاڙهي سامهين.

Gul Hayat Institute

(٥٨)

تـائـي تقديـرن، پيري هنئين پـنَ ۾، *
العشق نارالله إذا وَ قَعَتَ^ في قلوب العارفين،
جلائي جتن،
سُونهائي سورن، کيي هيڪاندي هوت سين.

(٥٩)

تقديـر تـائـي، کي اوڏي عزرائيل کي،
مهر نہ هٿي مائهئين، وٺـا حڪم هلائي،
لا تَقنَطوُ مِن الرحمةالله، اِي آسرو آهـي،
ساجـن سڄهائـي، ملي مـاري هاڻو.

(٦٠)

تقديـرؤن تـڪ ڪيو، سمٽي سيوئـي،
ڏکيءَ ڏئـو ڏيـل ۾، مخفيءَ مڙيوئـي،
رڃـن ۾ روئـي، تيس خيالُ خفيءَ جـو.

(٦١)

حسب نسب ناهِ ڪو، نڪو ذات ضرور،
آريءَ جي عشق جـي پوئي جـي پـروڙ،
مٿي ٿي مجبور، تہ سُنهائي سات ڏئي. ٢

(٦٢)

جـا نہ مرڻ مهاڙ، سا نہ سڄاتئي سٽئي،
تـو سامائـي سٽي مـرڻ ڪـو مردار،
ڪُپر سين ڪوهيار، لوئـي تـو لڄايو.

---

* تائي تقديرن، پيري هنئين پوڻ ۾
العشق نارالله المُوقدة، جلائـي جتن

٢ مـٿـي ٿـي معذور، تہ سُنهائي سات ڏئي

# سُر ديسي

(١)

ڪيچان آيو قافلو، عطر آنداءُون،
ڪستوريءَ خوشبوءِ سين، وڻ ٽڻ واسياءُون،
ڀسندي پنهونءَ کي، وسريون وڃائون،
خيما ڪوڙياءُون، وريو بخت ڀنڀور جو.

(٢)

مون ڀانيو مهمان، هميشه هوندا ڀرين،
ائين نه ڀانيم جيڏيون، ته ڀوندي ڪيچن ڪاڻ،
هيءَ هيءَ ڪيو هاڻ، ڏيان ڏَوائون ونگرين. *

(٣)

مون ڀانيو مون ڀر، هميشه هوندا ڀرين،
ساجن سيج وڇايان، جوڙي جيءَ اندر
نه چاڙان ڪنهن ڀر، ڏير ڏمرجي هليا.

(٤)

ڏير ڏمرجي هليا، بوتا چڙهي بر، ٢
جتن ڏاران جيڏيون، هينئڙو جر نه ٺر،
ساجن سيج وڇايان، جوڙي جيءَ اندر،
ڪانه ڀڏيسون ڪڏهين، اهڙي ڀر ڪُڀر،
ٻاروچا ٻربر، رات نه رهيا هيڪڙي.

---

* ڏَوائون = جهوتون

٢ ڏير ڏمرجي هليا، باڪا چڙهي بر

(٥)

ڏيـر ڏمرجي هليا، بـر چڙهي بـوتـا،
ماريـن تـا معذور ڪي، ڳنگن جـا ڳوتا،
نيو نمائي پــاڻ سين، هيڪر آئين هوتا،
اهـڙيءَ پر ڀهتا، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٦)

ڏيـــر ڏمـرجي هليا، پـائــي پـاڪوڙا،
آئـــي هـليـا آس ۾، ٻپهريءَ ٻـــوڙا،
ڏينهن تتو، ڏنءَ متو، ڪامي ٿيس ڪـورا،
گهوڙا ڙي گهوڙا، رات نه رهيا هيڪڙي. *

(٧)

ڏاگهن ۾ ڏيـرن، وِرجهي تنگ، تنواريـو،
نِـمّن نه نمائي پاڻ سين، جيڏي ڪـِي جتن،
اديــون اونـيـڙن، نت نـهـوڙي آهيان.

(٨)

اگهه متي اوپرا، جڏهن ڳورن ڪيو ڳجگاهه،
ٻسي توبة تن جي، سوُنڪي منهنجو ساهه،
منڪر ڪان معافي گهري، رکيائين نڪير جي نگاهه،
مَنْ رَبّڪَ و نَبِيّڪَ وما دِينُڪَ، ايءَ
ٻولي ٻوليندا،
آئـــي احـمـدا، پـــارس رسج پب ۾.

(٩)

هاڙي هيٺ چرن، تن مـيرُن ماري آهيان،
ڏکيءَ سنديـون ڏونگريـن، پچارون پتـوَن،
ڏِنِي ڏوتـيـڙن، پـــار ڪيندي پب ۾.

---

* ڳاڙهم ٿي ڳوڙها، رات نه رهيا هيڪڙي

(١٠)

كالهوڻ پوءِ پرين کي، روئان مٿي رند،
ويو ٻاروچو نڪري، ڇنا ٻازوبند،
هلو نهاريون هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا. *

(١١)

كالهوڻ پوءِ ٻرين کي، روئان مٿي راهه،
ويو ٻاروچو نڪري، سور چڪائي ساهه،
کهڻ منجهان زان گهاءُ، لالن جو لطيف چئي.

(١٢)

ٻانهين ٻهڪون ڪيون، مٿان لڪ لڙي،
سامهون تن سينهن کي، وٺي چوليءَ سين چڙي، ٢
پٺي تن پيرن جي، ڏونگر منجهه ڏڙي،
لڪن تان لڙي، ٿي ڏونگ ٻچائي تن جا.

(١٣)

پنيءَ ٿيا پيڙا، ساڻين سنڌ هٿن ۾،
آٿي آڏيءَ رات جو، ڪنيائون ڪيڙا، ٧
لڪن تان لطيف چئي، لنگهي ويا ليڙا،
ولهيءَ جا ويڙها، سڄا سردارن ري. π

(١٤)

اوني ٿي آٻهرا، آيا ليڙن تان لهي،
سي راتوڪا روان ٿيا، روهيلا رهي،
ويا ٻچائي پانهنجي، جا هٿن ڳالهه هٿي،
ڪٿهي سا رهي، ٻولي ٻاروچن جي.

---

* هاڻ ٻچان هنڌ، هاڙهي ۾ هوتن جا
٢ چڙي = چڙهي
٧ آءٌ سٽي هو هليا، ڪنيائون ڪيڙا
π ولهيءَ جا ويڙها، سڄا سروالن ري

Gul Hayat Institute

(١٥)

اج اوٺارن لڏيو، صبوح تو سعيو،
سفر سافرن تي، اوچتو آيو، *
مادر ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي ٢

(١٦)

اج اوٺارن لڏيو، صبح ٿيا سڄڻ، ٤
اج مَ لاهج آسرو، مادر مٺان من،
جا پون پنواري پن، سو ڏيهه ڏورڻ آيو.

(١٧)

اج پڻ اوٺارن، سوارو سؤنچو ڪيو،
ماريو هن مُنهنجيءَ ڪي، ونيو ور وڇن،
مادر موٽي تن، ڪيو رحم نه رتيءَ جيترو.

(١٨)

مون ڪي نيڻي ويچ، ٻاروچاٺي سات سان،
آءٌ هلي ڪيچ، ٻڌا ٻانهون سين ڪريان. π

(١٩)

پهڻ پرباڌا پب جا، جبل جت جاڏا،
تو ڏن جا تڙپيڙ م، ڪُڇن نه ڪاڏا،
جي مُنهنجيءَ منهن آڏا، سي تارج لڪ لطيف چئي.

Gul Hayat Institute

---

* سافرن = مسافرن

٢ مهند ميڙائو، موٽي ڪو مس ٿئي

٤ اج اوٺارن لڏيو، ميان سڀنهين تون
اج مَ لاهج آسرو، مادر مٺان مون
جا پون پنواري پُون، سو ڏيهه ڏورڻ آيو

π آءٌ پڻ وڃي ڪيچ، ٻڌا ٻانهين جيئن ڪريان

(٢٠)

ڇڏي پريـاڏا پب جـا، جـاڏا جبل جت،
لوچين ڪوهه نہ لطيف چئي، تان ڪو پوءِ تت، *
هوت پهچج هت، تہ آن اوجهڙ نہ پُٺان.

(٢١)

ڪِڻ واري، ڪِڻ واٽ، ڪِڻ ڍهاڙان پيچرو، ٢
هلندي هـاڙهي سامهين، لڳس آج آماٽ،
گوڙهن پريو گهاٽ، اپـر الاميو ڪري. ٤

(٢٢)

ڍهـاڙن ڪين پروڙيـو، پٽون پير تيام،
ثُمَّ لاَ يَمُوتُ فِيهَا وَلاَ يَحْيٰي، هڙا حال سندام،
ڪوجها ڪرت ڪيام، تيئن هونءَ ڇڏيو حب ۾.

(٢٣)

ڪارا ڏنم ڪانگ، لَوَندا لڪن تـان،
چانگ پهر پنهونءَ جي، تان وتن تا ويرانگ،
نڪا وَسُهن وچ ۾، نڪا آنگ نہ چانگ،
سپيريان جي سانگ، مـادر مـاري آهيان.

(٢٤)

ريهہ روجهن نہ ڪري، سَرَهن سلي نہ سورَ،
آڪي ڪين عجيب کي، ميرُن جا مذڪورَ،
چَڪيءَ جا چِڪَ چُورَ، هاڙهي هڏ هئي ڏيا.

(٢٥)

ڏيرَن نہ ڏهائي، وريو نہ واءُ وصال جو،
ڪڏهين مُڪِي ڪانہ ڪا، سيڻن سرهائي،
اوڏي سا آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

---

* لوچين ڪرهہ نہ لطيف چئي، تاڪُو پسي تت
٢ ڪِين واري ڪِين واٽ، ڪِين ڍهڻ منجهان پيچرو
٤ الاميو = الله ميون، الله ميان

Gul Hayat Institute

(٢٦)

ڏيرن ڏهائي، وريو واءُ وصال جو،
مون کي مُکي سڄڻين، سيڻن سرهائي،
اوڏي آءُ آئي، لنگهي لڪ لطيف چئي.

(٢٧)

اڄ نماڻا نيڻ، ٻاجهارا ٻروچ لئه،
وره وتيان ڪنهن سان، نه مون سڄڻ نه سيڻ،
ورتا تيڙم ويڻ، پنهونءَ جا پرديس ۾.

(٢٨)

پڪا قول قرار، آهين جانب جت سان،
ڪين ڇڏيندو ڪڏهين، آهي تسالو تڪرار،
پنيءَ رات ٻتار، آو ايندو آئين ڏسنديون.

(٢٩)

نالي نمالي، ٻاجهالي ٻروچ لئه،
ڪيائين سنگ سيد چئي، ڄامن سين ڄاڻي،
پاڻ پرتيالي، تيس حمايت هوت جي.

(٣٠)

هاڙهو لنگهي هَلُ، ڪرڪل ڪيچين جو ڪيو،
ٻيليا ڇلو ڇلُ، ڪاهو ڪاهه مِين ڪي.

(٣١)

هاڙهو لنگهي هوه، وڃي ڪيچ قراريا،
لتا اٽ لطيف چئي، جت ڪتوريءَ خوشبوه،
جت لنگهي ويا جوه، آڦڙ ته اوڏي ٿئين.

(٣٢)

ڪيچين ڏاران ڪالُ، هاڻي هن ٻنيور ۾،
آئن ۽ اوٺيڙن جو، ٻيڻر ٻانيان ٻالُ،
نالي ڪيس نهالُ، اديون آريچن جي.

Gul Hayat Institute

(٣٣)

جي ڪَنين ٿي ڪيچي سُڻا، تن ڏساڻو ڏيرن،
آلـي اکڙ جهوڪيا، ڪرهـا ڪيچ ڏئين،
منهنجـِي مـَهندان تن، وائي ونگي مَ ٿئي.

(٣٤)

صبح جـان ساري، وڏم هٿ هـوت لاءِ،
پنهون نـاهـِ پلنگين، پـانهنجي پـاڪاري،
سيج سـجي سسئي، ڏيهه ڪـبي ڏڪاري،
هيءَ هـجهون حـب ۾، هوتن لاءِ هـاري،
اديون آساري، هتان مون هوت ويـا.

(٣٥)

سج آلٿي سسئي، پانهون ٽيـون پيڪن،
مـاري وڏي مـاسرٿي، شينهن شهڪوزن،
جي مارڪ منجهه مرن، ڪيچي ڪانڊي تن جا.

(٣٦)

مٿي پيڪ پانهن جـي، ڏونگر ڪيا ڏار،
سسئيءَ سان سيد چئي، پيـڙو هـو پتار،
ڪيچان آني قطار، لٿي لَڪ لطيف چئي.

(٣٧)

Gul Hayat Institute

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، ڪندا جـِت ڪاري.
ڏاڍي مـٺي ڏونگرنـن، واڳـن تـي واري،
اچين جي آري، ته پاند جهلي لڪ لنگهيان.

(٣٨)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، واڳن تي واري،
پـُر پيـادي پـنـڌ ۾، صبح سواري،
لنگهيو لڪ لطيف چئـي، وجـي ويچاري،
اچين جي آري، ته پاند جهلي لڪ لنگهيان.

(٣٩)

ڪرڙا ڏونگر ڪهه، ڪهڻي، جت جبل جالارا،
ڏنـم ڏاڍيرن ڏونگريـن، لاهه آريءَ آلارا،
ڪهـي ڪوهيارا، اوکيءَ ويل اچيج تون.

(٤٠)

برو فازا بـات جني جي، شيشنگ شاهي،
مفت هونگاری هليا، رمـي تـيـا راهـي،
حـب م همراهي، پنهون ڪيـج پيادرن سان.

(٤١)

فازا ڏيـر ڦنکهين ويـا، آنـي اٿ نهاڻ،
بگو مين ڪر نشتان، پائـاڻـون پـلاڻ،
سنجهي ويا سرواڻ، مين پڻ ٿانگا رفتگان.

(٤٢)

گواک نه پيڙس گوش، ستي سرواڻن جـو،
آئي ننڊ اياڪ ڪي، منڌ پوري بيهوش،
ليل لال روان تيـا، رنـد نهاري روش،
ساجن تيئي سرپوش، پيادرن جـو پنڌ م.

(٤٣)

شما شهوس، سگـهـا ملـنـدء سپريـن،
ليڙن جو لطيف چئي، گواک نه پيڙه گوش،
روان مروشي روش، ڪاهه نه ڪيچين کي ملين.

(٤٤)

شما شال گندان، هلڪ روان ري سسئي،
مروشي محبوب جـا، تـهـڙم سور سنوان،
اڪـيـن آب روان، پـتـر سپ پسادو.

(٤٥)

بيا گيرند تـي گفتار، مـن ڪن گوش،
ماتو ذي براشته هن هاڙهي منجهه هموش،
آنداڻون ارموش، اشتر انهيءَ پـار جـا.

Gul Hayat Institute

(٤٦)

ٺانگو روان ٻار، الله ڪارڻ انگو ٻيا،
شما ٽيا پشتگان، هلندا ٽيو هيڪار،
ڏؤبهه ترت تيار، هاڙهي ڪيم هن باهه ڪان.

(٤٧)

درها درهئا ڪن، فازا ڏير فتح وريا،
بيغرضا بلوچ هئا، رس نه رهايو تن،
سسئي لئه سيڻن، ڇيڙون ٿيندي ڇپرين.

(٤٨)

جنگ هيس جن جي، تني لوڙياس،
مازان نه گواران، هيڪلي هياس،
وندر ٿي ويياس، پنهون گڏيم پب ۾.

(٤٩)

درتا برتا زور، پنهون نياڻون پاڻ سين،
ٿش ٿڙش ڪينڪي، پئي ڏونگر ڏور،
هاري پوهه مَ هور، توکي ايزانگ ملان. *

(٥٠)

نِڪر ڏکي ڏيهه مان، غافل ڪيم گذار،
محبوب تغان شهرب تغان، آئي اٿ نهار،
ليڙو دزو خشتگان، ٿانگو ٿنکان هار،
لئي پنهونءَ اهار، ڪَلي ڏونگر ڏوريان.

(٥١)

نکر ڏکي ڏيهه مان، هاڻي ڇڏ هيءَ هنڌ،
ڪارڻ هوت پنهونءَ جي، راهه پڇائج رند،
سفرٌ طَوِيلٌ وَ زَادُها قلِيلٌ، پٿهين اڙانگو پنڌ،
ڪيچن ڪارڻ ڪنڌ، ڏيئي مرج ڏونگرين.

---

* هاري لاهه مَ هور، ايشي مناغي سپرين

Gul Hayat Institute

(٥٢)

زَرتا ٻَرتا زور، پنهون نياڻون پاڻ سين،
مني ترشان نڪري، ٻرو ڏونگر ڏور،
هاري پٽئه، مَ هور، عيش پنهون موڙانگي.

(٥٣)

ٻرو گَئي ٻر چڙهيا، نڌنئون نيئي،
ٻاري اٿ بلوچ جا، مهري مڙيئي،
ڏڪيءَ کي ڏيئي، ويا ڏاڍين ڏونگرين.

(٥۴)

ٻرو بگيرد بي روان، سنڌي هو نه ڪهن،
ڪڪيون اڪون ڪيچين جون، ڳاڙهي سونهن سندن،
ٻوت ٻوراڻا گهٽا، بختي بلوچن،
سامهون ڪيچنديءَ سيئي، تون اڳيان کي تن،
آري اٻوجهن، اوهير شال اوڏو ٿئي.

(٥٥)

ٻرو بگيرد بيا، اِي ٻولين ٻاروچا،
جن جي وائيءَ ۾ ور گهٽا، سي مون سيڻ ڪيا،
ڪنديس ڪين ٻيا، لقب لڳم جن جو.

(٥٦)

مروشي محبوب ڏي، روان روش ميان،
ويندس ورنديس ڪينڪي، جي روڪيو رات رهان،
بست بلوچ ٻڙنگان، لائق سو لهان،
وهائيءَ وهان، آري ڄام اجهو ڪري.

(٥٧)

ٻرو بگيرد پاڻ ۾، کي ٻولي ٻاروچن،
شيوان شزان شيزان شود، جاڳائي جتن،
مون کي مانَ ملن، آريچا احسان سين.

Gul Hayat Institute

(٥٨)

گندا گشي ٻاڻ ۾، سر ڪني ڪولي،
ٻرٽ ٻروڙي ڪينڪي، ٻاروچي ٻولي،
گس وٺي گولي، ڀٽي چام پنهونءَ ڪي.

(٥٩)

شما ٻُردا ڪني، سچُ لڳ خداءِ،
چشماتي ڪش مران، نيڻين تيرا گهاءِ،
ميڻن مُلان ساهُ، آن ڪٺن مٺيان سيد چئي.

(٦٠)

آيا آت بلوچ جا، ڪيائون شيشي مروشي،
مازوزي ٻراش ٻروٺي اين الو ايشي،
ڏونگر جا ڏيسي، ڇوهه چڙهيا ڏڪرين.

(٦١)

لالن لوغ ويا، هلڪ روان ڙي جيڏيون،
فازا ڦڪيا، ڪڏهين ڪين سَٺا،
لالن لاءِ لطيف چئي، اوزان اور ٽيا،
ورنهه پوءِ وريا، ٻاروچا ٻاجهه پٽيي.

(٦٢)

Gul Hayat Institute

آت پٽ آڻن جا، مرن نه موڙا،
ٻُوٻو تن لاءِ ٻُوٺيان، ڪوڏيون ۽ ڪوڏا،
اچن جي اوڏا، ته لڪ سولا لنگهيان.

(٦٣)

ڪتيڙيون ڪنوائن ڪي، نباتون موڙا،
آتي راهه روان ٽيا، رين ڀني روڙا،
جي آرياڻيءَ اوڏا، مي لٽڪيون سپ لنگهي ويا.

(٦٤)

نڪريو ڪري نهار، سسئي سرواڻن لاءِ،
آريءَ جي آڻن کي، هيرا لک هزار، *
موتي مهارن ۾، جڙيائون جنسار،
بوتا ڪئي بار، لڪيون سپ لنگهي ويا.

(٦٥)

آريءَ جي آڻن کي، هيون سون سريون،
وڃن ٿا ونڪار ڏي، بوتا بار ڀريون،
ترڪن ڌان ۾ ڌريون، توڏن جون ترپيڙ ۾.

(٦٦)

ڪنيم جان ڪانئي، آريچن آڻن جي،
واري جا واتن جي جهاڪيم سپاڌي،
چُونم ته آئي، پورهيت چام پنهونءَ جي.

(٦٧)

سسئيءَ سرواڻن سين، اکيي هڙو پيچ،
سور ڏنائون سوڪڙي، ڏک ڏنائون ڏيچ،
پهرين ڏيئي هيچ، پوءِ گڏي ويا گوندرين.

(٦٨)

سسئيءَ سرواڻن سين، لڪئي جون لائون،
پيڻ پاچائي ٿيان، تن اوٺين جي آڏون،
مون کي نه نياڻون، پنهون وٺي ويا پاڻ سين.

(٦٩)

پانيان جي سرواڻ، ڪي چُلائيندم چپرين،
ته تايم هوند پلاڻ، آءُ گڏايم آن جا ٢

---

* آريءَ جي آڻن کي، سندا هيرن هار
مهارون موتين ڳنڍيون، جتن جي جنسار

٢ ته ڪانيم هوند پلاڻ، آءُ گڏايم آن جا

(٧٠)

جاڳو ڙي جاڳو، سمهو ڪم سرتيون،
هلڻ جو هل ٿيو، سنپوڙو ساڱو،
سڱڻ سيڪا ڏيندي، مٿي لڪ لاڳو،
اديون اوجاڳو، پينر مون پاڳي آيو.

(٧١)

ڪيچان ڪيچي آيا، پڇن جي ڪيچ،
اديون آءُ آڏڪي، پسي پاڳن پيچ،
هيس گهٽي سچيچ، پر نند نهوڙيس جيڏيون.

(٧٢)

جت نہ پاڻي رت، ڏاڙهان ڏاڙئين ڏيهه جا،
ڪوهياري ڪين ڪيا، پُريون ۽ پٿهتَ،
هن جا واڳن مٿي هٿ، آءُ پاڳوڙن پيٺي روئان.

(٧٣)

اديون اونداهو ٿيو، سج مٿي ڪٿي ميرِ،
ٻانگا بلوچن جا، پوءِ ڪٿي پيٺي پير،
لڪرساليون آگريون، پيون ڪنڌا پير،
بلوچاڻيءَ پير، مادر ماري آهيان.

(٧٤)

مادر ماريءَ آهيان، پير بلوچن جي،
لڙي لهوارا ٿيا، جڻڪ جوانن سي،
هلي پڇان ڪٿهين، ڪهي ڪنوالن ڪي،
جيءَ جلايم جيڏيون، پريءَ پارانيي،
سج جا پاتم سرتيون، ڏيان ڏاڪا ڏونگر ڪي،
مانَ مٺيءَ ڪي ني، پنهون مڱان تي پاند ۾.

(٧٥)

آيي آسهي آس ۾، منڌ نہ مولي ماءُ،
جا پتر ڪاهوڙياءُ، سا پر سکي سسئي.

Gul Hayat Institute

(٧٦)

ڪو ڪو وڻاڇو ويڙهه ۾، پيا سڀ ورڪ،
سندي متين سڪ، گوندرن گڏيي نه لهي.

(٧٧)

ڪِلا پينڊ پلاڻ، نئين سِر نِڏا اوٺين،
مُٺي مــاري هليا، ڏيئي تنگن تــاڻ،
وهائيءَ وڏــاڻ، وجي ٻاروچن پيا ڪيا.

(٧٨)

رائــو سچيا ئــي رات، آئن گهڻو آچليو،
سسئيءَ ڪي سيد چئي، سندي ٻوتن ٻات،
وهائــيءَ پريــات، سگهر تيندي سات جهي.

(٧٩)

ڏيــر ڏمرجــي هليا، ڏيئي ڏورائــا ڏس،
وجــي پيــا ولڪار ۾، ليڙا ڪاهي لس،
وڏا ڪيم وس، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨٠)

ڏيــر ڏمــرجــي هليا، آئن چــڙهــي اوهه،
پنهونءَ ڏاران پٻ ۾، ڇـلي ڇپريــن پوهه،
ويــا ويچاريءَ ســان، هاچــو ڪري هوهه،
رند نهاريو روهه، رات نه رهيا هيڪڙي.

(٨١)

ڏيــر ڏمــرجــي هليا، ڪــٺــي مهارون،
وجي ڪيون ولڪار ۾، چانگن چانگارون،
ڪندي هٿن ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي. *

---

* ڪيم وَسَ ڪارون، رات نه رهيا هيڪڙي

Gul Hayat Institute

(٨٢)

ڏيـر ڏمرجي هليا، ٻـائـي انـڌ ٻلاڻ،
ٻڌي گوربند گنگن کي، تـگن ڏنائون تاڻ،
ڪارون ڪيم ڪيتريون، سنجهي ويا سرواڻ،
پنهون ناهه پلنگ تي، سيج سـڃي ٿي هاڻ،
مون وٽ ٿي مهماڻ، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٣)

ڏيـر ڏمـرجي هليا، چـانگن تـي چـڙهي،
ٻـائـي پير رڪاب ۾، هنيائـون آٽ اڙي،
ڪتان ڪوهيارل سين، جيڏيون دل اڙي،
وَرُ وجي وڻڪارَ ۾، گهاري مان نہ گهڙي،
ٻـاروچـا ٻـڙي، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٤)

ڏيـر ڏمـرجـي هليا، ڪاهيائـون ڪنوات،
ورتائون وصال جـي، سندي وحدت وات،
لنگهيا لڪ لطيف چئي، گهيڙ، گهٽيون ۽ گهات،
جهٽيون ڏيئي جهات، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٥)

ڏيـر ڏمـرجـي هليا، مـُـئي آهه مـعـذور،
روئـان رڙان جيڏيـون، سڙان انهيءَ سور،
ڏيهه آن جو ڏور، رات نہ رهيا هيڪڙي.

(٨٦)

هـتـان ٿي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
سونَ ڪڙولا سنگهرون، ڏونگر کي ڏينديس،
آڀـل ٻـاروچـن کي، ڪيسريا ڪنديس،
جي مليو تہ ملنديس، نہ تہ گهوريس ٻاروچن تان.

Gul Hayat Institute

(٨٧)

هتان تـي هلندياس، سامهين سائيهه ڏي،
پـڌي سورن سـندرو، ڏونگر ڏورينندياس،
ماڻهن ۾ ماڻهو تـي، ڪوٺ ٻه ڪوليندياس،
مرن ۾ مرون تـي، جهنگل جهاڳيندياس،
پکيـن ۾ پکـي تـي، سر سر سوجهيندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس هاروچن تان.

(٨٨)

هتان تـي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
وڏا پـانـڌا پنـڌ جـا، منزل مارينندياس،
لالن لاءِ لطيف چئي، چوٽيءَ سر چڙهندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس هاروچن تان.

(٨٩)

هتان تي هلنديـاس، سامـهين سائيهه ڏي،
پير پنهنجي پـرينءَ لاءِ، چپر چوليندياس،
ڪڇيءَ پـائـي ڪفني، وڻ وڻ ووڙيندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس هاروچن تان.

(٩٠)

هتان تـي هلندياس، سامـهين سائيهه ڏي،
ڏکون بکون ڏاڪڙا، ڪيچين لاءِ ڪندياس،
پاڻ پنهنجو پرينءَ تان، گهوري گهوريندياس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس هاروچن تان.

(٩١)

هتان تـي هلنديـاس، سامهين سائيهه ڏي،
اُو آري آئن تي، آهه پيرين پنڌ ڪندياس،
آهي اُميد الله ۾، ڏاگهن کي ڏسنديـاس،
جي مليو ته ملندياس، نه ته گهوريس هاروچن تان.

Gul Hayat Institute

(٩٢)

هتان تي هلنديـاس، سامهين سانيهه ڏي،
ويندي پير پنهون* جي، هتي نه هونداس،
ليڙن جـا لطيف چئي، رند وٺي روندياس،
جانسين ساهه سرير ۾، تانسين نه ورنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٣)

هتان تـي هلنداس، سامهين سانيهه ڏي،
ساجن ڏاران سرتيون، پيو تان ڪونه ڪنداس، *
ساجـن ساهه پساهه سين، لالن لـوڏيندياس،
آهي آس الله ۾، پنهل کي پسندياس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٤)

هتان تي هلنديـاس، سامهين سانيهه ڏي،
آن جا تغناف آڻن ني، آءُ ڪچاڙو ڪٺنداس،
اَج ۾ آب اکين جو، پاڻي ڪيو پيئنداس،
ونـدر واٽڙيـن ۾، ثمر سور ڪنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

(٩٥)

هتان تي هلنداس، سامهين سانيهه ڏي،
آءُ زور ضعيف آهيان، وندر ڪيئن ويندياس،
پنڌ اڻانگا پٽيون، ڪافن جـا ڪنداس،
جهڙي تهڙي حال سين پنهل ڏي پُرنداس،
جي مليو ته ملنداس، نه ته گهوريس پاروچن تان.

---

* ساجن ڏاران سنگتو پيو تان ڪونه ڪنداس

Gul Hayat Institute

# سُر ڪوهياري

(١)

لِڪ نہ جاڳيئن ليل، ٿبان ٿب سات پلاڻيو،
نماڻيءَ کي نومَ جا، نيڻين پيا نيل،
هيءَ هيءَ هنبساٻون ڪري، ازدر نہ ايندءِ ايل،
واويلي جي ويل، ٿي سسئيءَ ساڻ سيد چئي.

(٢)

ڏونگر ڏکوين جو، توکي ناهہ ترس،
پهاڙ پرڏيهين سين، اکي ڪو عڪس،
پير مٺيءَ جا پس، جي ڇُنڇهِن ڇيهاڙيون ڪيا.

(٣)

ڏونگر ڏکوين جو، تون وڏيا واقف ٿي،
وٽان ڇو وٽي ويا، پهس منهنجو پي،
پيچي پرانهون ٿي، متان سوزن ۾ سڙي وڃين.

(٤)

ليل نہ جاڳيئن لڪ سين، راتيون ستينءَ سڀ پور، *
صباح رجلٌ يَخرُجُ، وڃي ذات جتاڻي قوم،
قامَ اِبلُ اليومُ، هٰذا هو فيها يذڪرون.

(٥)

ڪنيزڪ ڪيچين جي، آهِ ناٿر نام سڏايان،
اکين ساڻ آنايان، پيراز پنهونءَ ڄام جي.

---

* ليلٌ نہ جاڳيئن لِڪ سين، نفس، اڪل، نومُ

# سُرُ حسيني

(١)

امڙ جي ڏنوءِ، مون جيئن هوت اکين سين،
چرخو ڇيهاڙيون ڪري، پيري هوند پڳوءِ،
مون جئن رت رنوءِ، تند نه ڪتينءَ هيڪڙي.

(٢)

تائيان تند نه، نڪري، ڪتان نه پوڻي،
ويچي پيهم وچ ۾، ڪاڪيون ڪالهوڻي،
مئيءَ سان چنوڻي، جيڏيون جت ڪري ويا.

(٣)

روئي ڪرمَ رت، چرخ چندن عاج جو، *
آيل ڪن ارٿ، ڪتي ڪنديس ڪيترو.

(٤)

ڪتي ڪين ڪتنديون، جن جو چرخو تيو چُور،
ستيس تان سهد چئي، ڪيا سانگهارا سورَ،
پيئي جن پروڙ، تن ارٿ اولائي ڇڏيا.

(٥)

حجت ڇڏيم هوت، تيس نمائي نِڪتي،
ٻاجهائا ٻروچ، پُٽي ڏونگر ڏوريان.

(٦)

جي هت نه هوت پسن، ڪنهن پر ڪيچ پسنديون،
موڙهيون توءِ وڃن، نيڻ جن کي نينهن جو.

---

* روئي ڪيم رت، چرخو چندن عاج جو

Gul Hayat Institute

(٧)

ستيس جان سيج ٿي، ٿان ڏيرن ڏک ڏنو،
آٿيس جان آهه ڪري، نه پاسي ناهه پنهو،
سرتيون سڱ ڇنو، پيئر هن پنهور جو.

(٨)

نه مون سڱيٺا سڱ ۾، نه مون پاڏي پٽ،
سورن ڪارڻ سرتيون، هوت پيم هٽ،
ور وڏي هو وٽ، پاروچو پانهنجي ڪي.

(٩)

ورهه جن وٽاڻ، سور سلامي تن جو،
جن لڳو تن لکيو، پاروچاڻو پاڻ،
جيڏيون هي جڀاڻ، مون سين نشورو نند ڪيو. *

(١٠)

سورَ مڙوئي سولهه، نندو منجهن ناهه ڪو،
پٽ تني سين پيلهه، ڪسڻ جن قبوليو.

(١١)

هيءَ هيءَ حادثو، هوت هلندي جو ڪيو،
ههڙو ڪرٽ قلوب ۾، ڪڏهن ڪونه پيو،
مرڻ ماڳ ٿيو، نڌڪ ساهه نه نڪري.

(١٢)

الستي پيام، پنڌڻ پاروچن جا،
پاڙي ري پنهونءَ جي، ڏکيا ڏينهن ٿيام،
سِتي ماڪ ڏنيام، سورن جي سيد چئي.

(١٣)

تو جو ڏنو پير، سڄاتوءَ سيڻن جو، ٢
پيو نه پڇندوءَ ڪير، سونهون تو سو ٿيو.

Gul Hayat Institute

---

* جڀاڻ = جڀان = زبان
٢ تو جو ڏنو پير، سڄاتوءَ نه سيڻن جو

(١٤)

پڇي ڪنج پيرَ، سسئي سروائن جا،
ڏونگر چڙهي ڏيرَ، جم وڃئي نڪري.

(١٥)

پڇي پير پروڙ، سسئي سروائن جو،
ڏونگر ڏاڍي ڏور، جم وڃئي نڪري.

(١٦)

وَڻ وَڻ، لڳي پير، اوڏا جان لامن ۾،
جي پيئا منجهه ويڙهه، گهڻا هٿندين هتڙا.

(١٧)

آهه ڏوربين، شال م ملين، پري هئين بلوچَ،
لونءِ لونءِ منجهان لوچَ، تَنَ تنهنجي نه لهي.

(١٨)

ڪو جو اُنس مينهن، آريءَ جي عشق جو،
راتيان روئي رت ڦڙا، سڪ نه سارو ڏينهن،
ٻاروچاڻو نينهن، منان ماڻو نه ٿئي.

(١٩)

ڪاتيءَ رت نه نڪري، رائي ڪيس رت،
سورن پڳم ست، هاڻ نه جيان جيڏيون.

(٢٠)

اوڏين اڳ ڪيون، لَڪَ تنهنجون ڳالهيون،
پسي پشيمانيون، هاڙهو هيڪليون، *
واڳون ويهه ٿيون، ڪُههُ چاڻان ڪيهيءَ ويا.

---

* پشيمانيون = پشيمان ٿيون

Gul Hayat Institute

(٢١)

پسان شال پب ڏڻي، پير جنهن جو پٽ،
تــو نــپـايـا گهڻا، لالن ڪارڻ لٽ،
هوتن ڪارڻ هٽ، جان ڪي ڪاڻياريءَ ڪيا.

(٢٢)

مري وينديس ماءُ، ڇني پير ڇپن سين،
ڪوهياري جي ڪاءُ، ڳنهيو پٽان ڳالهڙي.

(٢٣)

مري رهنديس ماءُ، لڪ لتاڙي لڪيون،
وڃي ڪيچ قراريا، جت پنهنجيءَ جاءِ،
روئڻ رت جڳاءِ، هوتن جيءَ هيڪاند ڪي.

(٢٤)

ڳهوڙن هنئين سيڪا، آءٌ ڪنواٽن ڪٽي،
نڪي ڳالهايوم هوت سين نڪي آءٌ رڻي،
مٿي بر ٻٽي، ٿي سسئيءَ جي سيد ڇٽي.

(٢٥)

ڏٺو جن هيڪار، آريانڍي اکين سين،
ويو تن نه وسري، ٻاروچو ٻيهار،
تني سندا ٻار، پرٿن ۾ پــڌرا.

(٢٦)

جوين جانب لاءِ، نيڻي وجهه نسار ۾، *
روئي روپ وڃاءِ، پسڻ ڪارڻ پنهونءَ جي.

(٢٧)

متهند ۾ ملان سڄڻين، نه مون وڏو ڀاڳ،
آيل آريچن جيي، وس نه منهنجي واڳ،
آڏيءَ ڏيئي آڳ، هاڻو هڻي هليا. ٢

Gul Hayat Institute

---

* جوين جانب لاءِ نيڻي وجهه نڪونجَ ۾
٢ آڏيءَ ڏيئي آڳ، هاڻو هاڙهي هليا

(٢٨)

آيل سندن آهه، جا لوري لائي سڄڻين،
ڪڻن ڪريان ڪاڏي وڃان، ڪنهن کي ڏيان ڏانهن!
منهنجي جهلي ٻانهن، ماريو هوت هٿن سين.

(٢٩)

الله آهين تــون، اوئين تــان اُئن ڪيو،
جِئڻ گهوريو جت ري، مرڻ وس نه مون،
پيڙ۾ي ڪري پون، هاڙهي هوت هلي ويا.

(٣٠)

آڏيءَ اُڏائِي، سسئيءَ ٻــڌو ســنــدرو،
ڪنڪي جئن ڪونجڙي، روهه چڙهي رائي،
سگهر سڃائِي، هلي هـاڙهـي سـامُهين.

(٣١)

وڃان تي وڻڪارَ، چِنو سگ پنهور جو،
مار ڪُٻ وسن مينهڙا، مٿان تــي ملهارَ،
تيرڪي تڙ اوتڙ تان، ڪَري مانَ قطارَ،
مـانَ ورمن وچ ڄ، اولاڻي اوتــارَ،
صلح ڪر ستار، جنهن پر جدا نه ٿيان. *

(٣٢)

اڄ م آلهه سڄ، ته ڪو پيرين پنڌ ڪريان،
ٻهر لڪائي لَيلَ جو، ڏينهن پنهنجي ڏڄ،
ڪا منهنجي ڪيڄ، ته سورجَ ملان سڄڻين. ٢

---

* سو پَـهـهَ ڪر ستار، جنهن پـَهه جدا نه ٿيان

٢ ڪام لهڻ جي ڪڄ، ته سورج ملان سڄڻين

(٣٣)

سَجَ لهي سانجهي ٿي، مٿان وري مِيھَن،
رڻ ۾ پيئم راتڙي، ڪُئين ڀَسيا پيرَ،
آيل اِنهي ويرِ، آئون مون کي مَ جهليو. *

(٣٤)

ووه ووه ويا نڪري، هاڻي هٿ هٿان،
پٻ ۾ پنهونءَ چام جا، ڪُنديو پير ڪٿان،
گهڙيءَ سُور گهڻان، مون ڏي مُڪا سڄڻين.

(٣٥)

ووه ووءِ ويڙا نڪري، هاڻي هٿان هٿَ،
سُتيس پير ڏُکها ڪري، تيلاهه ويئم وَٽَ،
سپريان جي سٽَ، مُنڌ اِلاهي ميڙيين.

(٣٦)

ڪوميءَ ٽڌيءَ ڪاهه، ڪانهي ويل وِهڻ جي،
لانچي ڀڙ لطيف چئي، ڪمر ڪيچين لاءِ،
اڳيان آهه اونداهه، مٿان پير نه لهين پرينءَ جو!

(٣٧)

وجهه وراڪو ويڙهه ڪي، سسئي سڄ ويو،
آريانيءَ پنهونءَ جو، ڏونگر ڏس پيو،
ميين جو ميون چئي، چپر پير پيو، ٢
آرس جن ڪيو، آڏ نه ڀيلي آن جا.

(٣٨)

مون سُتي ڪن ڀتيي، چپر ٻُري چيرَ،
ڏوران اچن پلاڻيا، مان گهر ايندا هيرَ،
آئن مٿان آڏري، پلنگ ڏيندا پيرَ،
آءٌ تنهن ويرِ، ڪنديس ڀڳا ٻروچن سين.

---

* آيل انهي ويرِ، مون کي آن منجهايو!
٢ (ن)

(٣٩)

ڦرين ڪُنياس، هيروڪي هلي سين،
دانهون ڪندي درد ۾، ساري لوڪ سُياس،
مون ڀانيو مُياس، پر نڏڪ ساهه نه نڪري.

(٤٠)

نه ڪنيس ڦرين، نه ڪيس حبيبن حلال،
وصلَ مون وصال، اڌ مُئي ڪئي آهيان.

(٤١)

ڦرين ڪُهي، اڌ مُئي ڪئي آهيان،
ساٿ الله سڄڻ جي، ماڳهين آهه مُئي،
هيءَ هيءَ مان نه هُئي، سرتيون مَتَ سڄڻ جو.

(٤٢)

اڄ نه گوڙا گڏَ، ولهيءَ جي وٽاڻ تي،
جان ڪي ڪريان سڏَ، پاڻان پرانهان ويا.

(٤٣)

سکن مٿي سورَ، ڪا متائيندي جيڏيون!
ڀيمر جان پروڙ، ڪوڙين ڪتر نه ڏيان.

(٤٤)

سورائتي سڏ، ڪري سڏ سورن ڪي،
سورن ڀڳس هڏ، سي پڻ سيڪي سور سين.

Gul Hayat Institute

(٤٥)

مونهان مهند تيا، سورن ڀڏو سندرو،
هلو ته ڏوريون آن ڪي، وندر جي ويا،
ڪنديس ڪين ڀيا، هوت مٿائي اڳيان.

(٤٦)

روئي ساري رات، ڀٽهه پروڙج سات جا،
هيتي جي هيڪات، هيم ڀتي ڏينهڙا.

(٤٧)

مري رهنديس ماء، جتن ڪارڻ جيڏيون،
ويو ٻاروچو نڪري، سورَ چڪائي ساءِ،
هاڙهو هوتن لاءِ، رجائينديس رت سين.

(٤٨)

جان جان هنئڙم سُڪَ، تان تان هنئڙيُم سرتيون،
جڏهن ڏکويُم ڏکَ، تڏهن اوڏي آيم ڪانه ڪا.

Gul Hayat Institute

# سُر سورٺ

( ١ )

آءٌ سوالي سِر جو، سو مون ڏانءُ ڏيار،
مون کي وهلُو وار، تہ پوين سين پورو رهان.

( ٢ )

راجائي رحم ڪري، منجهان نيرت نهار،
مون کي وهلو وار، تہ پورو رهان پنڌ ۾.

( ٣ )

گل چنو گرنار جو، هيءَ هيءَ ٿيو هولُ،
وڏي سر ڏاتار ڏنو، ٻنو ٻيجلَ ٻولُ،
راجا ري رڌولُ، سڄو سورٺ جو ٿيو.

( ٤ )

نڪي چِلِي چارڻ آيو، نڪي ڀڻڪيو ڀانءُ،
نڪي چورِيئين چنگ کي، نڪي تند وڄايئين تانُ،
تنهن مٿي لڌو مانءُ، جو ڪلمو چوندي ڪاليو.

( ٥ )

نڪي چلي چارڻ آيو، نڪي راڳ ڪيائين روئي،
نڪي چوريئين چنگ کي، نہ ڏياچ ڏني ڏَهي،
سو سِرُ پڻ ٿيو صحي، جو ڪلمو چوندي ڪاليو.

( ٦ )

ڪڏي ڪيرت ڪينرو، ولايتي واڄو،
گنجي ۾ گرنار جي، ساز ڪهائين ساڄو،
ريڌو سٽي راڳ کي، راءِ تنڌهن راڄو،
ڳاءِ سنڌ ڳاڄو، تہ سر سينگاري تو ڏيان.

Gul Hayat Institute

(٧)

ڪڏي ڪيرت ڪيترو، جاڳڪ هنيو جُوءِ،
صدائــون سلطان کي، سٽايـائين صُبوح،
هِنيون گڏي ۾ هُوءِ، وڌائين ڪرت ڪپار ۾.

(٨)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، ڀيا پڻ مانجهي مـل، *
جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، ڪري مـنَ اَچـلَ،
هي منجهه ڀيلو مڱڻو، سو اپر ٿيو آمـلَ،
لولاڪ لـمّا خلقتُ الافلاڪ، شاهي ٿيا شغلَ،
وما محمد الاالرسل قدخلت، ٿيا هنگاما هـلَ،
شافي شفاعت جـا، ٻول ڀهون ڀيچلَ،
مانَ لذا مرسلَ، اپر عبداللطيف چـوي.

(٩)

ڪوڙيين ڪيرتـيـا آيـا، مـانجهي مٽيادار،
جن ڳڙهه ٻاهر ڳايو، تندن جـي تنوار، ٢
هي منجهه ڀيلو مڱڻو، هيجان ٻـڌي هار،
السلام عليڪ آيـُّها النبيُّ و رحمة الله، ڪـلـي
ڪيائين ڪيڪار،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، اهڙيءَ ڀـت اپار،
لا اله إلا الله محمد رسول الله، ڀڻن ڀـٽي ڀچار،
ڏنا ڏان ڏاتار، لالائيءَ جـا لطيف چئي.

(١٠)

پـرديسان پـنـڌ ڪري، ڀلي آئين يـانَ،
اڄ ڪ سانڻ آجاريو، تـو جهوناڳڙهه جوانَ،
ڪوهه ٿو ڀڻڪين يانَ، ماٺ ڪر تہ مٿو ڏيانءِ.

---

* ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، ڀيا پڻ داتا دل

٢ جن ڳڙهان ٻاهر ڳايو، سهجان سپ جمار

(١١)

ڪوڙيين ڪيرتيا آيا، ٻيہر وڏي ٻانَ،
ڪي چورياڻون چنگ ڪي، ڪي ظاهر ساڻ زبانَ،
هي منجهہ پيٺو مڱڻو، اِن سين احسانَ،
التحيات لله وصلواة وطيّبات، ساراهي سبحان،
السلام عليڪم ايها النبي و رحمة الله برڪاته،
ٻروڙج ٻيان،
السلام علينا و عبادالله الصالحين، دل ۾ رکج ڏيان،
جهڙو ٻلو ٻانُ، تهڙا ڏان ڏياج جا.

(١٢)

ڪنجهي، ڪيرت، ڪينرو، ولايتي واڄو،
هنيائين هٿن سين، لايائين لاڄو،
ڪري سرُ ساڄو، وڄائين ڪرت ڪپار ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر بروو سندي

(۱)

اچين جي اوطاق، مون سارينديي سپرين،
مـون جيهي مشتاق، ڏسي لاهـي ڏُکڙا.

(۲)

سچن سينگاري، کياڻـون مهاڙ مقام ڏي،
کڻي کـتـولا هليا، لـوکان نظاري،
لاٿـائـون لطيف چـئـي، قـبـر کناري،
سنڌون سمهاري، ڏڙ لتياڻـون ڏوڙ ۾. *

(۳)

جان وجـان مقام ۾، رهـاڻ نـاهي رس،
دفـن ڏوڙ پکليا، منهن ۾ سڪن مس، ۲
آيـل اچـــي پس، جـــڏائـي جيئري.

(۴)

دوست منهنجي دل جو، آهين تون عجيبُ،
تـو بنان کو نه کو، حـامي ٻيو حبيب،
نماڻي نجيبُ، کوجهي ڇڏيـو کينکي.

---

* سنڌون سمهاري، نيئي ڏريندا ڏوڙ ۾

۲ کفن ڏوڙ پکليا، منهن ۾ سڪن مس،
آيل اچي پس، جيءَ سين جيڏو ئي ٿيو.

Gul Hayat Institute

(٥)

سُتي نہ سرندوءِ، ڪر پچار پرينءَ جي، *
اوراڻو اينِدوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين.

(٦)

جاني جيئين شال، هُونئي حياتي سپرين،
جان متانئين جندڙو، مڏيون گهوريان مال،
ڪر پلايون پالَ، ڏي دلاسو دلگير کي.

(٧)

ڏي دلاسو دلگير کي، اچي اوکيءَ وير،
پلي اگهن آئيين، پرين پري پيرَ،
ساجن سيکنهن ويرَ، هئين سلامت سپرين.

(٨)

السلام عليڪم سپرين، وَعليڪم السلام،
ڪانَ وهاريانءِ ڪٿ ني، جيءَ برابر جام،
ڪر وڃڻ جي ڪام، موڪل گهر مَ منهنجا پرين.

(٩)

موڪل گهر مَ منهنجا پرين، مون وٽ ويهه ميان،
ساجن سهه ساعت ڪا، جانسين تي جيان،
دوست دم ڏيان، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين.

(١٠)

Gul Hayat Institute

موڪل گهر مَ منهنجا پرين، وٽان وڃ مَ مون،
تِنِ سريو سيکي، جنِ ڏٺيون تون، ٢
پيڙو ڪري پون، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين.

---

* رئي نہ سرندوءِ، آئي پرچ پرينءَ سين
احاطو ٿيندوءِ، جڏهن سينگاربا سپرين

٢ تنهن وٽ آهي سيکي، جنهن وٽ آهين تون
پيڙي ٿيان پون، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين

(١١)

موکل گهر ۾ منهنجا پرين، جاني مون وٽ جٽ،
ڏکيا سکيا ڏينهڙا، ڪي تون مون وٽ ڪٽ، *
لاڻ مون کي لٽ، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين.

(١٢)

موڪل گهر ۾ منهنجا پرين، هڏ نه ڇڏيان هاڻ،
آءُ نه ڪريون پاڻ ۾، ريجهي روح رهاڻ،
متان تو ساڻ، موت ملي ڪان مهند ٿئي.

(١٣)

موڪل گهر ۾ منهنجا پرين، هڏ نه ڇڏيان هيرَ،
اکين آتي پاڻيان، پرين تنهنجا پيرَ،
متان ڪنهن ويرَ، موتُ ملي ڪان مهند ٿئي.

(١٤)

موڪل منهنجي ناهه ڪا، تون پرين پاڻ سڄاڻ،
هنيو تو هٿن سان، پنگا جهلي پاڻ،
متان تو ساڻ، موتُ ملي ڪان مهند ٿئي.

(١٥)

آءُ نه پرچون پاڻ ۾، رُسي رات ۾ رَند،
سڄڻ لٿي چنڊ، اور نه ڏرن اکيون.

(١٦)

آءُ نه پرچون پاڻ ۾، رُسي رَند ۾ رات،
اسين تابع تنهنجا، تون زوراور ذات،
سڄڻ گهڙي سات، اور نه ڏرن اکيون. ٢

---

* ڏکيا سکيا ڏينهڙا، پر ئي مون وٽ ڪٽ
لوڙهه مڻيءَ جو لٽ، پوءِ موڪل اٿئي منهنجا پرين

٢ سات = ساعت

Gul Hayat Institute

(١٧)

آءُ تہ پرچون پاڻ ۾، رسي گھڙي مَ گھار،
صباح ٿيندو سينگار، سورَ چَرندَم سپرين.

(١٨)

رُٺا کھڙيءَ ريت، پرچندا پَٽر کنھين،
دل ۾ ڪري ذيت، ھل تہ سڄڻ ڳوليون. *

(١٩)

جيڪر رُٺا سون، رُٺي سَري نہ سپرين،
پاڻھين پرنا سون، ايءَ نرجائي نڪ جي. ٢

(٢٠)

رُٺي آءُ رُٺياس، پر مون کي سَري نہ سپرين،
پاڻھين آءُ پرچياس، ڏس نرجائي نڪ جي.

(٢١)

جيڪي لڳئي سو لاءِ، پرچائج پرينءَ کي،
مون ياران محبوب کي، پاند ڳچيءَ ۾ پاءِ،
ڳات ڪڻي ڳالھاءِ، تہ سورن کي سندو پوي.

(٢٢)

ليليءَ لاءِ م سپرين، جودان ڪر جواب،
ھينئون جنھن ۾ ھيڪڙو، سو ڪئين ٿيو ڪباب،
دل ۾ رھيو داڳ، ڦوڙائي فراق جو.

Gul Hayat Institute

(٢٣)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڇڏ خستائي خان،
تون جيارو جيءَ جو، تو ري تڳان تان نہ،
ساجن سرت سڄانَ، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

---

* من ۾ ڪري پريت، ھل تہ سڄڻ ڪونيون.
ذيت = سوجھرو

٢ اڄھي آيا سون، ڏس نرجائي نڪ جي

(۲۴)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، داناءُ دلبر يار،
بخش ڪر بديءَ کي، بديون ۾ پلڪار،
مون ۾ عيب اپار، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۲۵)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڪِن ڄاڃهه پرديون پيئي،
نيڻن سين ناز ڪري، ماريئي مون کي ٿي،
جي هتان مون پيئي، ته پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۲٦)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، چڱ ڏاڍائي ڏمرُ،
سگ تنهنجو سپرين، مون کي سورَ ثمرُ،
چڏي ڏوت ڏمرُ، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۲۷)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، چڱ ڏمر ڏاڍائي،
لڳي لُنءَ لطيف چئي، وري ايءَ وائي،
لاڻ لالائي، پرچ پرين ڏس پاڻ ڏي.

(۲۸)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڏي مريضن موڪل،
امان سڪ سرير ۾، تون پري وڃ مَ پل،
مالڪ ملهه املهه، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۲۹)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڪر موڪل مريدن،
پيو وسيلو نام ڪو، تنهنجي توهه تڪن،
جي موران مديون ڪن، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

(۳۰)

پرچ پرين پس پاڻ ڏي، ڏس هيئين جو حال،
جڏو جيءَ جيارپو، سيڻن جي سنڀال،
پلا ڪري پال، پرچ پرين پس پاڻ ڏي.

Gul Hayat Institute

(٣١)

ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪڻ اکيون ڪل ڪانَ،
ڪَڄُ، تہ ڪَسُ لاهيين، جاني چور زبان،
عيب اوهان ۾ ناهہ ڪو، مون ۾ گيرگمان،
ساجن وڏي شان، ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٢)

ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي، م ڪر ڏون ماڻو،
جاءِ ڪشادي جيءَ ۾، ڀرين ڏي ڀاڻو،
ڀلا ڀليءَ ڀت سين، ڪر اندر اولاڻو،
آءٌ ناقص نماڻو، ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٣)

ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪوءِ ٻن ٻيائي،
رهہ امان جي راڄ ۾، ٽئي ساهہ ڪي سرهائي،
اندر مون آڏي، ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي.

(٣٤)

ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي، تون نيڻ نماڻا ڪن،
جنّ ڪوري ڪنيپ تپايو، تنّ تپايم تن،
جنّ وڍيو سڪو وڻ، تنّ ساهہ سڪايم سپرين.

(٣٥)

ٻرچ ڀرين ٻس ڀاڻ ڏي، ڪر الله لڳ احسانْ،
ڏون ڀلنئان ڀلو گھڻو، آءٌ ناقص ۽ نادان،
ڄو ٻڇيم بار برهہ جو، تنهن منجهين ڪيو مڪان،
دلبر تو لاءِ دلڙي، هميشه حيران،
ڪشي هڻ م ڪان، آءٌ اڳ ڏکوئي آهيان.

(٣٦)

اندر ڀرين، ٻاهر ڀرين، ڀرين حاضر منجهہ هڏ،
ساجن ساهہ ڀساهہ سان، آهين گڏوگڏ،
ڪهڙا ڪريان سڏ، هھڙن هيڪاندن کي!

(٣٧)

چپ ڪر، چپات ڪر، ٻوٽ اکيون، ٻئي ڪنَ،
ته محب منجهان ئي مَنَ، ساجنُ سگهو تو ملي.

(٣٨)

اڄ نه سڄڻَ اکيان، خوشيءَ نه کلياڻون،
ڏمريا ڪنهن ڏوهه تي، محبت مٺياڻون!
ڏيلانهن ڇناڻون، پاڄهاڻا ٻين سين.

(٣٩)

دلبر دل کسي وئين، تنهنجي ڪل نه پيئي ڪا،
جڏهن جان زبون ٿيو، مٿي ۽ ماهه،
باقي ساهه پساهه، آهي اکڙين ۾.

(٤٠)

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا ڪالهه،
سچ ڪنان سهڻا، مٺي سائي سالَ،
لاياڻون لبيس جي، لالي منجهان لال،
اهي پلائي پال، سڄڻ آيا سامهان.

(٤١)

Gul Hayat Institute

سوڙهيءَ گهٽيءَ سپرين، مون کي گڏيا هيرَ،
ڪالهان ڪر ڪيڏانهن هئا، وڏي لايان وَ وير،
پرين آهنجا پير، اکهان اکڙين سين.

(٤٢)

اڇين شال عجيب، جاني منهنجي جيءَ جا،
وسين وير سيڪنهين، هينڙي منجهه حبيب،
جي منجهين تنَ طبيب، سي والي وار وطن تي.

(٤٣)

اچين شال عجيب، آءٌ روئو راهه نهاريان،
صحي لوڙيم لکيو، جيڪي منجهه نصيب،
ملي اڄ حبيب، ته موڪل ٿئي موت کي.

(٤٤)

اچين شال عجيب، بلا ڪنهن ٻال پٺي،
وساريان نه وڇڙين، هينئڙي منجهه حبيب،
ترت ٿيي طبيب، سالڪ انهيءَ سور جا.

(٤٥)

ساعت ساعت سپرين لحظي لحظي لوهه،
پيءَ ٻنان پرديس ۾، رين نه وهامي روهه،
پرينءَ جي پاڻوهه، صاف سينو ڪيو سور ڪان.

(٤٦)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي لٽ،
پيءَ ٻنان پرديس ۾، سورن ڏني سٽ،
سيڻن جي سهٽ، صاف هينئون ڪيو سور ڪان.

(٤٧)

ساعت ساعت سپرين، لحظي لحظي ليڪ،
سورن سنڌيون جهوريون، هڏ نه وري وڪ،
مٺي ڀڻان منهنجي پرين، وجهه پاڻوهي پڪ،
ساجن تنهنجي سڪ، صاف هينئون ڪيو سور جو.

(٤٨)

ساعت ساعت سپرين، هٿان دوسن ٻاجهي دم،
تو ڦوڙائي سپرين، گونڌر آيم غم،
اچي ٿيو اوچتو، توسين مونجو سڱ،
ڪهڙو سرڻ ڪم، مون کي ماري سپرين!

Gul Hayat Institute

(٤٩)

وڏي نيم نظر سين، سرتيون ڪيو سيڻن،
ڪڏهن گهر گهايل جي، مانَ هلي هيت اچن،
پسن ڪاڻ پرين، آ رهيو ساهہ رڳن ۾.

(٥٠)

مرن نہ معشوق عاشق تين نہ تورڙا،
جيئن شال جهان ۾، منهنجا محب ملوڪ،
تن جي ساهہ سلوڪ، جال جيان تي جڳ ۾.

Gul Hayat Institute

# سُر راڳو

(۱)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، پرڀن آيو پاڻ،
اچي مير مينڌري، ڪامل لاٿي ڪاڻ،
وڻ ٽڻ ولين ڇانيا، وٺا سڀ وٿاڻ،
ٻرڇي آيو پاڻ، ڪاڪ قراريو ڪَلهو.

(۲)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، ٻولي ڪئي ٻانگيي،
ٻوڙي ٻوڙان در تي، ويڪاڻن وانگي،
ويٺي واٽ نهاريان، ڇنڪيو نه ڇانگي،
آءٌ ڪنهن سانگي، نه ته مٺي سٺندين مينڌرا.

(۳)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هينڙي پڳي هام،
اسان ڏي اچڻ جا، آڏيءَ هٿا انجام،
سوڍا تنهنجي سام، لڳيس جم لڄائيين.

(۴)

رات وهامي ڏينهن ٿيو، هيٺا ٿيم حال،
اٿيو آئون وڃ مر، ڦريو وجهان ڦال،
ڀلا ڪري ڀال، آئون اورانگهي آءٌ تون. *

---

* ڀانيان تنهنجا ڀال، عيب اورانگهي آءٌ تون

Gul Hayat Institute

(٥)

ڪر موڙيندي ڪامڻي، مومل ڏني مون، *
آتيس آهون ڪري، ٻري مٿي ٻون،
سا جي پسين تون، موآئين ڪين مينڌرا.

(٦)

ڳجر ويٺي گمان ۾، جوڳيءَ ڏني جت، ٢
ساميءَ جو سيد چئي، تن اڏاڻو تت،
سا ڪاڪ پسبي ڪِٿ، جتي محل مومل جوا

(٧)

ڳجر ويٺي گمان ۾، جوڳيءَ ڏني جيئن،
ساميءَ جو سيد چئي، تن اوڏهون تيئن،
سا ڪاڪ پسبي ڪيئن، جتي محل مومل جو.

(٨)

لڏي لڏاڻي، رات رانڻجي آيون،
نڪا مومل ماڙيين، نڪا منجهه وٽين،
ويون پنڌ گهٽين، اڄ نه آئي واريون.

(٩)

لڪ لڏاڻي لٿيا، ڪنڌيءَ ڪاڪ ڪنار،
ٻونهه ۾ ٻئي ٻڪا ٿيا، ڪنڌيا جن ڪپار،
سامي سڀ چمار، ويهي ماڪ مري ويا.

Gul Hayat Institute

(١٠)

هزارين هتي هئا، ڏٺ سنڌن ڏيهه،
ملوڪ اِت مري ويا، راڻا رتي رهه،
ڪانَ گڏجي ڪيهه، ٻون ۾ پٽي ٻڪا ٿيا.

---

* ڪـَرَ موڙيندي ڪاڪ تڙ، مومل ڏني مون
آتليس آهون ڪري، ٻري مٿي ٻون
٢ ڳجر ويٺي ڳونگ ۾، جوڳيءَ ڏني جِت

(١١)

سٽي آنڌ آن جو، موتيا اڇن مير، *
مومل جي محلن جي، هٿي تن آکير،
ويا تان نه وير، ٿيا لُڏائي ڪنڌيين.

(١٢)

سٽي آنڌ آن جو، آيا ڪاڪ ڪنڌين، ٢
ٿيا ويچارَن، لوڙهه لُڏائي ڪنڌيين.

(١٣)

سٽي آنڌ آن جو، آيا ڪاڪ ڪهي، ٤
ٿيا تن صحي، لوڙهه لڏائي ڪنڌيين.

(١٤)

رائا پسان نه راج ۾، هٿي جني هاڪ،
محلين مير مقيم جي، مٿن آئي ماڪ،
هو پرهه جا پياڪ، لوڏِي وڃن لڏيو.

(١٥)

آيو قاصد ڪاڪ جو، توڙائين تو لاءِ،
چڙهه مور مينڌرا، پير پاڳوڙي پاءِ،
توکي گهوٽ گهرايو، جت نه ڪنهن جي جاءِ،
تونِ سُهائين جنهن کي، توکي سو سُهاءِ،
خلقيو ڪون خداءِ، جِهو تو جهان ۾.

---

* سٽي آنڌ آن جا، موتيا اڇن مير
مومل جي مجاس جي، هٿي تن آکير
وريا تان نه وير، ٿين لوڙهه لڏائي ڪنڌيين
٢ سٽي آنڌ آن جا، آيا ڪاڪ ڪنڌِن
ويندي ويچارن، ٿيا لوڙهه لڏائي ڪنڌيين
٤ سٽي آنڌ آن جا، آيا ڪاڪ ڪهي

(١٦)

آيو قاصد ڪاڪ جو، تنهن صحي ڏنا سلام،
پرين جا پرين کي، پهچايئين پيغام،
آءٌ آدامي آهيان، جاني تو لاءِ جام،
جيڪي گهرين سو ٿئي، دوست آن جي دام،
چڙهه چامن سدا چام، هل دوسان دائري.

(١٧)

آيو قاصد ڪاڪ جو، راڻي وٽ رات،
ڏي پاراڀيا پرين جا، لنئين لطيفي لات،
چڙهه تون مير ميندرا، جت تنهنجي تات،
ڏنيئه ڏاتر ذات، ڪٿيئي سوڍي سيد چئي.

(١٨)

ڪندي هيس ڪاڪ ۾، راڻي سين رهاڻ،
اڃي پسو جيڏيون، پرين وڏوڻو پاڻ،
هي هنڌ پسيو هاڻ، واريءَ جنن ونجهلي هنيون.

(١٩)

راڻي جي رهاڻ لاءِ، روح ڪري ريهون،
باغ سڙي ٻُٽَ ٿيا، وٽن جون ويهون،
ڪاڪ مٿي ڪيهون، پسو پرڏيهين جون.

(٢٠)

هُنئي جي نه هنئي، ته به راڻو رنج رکي ويو،
ماريس تنهن مامري، سيڪنهن ڳالهه سئي،
ڪرڻ ساڻ ڪُهي، ويو نهوڙي نند ۾.

(٢١)

الا سوڊل آئيين، جهوري اتم جوئي،
مور نه مٿيان ميندرو، سڪ منجهان سوئي،
راڻي سين روئي، قصا ڪنديس ڪاڪ جا.

Gul Hayat Institute

(۲۲)

راڻو رنو ڪاڪ سين، تي قيامت ڪاري،
جيڻن چڻيي ميرَ ميندري، سا پـَر نه، مون پاري،
ڏوليي سين ڏاري، مـُنهن متاهون نه ڪڻان.

(۲۳)

راڻو رنو ڪاڪ سين، ڪاري تي قيام،
ڏولـيي ڏِتُ چِتايـو، ڪـَرَ هـُيـَم ڪام،
مارِيـُم تنهن مامَ، جا ڪاملُ ڪالهه ڪري ويو.

(۲۴)

راڻو رتو ڪاڪ سين، تي ڪاري قيامت،
انـدر آڳون لائيون، سوڍي جي صحبت،
ماريس تنهن محبت، جو ڪامل ڪالهه، ڪري ويو.

(۲۵)

راڻا رسڻ چـڏ، وار ڪرهو ڪاڪ تي،
حـُب هينئين سين گڏ، وڃن سور سندو ڪيو.

(۲۶)

جهڙا جوڙا زربفت جا، پاڪيزا پوشاڪ، *
آڇيائـون عنبير جـا، مٿي نڙن ناڪ،
آئـي چـَتَ ڇـُڳيرن ڪي، ٿيا حيرت ۾ حزناڪ، ۲
جي ڪامل مـُنهين پيا ڪاڪ، سي وڃي
وريا ڪينڪي.

---

* جهڙا جوڙا زربفت جا، موتي ڳتيل ماڪ
۲ (ن)

Gul Hayat Institute

(٢٧)

جهڙا جوڙا زربفت جا، رَنائان روسالَ،
گل ڦل وڏا گُجريبن، لکين گَپتائون لال،
مانڪ موتي تنهن ۾، جوتيي جڙيائون جال،
پسي صورت پُر ٿيا، مَنجهيبن حيرت حال،
نظر سيبن سپ نانهه ٿيا، مور نه ڪن مقال،
آن جهي عبداللطيف چئي، ڪونهي جوڙَ جمالَ،
جي ڪاڪ ِ منهن ٻيا ڪالَ سيوري وريا ڪينڪي.

(٢٨)

سونَ ورنيون سوڊيون، سهسين ڪن سينگار،
چوٽَ مشڪ چندن سين، واسي ويڙهن وار،
اوتين عطر عنبير جا، مٿي ڪَٽُن خـزار،
موتي مالهائن ۾، جڙن هيرا لک هـزار،
ابر الماس آن جا، جِئن ڪڪر مينگهه ملار،
جڙيائون جان سيئن، جوڙَن جا جنسار،
ابرو سياهه آن جا، جِئن پونئر ڪار پلڪار،
لکين لوڙي لُٽيا، ڏن گُجريـَن ڪيا غار،
ڀـڏن حمالين هارَ، جي آڻن اچن آن ِ جي.

(٢٩)

سون ورنيون سوڊيون، سهسين ڪن سامان،
چـوڙا پيڙا ٻـانهيون، بنٺسر بي بيان،
هٿ ِ واڍولا، هس ڳچين ۾، دهريون، دُرُ دُوان، *
مڙهيائـون مالهائـن ۾، موتـي ۽ مرجان،
ابرو سياهه آن جـا مـارن تـا مژگان،
ڪنواريون ڪاڪ ڪنڌيبن، ڪشبو ٻيئيون ڪان،
ٻڙچيون هڻن بانَ، جي آڻن اچن آن جي.

---

* هٿ واڍولا، هس ڳچين ۾، دهريون دُزدوان

Gul Hayat Institute

(٣٠)

ڪوڙيين پتيون قمر ڪان، آهن راڻيءَ ۾ رتيون،
ڏسندي ڏور ڏيون، مومل جون متيون،
سوڍو سرتيون، وساريان نہ وسري.

(٣١)

راڻو آيو راڄ ۾، تي سوڍين ڪي سار،
پهري ويٺيون پدمڻيون، هزارن جا هار،
ڪانهي ڪا نروار، ٿيو مڙوئي ميندرو.

(٣٢)

پلي ڪري آئيون، ڏولڻا مستان ڏيت،
پائي ڌراڙي توربان، مڪ نہ تنهنجو مت،
ساجن سپ ڪڪوريا، پکن رتو پت،
مومل ڪانهي مت، ملهہ نہ تنهنجو ميندرا.

(٣٣)

ڪو جو ڪنڌر ڪاڪ ۾، راڻي ڪي رهيو،
موٽي سو محلان ۾، وري ڪين ويو، *
سوڍي شڪ پيو، توڙي مومل ٿئي مصري.

(٣٤)

ڪو جو ڪنڌر ڪاڪ مان، راڻي ڪي رهيو،
موٽي ماڳ نہ آيو، ايڏو سور سهيو،
مومل محلاتن ۾، پوئتي پاڻ پهيو،
وهي قلم ويو، سو ڪيئن ميٽيان ميندرا.

---

* موٽي تنهن محلات ۾، وري ڪين ويو

Gul Hayat Institute

(٣٥)

مون وٽ مير مينڌرو، ايندو اڄ وري،
وهي مون وهه ٿيو، ٻنهيان ٻاهه ٻري،
سوڍي ڏاران سرتيون، هڏ نه ساهه سري، *
ڪانهي ٻي ڳري، ڪامل ڏٺيءَ ڪاڪ ڪان.

(٣٦)

راڻا رسي ڪاڪ سين، وڃي وڙو وڏوءَ،
ڦوڙائي، فراق جو، قدر ڪونه لڌوءَ، ٢
دل تي داغ ڏنوءَ، سو مُٺڙي نه وسري مينڌرا.

(٣٧)

مومل، سومل، سهجان، مرادي منجهن،
چرخا چندن عاج جا، ڪيوڙي هيٺ ڪتن،
پينگهه وٺايو پٽ جي، ليمي لام لڏن،
ڀيٽيون راجا نند جون، خونَ ڪلندي ڪن،
سامهون وڃ مرُ تن، اکيان راڻا تو رڻ وهي. ٤

(٣٨)

آئي مٺان گجريين، اوچتو آيوس،
سر سيلا، گهر گوجرا، گهورن تن گهايوس، ٥
ڇهه مهينا ڇوهه مان، پاسي پير پيوس،
منجهه حيرت هوس، کهڙي ڪريان ڳالهڙي.

---

* راڻي ڏاران روح ڪي، سرتيون تان نه سري
ڪو ڦيرو ڪج ڦري، ڪامل ڏٺي ڪاڪ جا

٢ ڦوڙائي فراق جو، قدر ڪونه پيوءَ

٤ راڻو مٺان تن، اوچتو ئي آيو

٥ سير سيلا، ڳل ڪچڙر، گهورن تن گهايوس

Gul Hayat Institute

(٣٩)

راڻي جي رسڻ جو، دل ۾ اٿم داڳ،
وٺي ويو پاڻ سين، سپوڻي سهاڳ،
مون کي ڏيئي ماڳ، ڪاهي ويو ڪرهو. *

(٤٠)

اڳڻ آئي ڪرهو، ويرين جيئن واري،
مون کي ڏيئي ماري، سوڍا سائي ڪاڪڙي.

(٤١)

اڳڻ آئي ڪرهو، جهليئي جيئن جهوڪي،
ساهه منهنجو سپرين، راڻا وٺين روڪي،
سڪان ٿي توکي، مهن ڏيکارج مينڌرا.

(٤٢)

ري راڻي، رت روءِ، ڪريون نهاري ڪوٽ جون،
ماڙيون محل مگر ٿيا، پرينءَ پڇاڻا پوءِ،
سوڍا سور سندوءِ، چوڻ ڪان چوڻو ٿيو.

(٤٣)

ڏيئي پاند پناهه جو، ڏکي ڪي ڏولي،
ڏسيو عيب اکين سين، پاڇهه پريو نه پولي،
ڪچيون ڪميڻين جون، خاوند نه ڪولي،
راڻو نه رولي، دليون پسي داسڙو.

* مون کي ڏئي ڏهاڳ، ڍوليو ڍٽ قراريو

Gul Hayat Institute

# سُر ڪاهوڙي

(۱)

وهائُو ويا، ڏوٿي ڏورا ڏٺ جا،
ٻچائُو ٻيا، ماڻهُ ڪاهوڙي مات ٿي.

(۲)

مٺا ڪاهوڙي مات ٿي، ٿيو ڏٺ ڏڪار،
سنجٺا ۽ سينگار، ٻيو آهي ٻٽ ۾.

(۳)

ڪيچيا ڪاهوڙي، ٻِسي ٻورهيت ويسرا،
ڏوٿين سا ڏوري، وڪ ورائي ٻنڌ جي. *

(۴)

ڏُسالا ڏونگر، ٻيهريءَ آگهاڙا ٻپ ۾،
ڏري سنڌ ڏٺ سين، ٻائي ڪياڙون ٻُرُ،
ڪي سانباهو ڪر، ويهي وڃاءِ مَ ڏينهڙا.

(۵)

ڏوري ڏنائون، وڃي وڻَ ڏٺ لڏ،
عمر اوجاڳو اکين، ڏونگر ڏنائون،
ان ٻر آنڌائون، ڏٺ وڏي ڏک سين.

---

* ڏوٿيڙا ڏُوري، وڪ ورايو ٻنڌ جي

(٦)

جُهد ڪيائون جبلين، ليڪي منجهه لَڪن، *
سجايا دم سڀ عمر جا، ڪنيا ڪاهوڙين،
پَرِ ۾ پساهن، هلايائون حق ڏي.

(٧)

ڪانيا ڪاهوڙين، هينئڙا جوش حق جي،
لُڇي پر لَڪن، پاڻ وڃايائون پانهنجو.

(٨)

ڏونگر ڏيٺيون، صبح ڏٺم سچ ۾،
سڀ وِسائي آيا، سنڌيون ٻـپ ٻٺيون،
جي گهميا حق گهٽيون، تن ڏسڻ ٿيو ڏوٿين.

(٩)

ٻَرَ ۾ ٻري باهه، ڪاهوڙڪيءَ ڪِيرَ جي،
جت مرون ماڻهو ناهه ڪي، پير پکيان ناهه،
ڇـپر چولاڪاءِ، ڪاڻي ڪاهوڙي ٿيا.

(١٠)

ڪُ ڏِسڻ ڪهي هليا، جت ڏسڻ ناهه ڏِسيڻ،
آتي هليا اوڏهين، سير ڪُپريان ڪن،
اناالحق جتي جوءِ ۾، ڏنو منصورين، ٢
جت ذات بقا جو، اِي پاڪائي پس، ٤
حيرت ڏانهن هان، وڃي ملڪ معراج پيا.

---

* سجايا ... چٿي، ڪنيا ڪاهوڙين
... ۾ پساهن، هلايائون حق ڏي

٢ چٿي عين الحق، ڏنو ملڪ منشورن

٤ فڪان تاب قوسين او ادنىٰ، اِي پاڪائي پسن

Gul Hayat Institute

(١١)

وجي ملڪ معراج پيا، محب مشاهدو جن،
نہ اوري نہ پري، پسي پاڻ پهن،
ڪنتُ ڪنزاً مخفياً، عجب آهي اَن،
ٻيون ڏيئي ٻَن، پيئا ذات بحر ڏي.

(١٢)

جت ڪون مڪان نہ ڪو، ات ڪياڻون سير،
عاقل عالم ڪيترا، وارن نہ تهان پير،
ڳجهان ڳجهيون ڳالهيون، ڪهتر پاري ڪير،
آپيريءَ ۾ پير، ڪيئي پاتو پيرين.

(١٣)

لڪين لک پيا، آت ڪوڙيين مڙيا ڪيترا،
پسي پر پرين جي، وسان پاڻ ويا،
نڪا سار نہ سُڌ ڪا، او حيرت منجهہ هئا،
ڪنهن جنهن نک نيا، جئن وَهمُ ويساندان گذري.

(١٤)

جتي عقل نہ علم ڪي، او تائين توڏانهين،
جيلانهن وَهمُ وترو، وڃن اوڏانهين،
پيئا وحدت ويءَ ۾، ساراهين سائين،
تن وتا در وحدت جا، حاصل حضورائين،
جي اچن آتائين، ڏئن آهج اڳانجها گهڻو.

(١٥)

پاڻ ڇڏي، پرينءَ گڏيا، وہ پي وصل تيون،
تيا سانجارا سبحان، وچان وچ ويون،
محب سو مڙيون، جنهن کي سڪي سيڪو.

Gul Hayat Institute

(١٦)

طالب ڏي ڏوڙان ٿيا، جي سدا ٿا سڪن،
ڪوڙين ڏيهه ڪيترا، ڏوڙي تن ڏجن،
ري روئيت رب جي، ڪجهه نه اچي تن،
طالب طلبي ٿيو، وحدت منجهه وڃن،
ڪي نگيا ناسوت ڏي، ڪي ملڪوت ڏي مڙن،
ڪي وره پيا وندريا، ڪي هليا همت وڃن،
آءُ تو پڇان ڀيٽرا، سدا سالڪن،
ڪهڙي حال هلن، سوڪڙو سبحان جا.

(١٧)

ڏکارو ڏونگر، ڏنم لئه ڏوتيرن،
پاڻ وڏائون پب ۾، انهي لاه اندر،
ڇورو ٿيو ڇپر، پيرو ڪاهوڙين بس ڪيو.

(١٨)

ڪاهوڙين ڪنيو، جيڏري سانگو ساه تان،
بت سڪايئون بر ۾، تتي ڏينهن تيو،
شرف المولىٰ سالڪين، پرو تن پيو،
ڏونگر ڏيج ڏنو، ڏوتي ڳڌيا ڏت کي.

(١٩)

جت نه پکيان پر، تت تڪي باهڙي،
تهان پري ور، ڏوتين ڏنو ڏت کي.

(٢٠)

پيهي ڇپر بس، ڳنجي ۾ ڳن ڳهڻا،
توکي ڏيندا ڏس، ڏوتي انهيءَ ڏيهه جو.

Gul Hayat Institute

# سُر رامڪلي

(۱)

ننانگا نانيءَ ملِيا، ڪينرَ ڏرِي ڪنڌِ،
پُربا پورب سامُهان، راول ٿيا رندِ،
هي جي هٿا هِن هنڌِ، آءٌ نه جيئندي اَنَ ري.

(۲)

ماءُ منهنجي جوڳيين، ڪنين ڪَنيرَ لال،
آن ڪي ڏٺا ڪالهه، ويندا واٽڙيهن تان!

(۳)

تڪين سي ٽوڙا، ويراڳين وٺي ڪين ڪِي،
ڇڙَ ڇراتين جنڊُڙا، ڪارا ٿين ڪوڙا،
آمن آجوڙا، سجوڙا سيئن سڄڻين.

(۴)

جوڳي جڳ نه وڳ، جڳ نه ڏنو جوڳيين، *
آديسي عالم ڪان، لاهي ڇڏيا لڳ،
سامي ٿيا سرڳ، هلو تڪيا پسون تن جا.

(۵)

نه مي جوڳي جوه ۾، دونهين ڏنڌ نه لاٽ،
ويراڳي ويا نڪري، ڇِت جني سين ڇاٽ،
گهٽا نهاريم گهاٽ، تن سامين جي صورت لئه.

---

* جڳ = فقيرن کي ڪارائڻ لاءِ خيرات

(٦)

ڳرهڻ ڏيئي ڳاتَ، جان مون ڳهڻو نهاريا،
مڙهيون مون مارين ڏيون، جوڳي ويا جاتَ،
ونجهلان انهيءَ واٽ، راولَ جنهن راهه ڳيا.

(٧)

مڙهه پوريائون ماٺ ٿي، ٽڪيي ناهه ٽنوار،
آهي وٽ آن جي، نت ليماهم نارَ،
سامي سڀ ڄمارَ، ڏيئي ڏک ڏور ٿيا.

(٨)

پوري مڙهه مٿهيسَ، نيرتِ ويا ٽڪڙا،
آنهي ٽبي اڳي ڪها، پنهنه مٿي پرديسَ،
جوڳي جنبي هليا، ڪنهن ڏورائي ڏيسَ،
آنهي جا آديسَ، ساريان ڳهڻو سيد چئي.

(٩)

ڪوڙين پٽهن جي، سهسين ڪري سلام،
ري محمّد ڄام، ڪم نه ايندو ڪو ٻيو.

(١٠)

ڪريهن جي ڪوڙين جي، سائينءَ ري ساڃاهه،
ڪترُ ڪو اڄاڻُ ٻاهه، سيڪيو سيڪي هتڙا.

(١١)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڙلي ڪفني م رُل،
واري وجهه وجود ۾، هيڪڙائيءَ جو هُل،
آهين ڀاڻ امل، ڇو پنين پينارَ ڪان.

(١٢)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڙلي ڪيم رلاءِ،
ڏيئي ڀليتا ڀاڻ کي، ٻاري جان جلاءِ،
ته سامي ٿيا مڃيا، ڳٽر وٽ ڳلا نه ٿئي.

Gul Hayat Institute

(١٣)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ڏڙ کي ڏوڙ ۾ لاءِ،
ڇو ٿو ڪن ڪپائين، ۾َ کي وارَ وڍاءِ،
صبر جي سيد ڇئي، دل ۾ دونهين دُکاءِ،
ته ساميڙا سندياءِ، گر وٽ گلا نه ٿئي.

(١٤)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪُتا ڪيم ڀھاءِ،
عشق جي اوطاق ۾، ويهي تند وڄاءِ، *
ته ساميڙا سندياءِ، گر وٽ گلا نه ٿئي.

(١٥)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، جهونو ٿي جهَل،
وارِي ويهه وجود ۾، آئٺي پهر امل، ٢
مائڪ تنهنجو مَلُ، جو ڀهائين بس ٿيو.

(١٦)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪَندا ڪَئي ۾َ ڪيڄُ،
لوچيندي لاهوت ۾، ۾َ ٻار مجاجي ميڄ، ٤
هَٿ سُپجي سَيڄ، تون ڪوڙ ڪمائين ڪاپڙي!

(١٧)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، لاهه ۾َ لڱَ ڀڀوت، ٣
تو ساريڪا ڪاپڙي، ڀيٺا ۾ لاهوت،
جي پرت پريان سين پوت، تن وڃي وراڻي ڇڏيا.

Gul Hayat Institute

---

* مڙهي ۾ مات ڪري، ويهي تند وڄاءِ،
ته سامي ساڪ سندياءِ، پورب ٿئي پڌري.

٢ وسائيج وجود ۾، اٺئي پهر امل،
ته سندو هائوءِ هَل، ڪڏهن ڪنين نه سڻين.

٤ مجاجي = مجازي

٣ تون ڀانئين جوڳي ٿيو، لائي لڱنڪ ڀڀوت!

(١٨)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ته ڪُڙهه ۾ ڪُني ڪارِ،
جهرا جگر ٻڪيون، ڦُٽڙ ڦوڙي ٻارِ،
ٻئي ڏانهن ڪيم نهار، واري ڏس وجود کي. *

(١٩)

جي ڀانئين جوڳي ٿيان، ٿيءُ پيرن جي پٽي،
ڪيڏي چڏ قلب مان، نانگا نند گهٽي،
مور م مڙهج من ۾، ڪاوڙ جي ڪٽي،
انهي وير وٽي، جيم گروءُ جي گس ٿئين.

(٢٠)

جوڳي جلائي جل ٻتي، متهائي متهويس،
دور ٿيا دنيا کان، ماري هليا ميس، ٢
ڏوري ڏورانا ڏيس، گُرَ گڏيا گرنار ۾.

(٢١)

نڪي رکيائون رام کي، گُرُ نه گڏيائون،
هٿ پڻ هلائون، آئين پوندئون آن جون.

(٢٢)

جي رکيائون رام کي، پڻ گروءُ گڏيائون،
هٿ پڻ آجهائون، جڙيون جوڳيئڙن کي.

(٢٣)

مٿي ڪان مٿي وڃي، جوڳيءَ ڏٺي جوه،
اوڏو تيو آلک کي، وڃي روبروه،
باٻوءَ چکي ٻوه، ڪا ليک لاهوت جي. ٤

---

* ته قادر تنهنجي ڪار، خالق خالي نه ڪري

٢ دور ڪيائون دوارڪا، ماري هليا ميس

٤ باٻوءَ چکي بوءِ، منجهان باغ بقا جي

Gul Hayat Institute

(٢٤)

ڪيڏانهن ڪري نيتيان، ميڙياڻي مسيت،
'انا احمد بلا ميم'، راول اِهــا ريت، *
سچي ڪري پريت، ڪعبي ۾ ڪل ٿيا.

(٢٥)

وڃڻين وبراڳين جي، متي دونهين دُوسَ،
ساڙي سڪ سنها ڪيا، بيراڳي بيهُوسَ،
ايءَ نانگن جي ناموسَ، پيٽ نه ڪڻن پاڻ سان.

(٢٦)

آديسي سي ڻي، جي آدم ڪنان اڳي هئا،
اوريان اورين عام سين، پُرِيان پري ڻي،
درست دلالت دين جي، هتان تن ويئي،
تني ڪـي ڏيئي، بـار وجـايم بيکيا. ٢

(٢٧)

وتون جن وڃايـون، توڪَن هئي توڪَ،
سنڌا ڪچا لـوڪَ، ڪاپڙيـن قبوليا.

(٢٨)

نبي هـن نباهـ ۾، هـڏهين نـه هونـدو،
لِمن الملڪ اليوم لله الواحد القهار، پرين پاڻ پڙهندو،
راضي سو رهندو، سامي سچائج ڳالهڙي.

(٢٩)

جانسين پسين پاڻُ، تانسين محبت مڙيئي،
لٿو جـي گمانُ، تـه مڙيئي محبت تي.

---

* هليا وڃن حج تي، راولَ انهيءَ ريت
پڪي ڪن پريت، ڪل ۾ ڪعبو ٿيو
٢ تني کي ڏيئي، بادر وجايم بيکيا

Gul Hayat Institute

(٣٠)

ٽانسين ٽون نہ فقير، جانسين سانگو ساھہ جو،
ماڻيو ٽـن ملير، جـن جٺو مباح ڪيو.

(٣١)

جتي ھٿي ڪانہ، اُت آسڻ آديسين جـا،
وڃائـي واٽ ٽـيـا، ساز سڱيون سامـان،
اوڏيءَ مھل حوا ڪي، پٺي ڪل ڪـنّھي جي ڪانہ،
ھو جوڳي ٽڪن نہ جوان، ڪنھن طعني لاءِ ٽيرٿ ويا.

(٣٢)

جوڳين کي جـُڳ ٿيا، ڪاھيندي ڪابول ڏي،
راھہ سـُونـائون رب جي، ورچي تان نہ ويا،
جيلانھن ڏاڻيءَ ڏٺا، تيلانھن مڃيائون محمد صہ کي.

(٣٣)

ڪيٺن ڏنو ٿي ڏوھہ، جيٺن رام ڪوئـينـر رحمان کي،
جو ھاديءَ چيو حق ٿي، سو ڪلمو ڪھن نہ ڪوھہ!
ٿن آديسين اندوھہ، ڪھڙو ڏينھن قيام جي.

(٣٤)

نانگا ننگا نگيا، نـانگن ڪونھي ننگ،
نڪي وڃائين سڱيون، نڪي ڇورين ڇنگ،
گنگا ۽ گرنـار ڏي، سامين ھـڏو سنگ،
راول پروڙين رنگ، ٿيا لاھوتي لطيف چئي.

(٣٥)

اصـل آ اوطاقَ، انـدرُ آديسين ڪـي،
ھُوريائون در دنيا جا، ٽاڙيون ڏيئي ٽاڪَ،
خوابن مٿي خوابَ، لڌائون لطيف چئي.

Gul Hayat Institute

(٣٦)

خيما جن کٽي، مٿي پورب متنبيا،
آيل آديسين لڳ، پسو ٽيان پٽي،
جيءَ ۾ جڙ هٽي، ناڻگا ويا نڪري.

(٣٧)

ويڻو گهڙيہن گهات، تو تي ويس ويساهه جو،
ڪوڙ ڪمائين ڪاپڙي، نسورو نپات،
لڳي اهڙي لڪيہن، ڏوڪي چور چمات،
هڏ نہ ونہن وات، پڇہن پورب خبرون!

(٣٨)

بابو نہ بيکيا، نہ اسم اثباتي،
منجهان ارادي حق جو، ٿيو ظاهر عشق ذاتي،
صورت صفاتي، پوءِ ڪيائين پڌري.

(٣٩)

پوءِ ڪيائين پڌري، بابو بياني، *
پاڻي سِر صورت جو، آيو انساني،
صورت سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿي.

(٤٠)

ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو، صفتان سڀ جڳ،
آديسين الڳ، مشاهدو محبوب جو.

(٤١)

مشاهدو محبوب جو، سامي سڃاڻيج، ٢
احد جدا احمد کان، پورا ۾ پاڻيج،
خالي ڪو م ڪٽيج، گُر ري پساهه گودڙيا.

---

* پوءِ ڪيائين پڌرو، بابو بياني،
وٺي صورت سبحان جي، آيو انساني،
هي سِرُ سبحاني، ذاتيءَ مان ظاهر ٿيو.
٢ مشاهدو محبوب جو، صحيح سڃاڻج

(٤٢)

ڳُر ري ٻساھ ڳوڙهُي، خالي ڪونہ ڪنيو،
ٻيراڳيءَ ٻڳوان جو، روح ۾ نام رھيو،
وڇان وَرُ ويو، ڳُر ڪي ڳَڏيو ڪاپڙي.

(٤٣)

گر ڪي ڳَڏيو ڪاپڙي، راول روبروءِ،
فڪان قاب قوسين او ادنيٰ، اها جوڳيءَ جُوءِ،
حق کي ڳَڏيو هُوءِ، لاھوتي لامڪان ۾.

(٤٤)

لاھوتيءَ لامڪان جو، ساميءَ سير ڪيو،
جتي رنگ نہ روپ ڪو، راول تت رسيو،
ليس ڪمثله شيءِ، حُسن ھند نہ ڪو،
ڳجھاندر ڳُرھيو، احد احمد ٻاڻ ۾.

(٤٥)

احد احمد ٻاڻ ۾، ڳجھو ڳُرھيو ڳجھ،
انا احمد بلا ميم، سناسي سمجھ،
آجھو ھنڌ مَ آجھ، احد احمد هيڪڙو.

(٤٦)

احد احمد ھيڪڙو، ڪانھي ٻيائي،
آھي لِڪ لطيف چئي، سامي سڃيائي،
جوڳي جدائي، متان ڀورا ڀانئين.

(٤٧)

جني جدا ڀانئيو، سي آديسي اوري،
ڪاپڙي ڪفر جو، لڳو چڏ لوڙي،
ڏس اندرُ ڏوري، ٻيراڳي ٻڳوان کي.

Gul Hayat Institute

(٤٨)

بيراڳي يڳوان کي ڏيهاڙي ڏسن،
مشاهدو محبوب جو، اندر آديسين،
خالي ڪونه ڪَڍن، گُر ري پساهه گودڙيا.

(٤٩)

ڪر سين گودڙين جو، پُوتو آهه پساهه،
نڪا سڌ ثواب جي، نڪو ڪن گناهه،
آديسين ارواح، پُوتو آهه پرين سان. *

(٥٠)

بيراڳي يڳوان جو، سدا ڪن ثناءُ،
ويٺا ڪن الله، پر ۾ پُوتا پرين* سان.

(٥١)

بيراڳي يڳوان جو، ويٺا ڪن ثناءُ،
راول ريجهائين رام کي، لڪائي لوڪاءُ،
الک جو آهاءُ، ويراڳين وجود ۾.

(٥٢)

بيراڳي يڳوان جو، سدا ڪن سلام،
ويراڳي وجود ۾، هر هر ڪن هرنام،
آديسي امر ري، ڪهن ڪونه ڪلام،
مهيسي مدام، تيها رسيلا رحمان سين.

(٥٣)

اڳي احد هو، احدان عبد ٿيو،
راول روپ ٻيو، تو صفاتي سڏجي.

---

* آديسين ارواح، نيٺي نماڻو نات کي.

Gul Hayat Institute

(٥٤)

'هو' جي صدا هيڪڙي، ڪا ڪيائون ڪَن،
رام سنڌي روح ۾، جڏهين جاڳي جن،
پڇو پورب خبرون، آديسي اچن،
مام رکيائون من، تي نانگا ناٿ نوازيا. *

(٥٥)

رام جني جي روح ۾ سنياسي سيئي،
آتين گهٽي ادب سين، اَنِ جي عادت ايئي،
تني ڪان تمر چٽي، پڌر نه پيئي، ٢
سالڪ سيئي، ڪنهيو ڀڃن ڪالهڙي.

(٥٦)

ڪنهيو ڀڃن ڪالهڙي، سيئي سالڪ،
پورب ۾ پيهي ويا، سامي ڇڏي سنڪ،
ڏسندي لک الک، نانگا نسورا ٿيا.

(٥٧)

وبراڳ ويهائيج، هاوج هن پار ڏي،
چڱو چرخو پانهنجو، ويل ۾ وبساريج،
آتيو آڏيءَ رات جو، پنيءَ سين پيريج،
سُٽُ جو سرانن جو، ڪنبيو سو ڪتيج،
پنج پٽو ڪن پاڻ سين، ڏيهه ۾ ڏاريج،
اَن پر تي اچيج، ته گُر ڪي گڏجين ڪاپڙي.

(٥٨)

هٽي گس هنگلاچ ڏي، تيها هيڪاندا،
ورسورسا واندا، ويا ودراڳين وسري.

---

* ميم رکيائون من، تي نانگا ناٿ نوازيا
٢ (ن)

Gul Hayat Institute

(٥٩)

ويا ويراڳين وسري، واندا وسوا،
لاهي ڪس ڪسا، نظر چڙهيا ناٿ جي.

(٦٠)

نظر چڙهيا ناٿ جي، لنگهيو تن لاهوت،
نانگا ننگان چڙهيا، جوڳي ويا جبروت،
'هو' ۾ ڪنڌجي 'هو' ٿيا، ماڻيائون ملڪوت،
سريئن سڀ سُڪوت، وڃي ڪاله ڪل ٿيا.

(٦١)

اڄ نه اوطاقن ۾، ڪرڪل ڪاپڙين،
نه سي ذاڪر ذڪرين، نه سي ذڪر ذاڪرن،
سڳا جن سونهن، سي مڙهه پوربائون ماٺ سين.

(٦٢)

واڇٽ ڪين وڃن، اڄ سي اوطقن ۾،
لاڇو لاهوتن، جوڙي ڏنو جان کي.

(٦٣)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، رکن آٿي سين آرو،
مارو سندن مانهن، رکو ڪن پيٽ پارو،
صبر جن سڀارو، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٤)

هن جڳ جا جوڳي ٿيا، ڪين ڪندون ۽ ڪمرَ،
سنجهي سهن سوڙئن، پره چائن پمرَ،
اندر جن آڪيرَ، سي آديسي اڳ هليا.

(٦٥)

جا پر هندو ڪن، مٿي پچائا متيت سين،
سا پر سهرين، مون سين ڪاله، ڪري ويا.

Gul Hayat Institute

(٦٦)

ٻت چڙهيائون ٻتَ ۾، ڏندَ چڙهيائون ڏور،
تي مهيسر ماٺ، وڃي ڪالهه ڪل ٿيا. *

(٦٧)

هيڪلائي هٿن جي، وينا واجهائين،
سامي انهيءَ سور جو، مانجهي منجهه نه ڏين،
وينا نباهين، نازڪ ڏاڍو نينهن جو.

(٦٨)

گنجي گنگا ڳنڍيا، ٻورب ڀنا جهي،
اهڃاڻيون الماس جون تن کي تمر ڇهي، ٢
سامي آهين سهي، لڪا ڀڻن لوڪ ۾.

(٦٩)

رهن حقيقي راز ۾، شرع نه سنيارين،
ڪفر ۽ اسلام کان، ٻاسا ٻاسارين،
آني تا گهارين، جت مپ نه هوءِ ملائڪين.

(٧٠)

هيڪڙائي حق ڀسين، ته ورق ٻهائيءَ وار،
ڇڳيءَ ٻت چوڏهن کي، سامي ساريو سار،
پنجن مان پاتار، پسنديون ورق وصال جو.

(٧١)

پسنديون ورق وصال جو، آڏوتي عددن،
حسابي حساب جا ٻارهن ياد نه ڪن،
جي ٻارهن کي ٻجهن، آهه پڻ کهوري آن جي.

---

* مهيسي ماٺ، وڃي ڪالهه ڪل ٿيا
٢ (ن)

Gul Hayat Institute

(٧٢)

طالب مٿي تاءَ، کھڙو سُنّتَ پارڻ جو،
پڙڻو ڦاهي جندڙي، منجهه منجهائي ساهه،
هو جو گھري الله، سو هيئڙون هول نه ڳڻي.

(٧٣)

جڏهن رب جليل، ڏنو ڏيجُ رسول کي،
نڪو عرش نه ڪرسي، جاءِ نه جبرئيل،
نڪو سج نه چنڊ ڪو، نڪو ميڪائيل،
منجهان سڪ سبيل، پرين پاهوهيا پاڻ ۾.

(٧٤)

ڳُر جا ڏني ڳوڏڙي، ڏوتائُون ڏاڪڙا،
کھندا ويا ڪابول ڏي، سائين جا ساڪڙا،
سيڻ سياڪڙا، ڳڳا تي ڳڏ ٿيا.

(٧٥)

جن کي عشق اندر ۾ تن کي آج نه ٻڪ،
وحدت جي وصال ۾، سيڏ ڇٽي تن سڪ،
ڏور ٿينهوَن ڏک، جي رتا وتن روح ۾.

(٧٦)

Gul Hayat Institute

اندرُ نه رڏاءِ رام سين، ٻاهر ڦرين ٻاڏون، *
مُٺا مُنين پاڻ کي، ڇائين آديسي آڏون،
لاهي ڇڏ لطيف چئي، ٻوڙا سڀ ٻانهون،
۽ پنڌ اڳاهون، جت نانگا ڳڏيا ناٿ کي.

---

* ٻاڏون = حيران، پريشان، ششدر

## سُر رپ

گوندرَ وڏو وَرِ، مون کي مون پرين جي،
اچي دوست ڏَرِ، مٿي مُئينِ هٿڙا.

## سُر گهاتو

اڄوڪون اڄ آئانِ، روڄو رڃ ئهاريائين،
سڙها ساج سندانِ، ويو لوهه لِکون ٿي.

Gul Hayat Institute

# سُرُ ڏهر

(١)

پُلهو آهين مچ، جيئن تون هڏ نه موڙيو،
جا تو ڏنــي اڄ، تنهن پالڻ پنا ڏينهڙا.

(٢)

ڪندا ڙي ڪاڪا، توکي سمجهه نه سُور جي،
سمجهڙيائي نه سا ڪا، جيئن ميرين به چٺن پيا. *

(٣)

ڪندا توکي ڪا، ڳالهه، لڳهي ڳن جــي،
سمجهي تو سا ڪا، هوند مگر پٽن چٽي ٿئي.

(٤)

جو تو هڙو گهاءُ، ڪندا ڍور ڏٺين جو،
هونــد نه ڏوڪياه، مــوري ميجر تاريون.

(٥)

مــديــنــي والـي، سُن منهـنـجا ســـڏڙا،
آجهو تون عالي، ٻي ڪنڌي ساربان ڪانه ڪا.

(٦)

مديني جـــا ماهه، سن مَنهنجا ســڏڙا،
ٻيو وسيلو نه واهه، عاصي تنهنجي آسري.

(٧)

مديني جـــا اسمن، سن منهنجا ســـڏڙا،
تــرهــو چنو تــار ۾، چڙهو ساڻ زمين،
ڪک جهليندا ڪمن، آڌارين نه آڪران.

---

* نُ

(٨)

آيــريـــا چنڊ آسُور جـــا، نڪتڻ نوراني،
پهرُ رحمتي رات جــو، اٿــي اوڳاڙي،
ڦيٽي هيءَ فاني، جنهن دنيا سان تو دوستي.

(٩)

آيــريـــا چنڊ اسُور جـــا، نوراني نڪتڻ،
سوجهرو تن سين جــو، پهريــو مٿي پٽ،
وڃــائج ڪا وٽَ، صبح سان سيد چئي.

(١٠)

آيريا چنڊ اسور جـــا، نڪتڻ پريا نور،
جاڳ ته ملين جنّت کي، چڙهي پهرئين پور،
هتّي جا حضور، سا حاصل تئي هِتهين.

(١١)

آيريا چنڊ اسُور جا، ڪر نڪتڻ ڏي نظر،
ڏس ته ڏوهن ڏون پاڪ ٿئين، اپر تئي اجر،
صبح جـــو ثمر، جاڳندن جهجهو ڪيو.

(١٢)

آيريـا چنڊ اسُور جـا، نڪتڻ سڀ نهار،
اللهه پتساهه عمر جا، هاريا اٿين م هار،
ورق جــي وصال جـا، سي سيوئي سار،
ڪرين ڪوهه قرار، تو کي قبر چڏيندي ڪينڪي.

(١٣)

جني پڙد نه پچ، تني تاري تنهنجي، *
پـــوءِ ايــاريـــن سچ، اول ڏئين آن کي.

---

* جني پڙد نه پچ، تن به تنهنجو آسرو

Gul Hayat Institute

(١٤)

ٻندا وتين وېسرو، پٺيءَ موتُ تـو مارو،
تو ڪيئن وِسـَريو، تنهنجي وجود جو وارو،
زم زمــان زارو، رُونـدا ڏسـي رت ويـا.

(١٥)

ٻندا وتين وېسرو، پٺيءَ موتُ مـارو تو،
لکين هتان لڏي ويا، جني هتن حڪم هو،
ري ڀيلپي رب جي، ڪم نہ ايندو ڪو،
سهٽيءَ وانگر سو، جين نہ هن جهان ۾!

(١٦)

ڪات تنهنجي ڪنڌ تـي، آيو ڏسـي آهي،
ڏيهائي هيڪڙو، لِکئي مـان نہ لاهي،
ايندو جي ڪاهي، وٺــي وينده هيڪلو.

(١٧)

ڪونجون ڪـَرُ ڪٽي، رات آڏائيون روهہ ڏي،
ميڙيندون ڏلـــي، ڀاجهائي ڀڄن سان.

(١٨)

Gul Hayat Institute

رات آڏائيون روهہ ڏي، ڪونجون ڪٽي ڪـَرَ،
چـاتــاري چـڀـر، وري وطن آڏيـون.

(١٩)

مَ لَنءُ ڪونجي، ماٺ ڪر، چاڪ مَ هيين چور،
ماريو سپيرين ڪي، هنيين وجهہ مَ هور،
متـان پويٺي ڏور، ڀـرنـدي ڀرڏيهہ ۾.

(٢٠)

لاکو نه لوڙيون، نه اکيون اوسيئڙو، *
سڪ پٺي ستيون سنگهاريون، سري اوڍي سوڙيون،
ڪاڇي ۾ ڪوڙيون، رهي ريهاري ويا.

(٢١)

هالو تو هلي، وڳ وهاريـن ويسرا،
پنهنجي ڪين پلي، لاکو لوڙائـن سان.

(٢٢)

هيٺ ڪٿو، سيرو مٿو، لڳ پڪليا ڏوڙ،
آئن جـي اسور، سي لاکا جيم لڄائين.

(٢٣)

چاري جو چيو ڪري، وڳ نه واريائون،
مـٿي هر هليا، ميس نه ماريائون،
ڏهن سارياڻون، جڏهن هيڻن جو هل ٿيو.

(٢٤)

جتي چمر چڪيائين، تتي ڪيچ ڪارو،
جتي راڳ روپ هـو، تتي روڻ رونڪارو،
لاکو لاکارو، آهـي هٿي ڏينهڙا.

(٢٥)

جهليو چڙين جـوه، وليون پسيو وهه جون، ٢
سائو تـو صبوح، جائون ڪندو جان ۾.

(٢٦)

ڏونگر لڳن ڏينهن، مان نه ور ڪن سپرين،
ڦوڙائي جـو مينهن، هوت وسائي هليو.

---

* لاکو نه لوڙ، نه آهي اوسيئڙو،
سڪ پٺي سمهو سنگهاريون، سري اوڍي سوڙ،
ڪاڇي ۾ ڪوڙ، رهي ريهاري ويا.
٢ جدا چرين جـوه، وليون پسيو وهه جون

(٢٧)

وڙڪيو ولهارن ۾، ڇريو اڇين ويءَ،
سنجهي ڀانئين سيءَ، آسُور آئين ڪينڪي.

(٢٨)

سائي سڪايون، روجهڙيون رڻ ڪنڌئين،
سورن سِڄهايون، ڪا ول ڇنائون وهه جي.

(٢٩)

سائو ڪنڌ سور، ڇوريءَ ڇيڻي جو گهاءُ،
مٿي وڄايوءِ مور، وليون ڇَريون وِهه جون.

(٣٠)

جهَليو ڇرين جهنگ، واڙي ٻسيو وهه جي،
رات تنهنجو رنگ، هاري هيري ڇڏيو.

(٣١)

روجهہ مَ ڇَرَ ڪَرِ، واڙيون ٻسي وهه جون، *
سندي ولين ڦرِ، کهئا وهه وهائيا.

(٣٢)

سڱڪو چرين سَڄ جو، ڦري وساري، ٢
لطف ساڻ لطيف چئي، تَي اندي اتاري،
نہ ٻچا تو ٻاري، ڪڏهن ٿئي ڪانڪا.

(٣٣)

دوست رک ڏيان، ان اڳاهينءَ جُوءِ جو،
وري وراڪي ڇڏيا، ڀاڳيا ڏي بيران،
ويا ڪٿي ڀاڻ سين، سورن جو سامان،
هلي تيا حمران، ورق وين وسري.

---

* روجهہ م رڻ جهڻ ڪرِ، واڙيون ٻسي وهه جون
سندي ولين ڦرِ، وهه وهاليندءِ گهاءُ

٢ سڱڪو چر سڄ جو، ويهہ ويءَ وساري
لطف ساڻ لطيف چئي، تي اندر اتاري

# سُر ليلان

(۱)

ڪتوري ڇنين پٽائين، ٽوڙي ڏاڳن هوءِ،
ٽوڙي منهن نه ڏوءِ، نه ٻن سهاڳن اڳري.

(۲)

ڪَرَهه ڳنيجا، ليلان لاهه م هامَ،
هت ٻڌي حاضر ٿي، چئي چنيسر ڄامَ،
مانَ ڀروڙي مامَ، ڏٺي ٿنهنجو ڏاسڙو.

(۳)

سوڀي شان سڄاڻ، ليلان جم لڄائيين،
آهين گهڻو اڄاڻ، مڇڻ ڀوري نه ٻُجهين.

Gul Hayat Institute

# سُرُ بلاول

(١)

سمي ساماڻي، ٺمر ڪٺو مَ ساڻيا،
مَٿَنِ مهماڻي، ڇَنا ڇائون ڇڏيا.

(٢)

سمي ساماڻي، ڇَنتا لٿي ڇارڻين،
هلبو هاڻي، جت وحدت جو ويءُ وهي.

(٣)

اڇي پيٺي ابڙي، هل هگا هالا، *
منداڻي مينهن جيئن، جهڙ سندا جهالا،
سمون سنڀالا، سڏ ڪيو سُرڻن لهي.

(٤)

جٺان گهڙيو جڪرو، تٺان مٽيءَ ڪونهي مُلُ،
اهڙو گوهر گل، پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو.

(٥)

ڪوهه نه جُهارين جڪرو، جو ولهن جو وارث،
سونهون سڀ آمت جو، پاڪارو پارس،
سي ڏکيا وڃي ڏس، جن گنگا جر گڏيو.

(٦)

ڪوهه نه جُهارين جڪرو، جو ولهن ڏي ويلا،
ڪنين مالڪ موڙيا، ڪن تازي طبيلا،
سمي سوڀيلا، طامعو تار ڪيا.

---

* نُ"

(٨)

جن گنگا جر گڏيو، سي ٿيا ڏڻ ڏٿي،
عزت آسائن کي، ڏني گهوٽ گهٽي،
طاماعن ٽٽي، پسو جا پيدا ٿي.

(٩)

سير تان سي نہ ڏيان، هميراٿا ٻار،
مون وٽ مٺائي گهٽا، ٽون ڪر مير نهار،
اڇلي عراقين سين، ڏڙ ڪندوسين ڏار،
رٺمل رب آهار، سمون سونهريون هٽي.

(١٠)

پسنديي پيتوء، جڪرو جاجڪ،
ٺٺان ڏني تن کي، ڦهورا مان ٽڪ،
سمي يڳين سڪ، واصل ٿيا وصال ۾.

(١١)

آيريو آس ڪري، سمون سورج جيئن،
جُنگ ساماڻي جڪري، قرض ڪٽيئن ٿو ڪيئن،
وچ گنگا جر سيمن، اوري ڪوهہ آڏارئين.

Gul Hayat Institute

(١٢)

جُود جکري جيهو، نکو سند سمن ۾،
وائي جنهن جي وات ۾، ڏيو ۽ ڏيو،
الا آڇي کو، ڏڏ وڏو ڏان گهري.

(١٣)

ڏڏ وڏو ڏانُ گهري، هوتالن هٿاءِ،
سمي جي سخاوت ۾، ڪيرب نہ ڪاءِ،
آءِ وهلو آءِ، ڏٺي ڏانُ ڏڏن کي.

(١٤)

آهو ابڙو اڙٻنگ، او ڏونگرُ ٿي ڏٻھڻ ٻيو، *
هيي جوٽيجالو جنگ، سرٽين سـُونا ڪين ڪٿي.

(١٥)

ايـسنـدي لٿي آج، پير پرينديِ ٽـريـا،
ويري منجهه سج، ڏڏي رڻ آڪارٿين. ٢

---

* او ابڙو ئي آپگ، او ڏونگر ئي ڏٻھڻ ٻيو
اي؛ جوٽيجالو جڳ، سرلين سـُونا ڪين ڪٿي

٢ منجهه، ويري سج، ڪر لڏي رڻ آڪارٿين

Gul Hayat Institute

# سُر پورب

(١)

ڪانگل آنديئي ڪا، مون وٽ ڳجهي ڳالھ،
قاصد قربن جا، جاني جيئن شال،
تو سين ڪيم تڏهين، جيئن هٿين پاڻي حال،
سڄڻن جي سنڀال، جڏو جيءُ جياريو.

(٢)

ڪانگل ڪنن ساڻ، سڻ منهنجا سنيهڙا،
نيئي ڏج محبوب کي، روئي منجهه رهاڻ،
پاڻ ٻلائي ٻنهنجو، جيڪر ٻڌن ٻاڻ،
منهنجو مون پرين کي، حال سڻائج هاڻ،
آڻج ڪو اهڃاڻ، جنهن سان چِت چڱو ٿئي.

(٣)

ڪانگل ساڻ ڪنن، سڻ منهنجو سنيهڙو،
منهنجو چمي چانئٺ کي، چئج پارانيو پرين،
پاڻ پلائي سپرين، مون ڪر جي پچن،
ته ڪيج حقيقت حال جي، سيني کي سيڻن،
آءٌ آب اکين، وهي گهوڙها ڳاڙهان.

(٤)

ڪانگل قربن جا، اکين مٿي آ،
ويهي تون وصال جي، ڪر مون واڌي ڪا،
متن اچن سنجهه سِيا، آسر پري آهيان.

Gul Hayat Institute

(٥)

ڪانگل قربين جا، اڳڻ متي اچ،
مون وٽ مون پرين جون، ڪر ڪي ڳالهيون ڪچ،
من ۾ ماري مچ، وڃ آڏامي اوڏهين.

(٦)

ڪانگل قربن جا، وڻن متي ويهه،
تون تيئائين آئين، جت سڄڻن جو ساڻيهه،
پاڙي پاڙي پيهه، ڏي پارانيا پرين جا.

(٧)

ڪانگل قربن ڏي، وهلو ٿي وڃيج،
سنيها ڪي سڄڻين، چڙهي چانڊڪ چيج،
جيڪو چونئي سپرين، ونئي سو وريج،
ڏينهڪ آئي ڏيج، مون ڪَر پرينءَ خبرون.

(٨)

ڪانگل قربن ڪي، وڃي آڏائي آڻ،
گهنگهر ڏينهن گذاريان، هت جني لئه هاڻ،
سي پرين اچن پاڻ، ته ڳڏجي گوندر لاهيان.

(٩)

آڏر لڳ الله، ويلو ڪر مَ وڃ ۾،
آءٌ جو ڏيانءِ سنيهو، سو ساندي برابر ساهه،
ڳجهه اندر جي ڳاهه، ڪهج مَ قريب ري.

Gul Hayat Institute

# سُرُ آسا

(۱)

لا لا ڪاڻهي ڪٿهين، لا مورانهين نان، *
بالله ريءَ برهان، ناهه ڀسڻ ڪي ٻيو.

(۲)

لا لاءِ مَ الف سين، لا ڪي لوڏي ڪڍ،
تنهن ڪي وڃي وَڍ، مظهر جو ماڻهن جو.

(۳)

ڀُرڻ جت ڀُورُ وهي، وحدتَ ويو وجودُ،
سجدي ري سجودُ، سبحاني سب ٿيو.

(۴)

جت نماز نيتين، سجدي ري سلام،
هنيون آت هڄي ويو، ڪٿو تنهن ڪلام،
ايَ اتي جي مام، لکي لکندين ڪيترو.

(۵)

Gul Hayat Institute

ڪي جي پيرَن پير، محبت سندا من ۾،
ڪيڏانهن ڪندي پير، جا سُتي ڪعبي وچ ۾.

(٦)

وحدت جن وجود، ڪعبو ڪوڏيو تن جو،
ڪنهن ڪي ڪن سجود، جن من اندر مڪو ٿيو.

---

* نان = نه، ناهي

( ٧ )

پاڻ نه ٿئي پاڻ ڪان، پاڻان ٿئي نه پاڻ،
و لقد خيره، و شره، مِن الله تعاليٰ، چائي ڏسج چاڻ،
سچو سو پرباڻ، جو لکيو لوح قلم ۾.

( ٨ )

جت نهايت نام ڪا، نڪو آئي ڇيه،
سو ڪوڙئين پسي ڪو ڪو، اِي ڏوراڻو ڏيه،
اوري ڪر م آسرو، واديءَ وچ م وِيه،
ثابت ٿي سبحان مان، منجهه حقيقت پيه،
ته سو ٿي پسين ڏيه، جنهن کي سڪي سِيڪو.

( ٩ )

تان کو ڏيو پڇيڙا، سنيهو سندون،
ڪِئِن پانڌيڙا پند ۾، ڪنهن پر اهڃاڻون،
ڪنهن پر هان حق ڏانهن، ڪنهن پر وصالون،
ڪِئِن فاني ٿيا في الله ۾، ڪنهن پر مشاهدون،
لا يعلم تاويله الا هُو، اونهو انت سندون،
ڪونه چائي منجهون، پڇجهائي پهر ٿيا.

( ١٠ )

لا سين لٿن ٿيون، پسيا پيار الله جي،
ڪين ڪنيائون پاڻ سين، سچو پهه پيون،
وڃي سير ڪيون، سبحاني سبحان سين.

( ١١ )

ينيهون هڏ م پير، ڪڻ سيتيون سپرين،
تو جي چاهه چلائيون، تن وڏو جيءَ سين وير،
ڪجل اکين م قير، تنهنجي رڪين ٿي رڻ ڪيو.

Gul Hayat Institute

(١٢)

سڄي ڇوڙڻ سنڌري، ڇوڙين جي اڌ ڳڻي،
تہ ڪر ڪڙو لاهي ڪنڍي، سپيريان جي سِر جو. *

(١٣)

پيتائون ڀر ٽيمون، ارتو اکڙين،
ساقي جي شراب جا، تن پيارو ڀرين،
خماريون نہ ڪڇن، ڪن درسن دوست جو.

(١٤)

ڪن درسن دوست جو، پيو محبت منڍ،
سي ڪيڻ ڪٺنديون ڪنڍ، جي منجهان ٿي
منجهہ ٿيون.

(١٥)

جي منجهان ٿي منجهہ ٿيون، سي پسن ڪين پيو،
ڪفر ۽ اسلام کان، تن پري پير پيو،
و في انفسڪم افلا تبصرون، پاڻهي پاڻ رهيو،
پساهہ ۾ پسيو، ڪن درسن دوست جو.

(١٦)

ڪن درسن دوست جو، حالان وڌي هڪ،
شرابًا طهورا جي، تن ذنائون تڪ،
لوڪان ڪريو لِڪ، ڪن درسن دوست جو.

(١٧)

پوريون پرين پسن، اکيون تہ انڌيون،
وڃيو روز رسن، حبيبائي حجري.

(١٨)

حبيبائي حجري، ڪيا اکين اوتارا،
پيو پسن ڪين ڪي، ري دوستن ڌاران،
پرين جي پارا، رات رڳجي آهيون.

---

* تہ ڪر ڪڙو لاهين ڪنڍ، سپيريان جي سِر جو

Gul Hayat Institute

(۱۹)

جان ڪِي ٻسج پان، جان ڪِي وسهج ٻسٽي، *
تئان ٻري ڪان، عالم چون ڪفر جري.

(۲۰)

ڇڏي خود خيال، ٻيو ٻرائي ڏيهه ۾،
ملڪ هي مثال، سُهڻو ٿئي سرير سين.

(۲۱)

رات رڳجي آيون، ٻاران ٻرين جهي،
ٻهو ٻسن ڪهن ڪي، حسن ڏاران هي،
سيڻ ٻه ڪنديون سي، مورت جن جي موهيون.

(۲۲)

مورت جن جي موهيون، ڪنديون سيڻ صحي،
سي حبيباڻي حجري، ويندڙيون ڪوڏ ڪهي،
جن کي مورت من رهي، سي آرامان ارڳ ٿيون.

(۲۳)

آراسان ارڳ ٿيون، ڪونهي تن قرار،
طلب جي ترار، وڍي واڍوڙيون ڪيون.

(۲۴)

وڍي واڍوڙيون ڪيون، ڪنهن جنهن گها گهائي،
سيڻن جي ساهي، چنڊائين چٿيون ٿيون. ۲

(۲۵)

اسر اين ڏانهن، مچي رحمن رحيم،
جزيءَ جاڙ ناهي، ڪل ري ڪتي ڏينهڙا.

---

* پان = پاڻ
۲ ساهي = سهائي، سوجهري سان

Gul Hayat Institute

(٢٦)

صورت معنيٰ وچ ۾، ڪونهي وچ وڇا،
هو نه سڄاپي هن ري، هو مور نه موجودا،
حقيقت هيڪاندا، پر نالن مٿو نام ڪو.

(٢٧)

ڇڏيان هيءُ جهان، هو پڻ گهوريو گهوريان،
ٻلڪ ٻريان ساڻ، جي مون سڙيءِ جيڏيون.

(٢٨)

جني ڏٺو پاڻ، تني ڏٺو سڀڪن،
غلط اي گمان، جيئن عارفَ ٻسين آرسي.

(٢٩)

تنهنجي وات وجود، ٻاهر ٻيچ مَ ٻهيڙا،
تن مڙوئي معبود، جي ڪنڌيءَ رهن ڪين جي.

(٣٠)

عجب جهڙي آ، حقيقت حبيب جي،
نڪي ڇتبو سو ڏٺي، نڪو مخلوقا،
شفق جي سانجها، جا ملي ليل نهار کي.

(٣١)

آهي عاشقن، مُنجهه مشتاقن جي،
ڪڏهن ڪين پسن، هنئين سين حبيب ري.

(٣٢)

ڪيچ ڪُتي سين ڪينڪي، مات سين ماريندس،
وجهي ڳٽ ڳچيءَ ۾، ڪنهن ڳالهه سين ڳاريندس،
سا پر سينڪاريندس، جو ٻَهڻ ڪان ٻس ڪري.

(٣٣)

ڪر مَرنئي جوءِ، وانڊيو ٿئين ورهين ڪي،
ڳچيءَ ڳارو ٻوءِ، پيهين ٻوڙهيءَ رن جيئن.

Gul Hayat Institute

(٣٤)

پـاڙهي ڪنئي پـــاڻ ڌمي، مـُـلن مصيبت،
جيڏانهن ڪـُـنـِـيون سانيون، تيڏانهن رکن مت،
خاص انّن خصلت، وَتباڻي ڪن وندن تي.

(٣٥)

مـُـنا ئي مجاز، مـُـلان رکـن نـه واعـدو،
خمسون ترڙيـا خارجي، سپ وجايئون ساز،
آنهي سندو ماڳ، وڃي حاويءَ سندو هيٺ ٿيو.

(٣٦)

هـُـتي ڪين هئا، هـِـت ويٺيون ڪن وڏيون،
ٻـڌي ڪين مئا، ٻاڻي ٻاڌي ٻـاڻ ۾. *

(٣٧)

ماري ڪـُـٺي مون، وهٽ سين وس ڪيو،
توءِ سـُـوڌو سراڙو نه ڏي، ٻوڙو مٿي ٻون،
ڪا تات ڏئينس تون، منهنجي سواريءَ سنئون نه ڪيو.

(٣٨)

اڌوڪارو ان جـو، ڌـــورو گاهه چارينس،
آڏيءَ استغفار جو، کرکنو کوب هڻينس، ٢
توبـہ تل تـارتـلا، توڪل تنگ ڪـيـنس،
ان الله مع الصّابرين، اها وات ڪـر ڙي ڏينس،
لاحـول ولا قوة الا بالله العظيم، چهبڪ چڪائينس،
پـوءِ محبت جـي ميدان ۾ لليو للائينس،
ان پر آليـنس، ته سوڌو اچي سيد چئي.

---

* ٻڌي ڪين مئا، ڍڪن ۾ ڍڪ ٻري

٢ کـُـوب = خوب

# سُر ڪارايل

(١)

سَرُ سُڪي سال ٿيا، هنج هريو ئي پير،
ڏيندو بانگ پکير، سَرُ ۾ ٿيندو سوجهرو.

(٢)

وسريو تن ڪتاب، ڏٺو جن ڪتاب کي،
هُوَ الاول والآخر، آهي روحَ رباب،
تيڙا سي ڪباب، جي هجي ويا هوءَ ۾.

(٣)

چاڙ ڇڏي چري، ونءُ آڏاسي آچڙا،
سَرُ ڏانهن وڃ سُري، جت هيرو چُڳن هنجڙا.

(٤)

ٻگها ٻڏي ويا، لکين لهرن ۾،
وڃي چاڙ ڪندڙين، پاڻان ٻوت ٻيا،
اصلَ تن پيا، جن ڇڏي طلب تانگهي جي.

Gul Hayat Institute

(٥)

چُڳندي چاڙ ۾، جائُون پيم جي، *
منهنجو تان پاڻ سين، ساهه وٺي ويا سي،
لالون لٽن ري، ڪونه ڏيندم ڪو ٻيو.

---

* جائون = زهريلا جيت

(٦)

ڪونہ ڏينم ڪو ڀيو، لتن ري لالون،
تن لاءِ نمر ڇمي، ٽيون جانيون زواليون، *
ساريو سنڀالون، ٿو آني جون اڄ ڪري.

(٧)

اڄ ٻئي لڳيس اداس، آيو ڇنڊي ڀڪڙا،
ويا سڀ وٺانس، هنج هنياري جن سين.

(٨)

سر ۾ پکي ڪيترا، تـوڙي هـُـونِ هزارَ،
هيرو هنجانِ ڏار، جُڙي نہ ٻيءَ جات ڪي.

(٩)

ڪينجهر ٻنهي ڪنڌئين، منجهہ ڇـُٽيو ڇانگاري، ٢
قضا جـا ڪريم جي، پکيڙو پـاري،
وٺـان ويچاري، وڳر سڀ وهـي ويـا.

(١٠)

اڇـا پکهہ ۾ ٻس، مـَـرُ مـرائـي هنجڙا،
تني لڳي نہ ڪسُ، رتا جي رحمان سان.

(١١)

سٽي سـڌ سمونڊ جي، هنجان هنج هلن،
ناريون جي نڪونج جون، تتائين تـرن،
موتي جي مهراڻ جـا، پـورا ٻنج چڻن،
تـوڙا تـري تـن، آٽـي اماهہ اوليـا.

---

* نُ

٢ سر ۾ پکي هيڪڙو، منجهہ ڇٽيو ڇانگاري،
جيڪا رضا رب جـي، پکيڙو پاري،
وٺـان ويچاري، لانڪ هنج لـڏي ويا.

(١٢)

ٻڪي سپ مڇن، هنج سدائين ڍيرا،
ساريءَ سنڌو من ۾، ورهه ويچارن،
چيتاريو چڻن، موتي جي مهراڻ جا.

(١٣)

سچ الهي سانجهي تي، وڻن هنئي وڪ،
سڄڻ تنهنجي سڪ، موڙيو ماڪ نهاريان.

(١٤)

سچ الهي سانجهي تي، وڻي هيءَ ويرُ، *
ڪٿي هوندا هيرُ، صاحب منهنجا سپرين!

(١٥)

اچن وير تنان، ڪنيو نيڻ نهاريان،
سون ورنا سپرين، لاڪيني لوڏان،
موتيڙا متان، آهٖ ڦاندو ڪيو ڦڳيان.

(١٦)

ڪنجن ڪين منها، اوت ڏين اکين سين،
انهيءَ وات ويا، پاڙوندر ماڻڪ پرين.

(١٧)

پاڙوندر ماڻڪ پرين، عطر سپ امل، ٢
تن گندي منهن ڪل، ٻوري لوڪ نه لکنا.

(١٨)

پالوندر مالڪ پرين، عطر سين آهين،
گهنڊڙي نه لاهين، سڄڻ ٻنهي وار جيئن.

---

* سچ لهي سانجهي تي، وڻن ڪياڻون ويرُ
٢ پاڙوندر ماڻڪ پرين، عطر سي امل
گهنڊي تن ڳل، ٻوري لوڪ نه لکنا

Gul Hayat Institute

(١٩)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان لاشڪ ٿيءُ،
اڏاڻو اڇي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ، •
چلڙ ۾ چنج هڻي، جوڪي وجهه مَ جيءُ،
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا.

(٢٠)

چارو هنيو ڪارو ڪري، لڙ ڪان ٿي لاشڪ،
معرفت جو من ۾، سوڏو پڙهه سبق،
اڏامي عميق جو، وراڻج ورق،
هنج سچاڻج حق، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا. ٢

(٢١)

چارو هنيو ڪارو ڪري، چلڙ ڏيج م چس،
ٻگهن سين ٻيلهه ٻڌي، گنب نهار م گس، ٤
ٻکي سي ٿي ٻس، جن ماڻيا گوڙنر گلاب جا.

(٢٢)

اوطاق جن اريج ۾، مٺيا تن مٺن، π
ماڻو مرتبو تن جو، ڪڇيا ڪين ڪڇن،
اوڏو وڃي آنِ، جوڪو ٿئي جيءَ ڪي.

---

• آڏر اڇي ساهون، پاڪ نهاري پيءُ
ٻگهل سين ٻيل ٻڌي، جوڪي وجهه مَ جيءُ
هنج حضوري ٿيءُ، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا

٢ هنج پروڙج حق، ته ماڻيين گوڙنر گلاب جا

٤ ٻگهن سين ٻيلهه ٻڌي، گنب نهار مَ ڪَسُ
ٻکي سي ٿي ٻَسُ، جن ماڻيا گوڙنر گلاب جا

π اوطاق جن اريج ۾، مٺيون تن مٺن
ماڻو مرتبو تن جو، وسان ڪين ڪَڇن

Gul Hayat Institute

(٢٣)

اوطاق جن اريج ۾، تن سڀئي ئي صورت،
آيا جي اري ۾، مڻ ڪياڻون مٽ، *
ڪاري جي قوت، جوڪو ٿئي جيءَ ڪي.

(٢٤)

اوطاق جن اريج ۾، تن جي وهه، جو ورن ٻيو، ٢
تن جا مُنهن ملائڪن جهڙا، ڏڪو ڪن ڏريو،
واعدو جن وريو، اوڏو وڃ م ان ڪي.

(٢٥)

نير ورنا نانگڙا، اڇا پيٽ سندان،
جي پيو پير مٿان، ته جوڪو جنگن ڪي ٿئي. ٤

(٢٦)

نير ورنا نانگڙا، ڪارا جني پيٽ،
تني جي جهپيٽ، جوڪو جنگن ڪي ٿئي.

(٢٧)

ڀورين ڪاري سپ تي، جيڪو رکي پير، ٣
ڪٺي ڪر قصد مان، ڏوني ڪري تنهن ڏير،
جانسين نه وڃي وير، تان ڪاري ڪر لڳائي.

(٢٨)

ستي ڪاري سپ تي، جيڪو ٻاري ٻاهه، +
جانسين نه ڪاري دانهن، تان ڪاري جي ڪر لڳي.

---

* آيا جي نه آئي ۾، سي منت تين نه مٽ
٢ اوطاق جنهن اريج ۾، تنهن جي وهه، جو ورن ڪرو
منهن ملائڪ جهڙو، ڏڪر ڪين ڏريو
واعدي جو نه وريو، اوڏو وڃ مَ ان ڪي
٤ جي پيو پير مٿان، ته آن جي ڪندي مان ڪم ٿئي
٣ سُتي آن سپ تي، جيڪو رکي پير
+ ستي ڪاري سپ تي، جيڪو رکي ٻانهن
جانسين نه ڪاري دانهن، تان ڪاراڻ ڪر لڳي

Gul Hayat Institute

# سُرُ مارئي

(١)

عمر مارُڙي مُور، ڪين نِبتهندءَ سومرا،
نيئي ڏرينداءِ ڏوڙ ۾، ڏيهان ڪري ڏور،
ڪل نفسٍ ذائقة الموت، ڪر اُڌائين پروڙ،
جا اندر جي اروڙ، تنهن بنديائيءَ بِدا ڏِي. *

(٢)

اونِي ڏي اڇن، ڳوٺِي اڇي ڪونه ڪو،
آهه هڏ جهليس سومري، مارو ٻوهيا ڪن،
پکا پنهوارن، ڪيوَندي ڪنهن ڪيوڻ ويا.

(٣)

اڄ پڻ اونسي آيو، پارڪران پري،
ساريو سانبيڙن ڪي، ڳوڙها ڳل ڳري،
اڄ ڪِ ڪالهه مري، جنهن جو وڇن ويڙهيچن سين.

(٤)

اڄ اونسي آئيو، پارڪران پاندي،
سندي خبر خير جي، تنهن آتاهين آندي،
هيڪر هيڪاندي، ميان ڪج ملير ۾.

---

* جا آنديئي ازور، تنهن بنديائيءَ بدا ڏي

(٥)

اج پڻ اوڻي آيو، ماڙيان ماڻهو، *
پاڙُ سڀ پڇي پيو، ڏيهہ ڏاڏاڻو،
عمر آماڻو، ثابت ڏيج سومرا.

(٦)

اج پڻ اوڻي آيو، ٿاريلو ٿران،
عمر آنديس آٿ تي، گهرائي گهران،
پنوهارن پرّان، حرف نہ آهي هيڪڙو.

(٧)

عمر اوڻي آيو، ڏيهي سائيهي،
مارن منهن آڏيا، نئين مر نيٺي،
پکن منجهہ پيهي، ڏسان ملڪ ملير جو.

(٨)

آءٌ بنديائي بند ۾، ڪِ ڪي بند ٻيا،
مون کي مليران نڪتي، هٿي پهر ٿيا، ٢
جهڪس مون ڪيا، اوڳڻ آباڻن سين.

(٩)

اوڳڻ اباڻن سين، جهڪس مون ڪيا،
سڳ چني سيَج ڪري، ويڙهيچا ويا،
تهان پوءِ ٿيا، سُکڻون سور گهڻا.

---

* عمر اوڻي آيو، مليران ماڻهو
پاڙ سڀ پڇي پيو، ڏيهہ، سڀ ڏاڏاڻو
عمر آماڻو، ثابت رکج سومرا.

٢ مون کي مليران نڪتي، هٿي ڏينهن ٿيا
هڪ مارو ٿر ٿيا، ٻيو عمر منڊيو مامرو

(١٠)

مُندون مُند ٽيـام، ڏٺي ڏوٽوڙن کي،
ڳهڙا ٻانڌي ٻند ۾، ڪڏهين ڪين ڇڏام،
هٿين هڻن وڏام، ھيٺڙي ٻيهر هڻن جا.

(١١)

هٿين پيم زنجير، ھيٺڙي ٻيهر هڻن جـا،
مارو منجهہ ملير، آهِ اُڪنڊي ڪوٽ ۾.

(١٢)

مٿيندي موهـر جـا، جڻن جڻن وڻ ويا،
ونهين ويـڙهيچن جـا، تڻن تڻن ٻـور پيا،
ڪنديس ڪين ڇيا، جي اکين ڪان آجي ٿيان.

(١٣)

سـڪان، ساريان، سڏ ڪريان، ماڙيچن مٺي،
پيٿون مينهـن پيـچايون، پئي ڇنن رات ڇٽي،
نئين سج نيڻ نهاريان، ڪاهـڙ ڏانهن ڪٺي،
ٽن ڦوڪين هيٺ ڦٽي، واسي ڏيان وارن کي.

(١٤)

ماندي ٿيءُ م مارئي، ورق ورندا پٽس،
جڙو زنجيرن ۾، جـال نہ آهي جٽس، *
مارو آئي مٽس، ڪندءِ آجي ڪوٽ کان.

(١٥)

ماندي ٿيءُ مَ مارئي، وطن ڪيم وسار،
ٻانهين وَرُ ٻنوهار، مَ سَهڻ آرَ عمر جا.

---

* جڙو زنجيرن ۾ جالو آهي جمس
مارو آئي مٽس، ڪندءِ آجي آڳ سين

Gul Hayat Institute

(١٦)

ماڙيءَ چڙهيو مارئي، ڍٽڪي ڍنيءَ رات *
ساريو وڻ سائيهه جا، آئي آڏيءَ رات،
وهائيءَ پريات، الله اوڏي آئين.

(١٧)

سيل ۾ ڍيچ ستين جو، عمر ڪنهن ضرور،
ڏينهن ڏهلا مون ٿيا، ڀهس ڀريان جا ڀور،
مون ڪي مور نه وسري، مارن ماهيت مور،
ڏيهي جي مون ڏور، هو ڀڪا ڀرنئي سومرا.

(١٨)

واجهائي وطن ڪي، آهه جي هت مران،
سيري منهنجي سومرا، ڀهچائج ترن،
آهه ميائي جيان، جي وجي مڙهه ملير ڏي.

(١٩)

واجهائي وطن ڪي، آهه جي مران ايئن،
ڀاسا ڀولڙين ۾، مٿان وڻ مينهن،
ته ڪرُ منهنجي نيهن، تازيون لاڻون لڏيون.

Gul Hayat Institute

(٢٠)

ٻانهن ٻنهي ٻيڙيون، مٿي ڪانن ڪنڌ،
ميان آهه ملير جو، ويٺي پچان پنڌ، ٢
هوند نه ساريم بند، جي ڪر لڏائون ڪڏهين.

---

* ماڙيءَ مٿي مارئي، ڍٽڪي ڍنيءَ رات
نهاري نمڻ ڪٿيو، آئي آڏيءَ رات

٢ مامن سين ملير جو، ويٺي پچان پنڌ

(٢١)

ڪَتي ڀلي ڪيڻن جي، ڪوهه جلهر کا جورا،
ساڪيان مٿا ڀانئيان، ڏيهہ سندا ڏورا،
گهوريان ڀٽ ڀنڀور ڀانڊيون، ڪپڙ تو ڪورا،
ڏر وڃي ڏورا، سڀ مڃيندس سومرا.

(٢٢)

ڇڙن چِٺڪن چيٽ ۾، ھرن منجهہ هنيان،
ونهين وڙهيچن ڏي، موڪل ڏي ميان، *
تہ پاڏي پاڪي پنڙي، پرڏين ساڻ پيان،
وڃي ڏيهہ ڏيان، ڪيرون ڪٿيرن کي.

(٢٣)

ڇڙن چِٺڪن چيٽ ۾، سڄڻ سدائين،
آلا مَ سٿان آنِ جي، نہر نِلائين، ٢
مون کي ملائين، مارو ڇام ملير جو.

(٢٤)

مارئي ء مُڪا مارئين، ڏوراپا ۽ ڏڪ،
آن جي سانگ سڪ، منهنجي بابِ بندُ ٿيو.

(٢٥)

مارئي ء مُڪا مارئين، ڏکيا ڏوراپا،
منهنجي موٽي ڪانہ ڪئي، پنوهارن پڄا،
ماريس انهي ء ماري، منهنجي ڪانڪا،
ساريو سانڀيڙا، وڃي ڳوڙها ڳاڙيان.

(٢٦)

مارئي ء مُڪا مارئين، ڏوراپا ڏيئي،
ڪٿي آيا ڪوهہ تان، وٽان آن ويئي،
آئين ڳڏ سيئي، آءُ هت بندياڻي بند ۾.

---

* ڪيڏ بندياڻي بند مان، موڪل ڏي ميان
٢ عمر مَ سٿان آن جي، نہر نلائين

(٢٧)

ڪيم عرض الله کي، پرھ پاند ڪئي،
ته مارو جي ملير جا، مون کي ميڙ ڏئي،
اندر آس گھڻي، تن ونھين ويڙھيچن جي.

(٢٨)

پيئي ٿسا پٽن، اوڙڪ اباڻن جا،
ٿساريون ترڻن تي، پايو ڪينڊ ڳڙن،
سوڌريون سھڙن، ڪينءَ سي ڪٿيرن جون.

(٢٩)

عمر آيو اوچتو، ڪرڻ نه ڏنائين ڪڙڪ،
ويندي ڏٺم ويڙھ جا، مارو منھن ملوڪ،
ھيءَ ھيءَ پيئي ھوڪ، وڃي ويو وطن مان.

(٣٠)

عمر آيو اوچتو، جڏھن ڏٺو جوھ، *
ويڙس ورت ھتن مان، روح ۾ آيي روھ،
سومرا سندوھ، ڪو عڪس عاجزن سين! ٢

(٣١)

عمر آنديمي مارئي، مٿان تڙ تڙي،
جڙو زنجيرن ۾، راتو ڏينھن رڙي،
عمر اکڙين کي، پاڌر پند پڙي،
قيدن ۾ ڪري، سگ نه ونجن سومرا.

(٣٢)

عمر آنديمي مارئي، مٿان تڙ تڙي،
ويندس وطن سامھين، ملر منھن ڪري،
ھنيون منھنجو ھڻ لاھ، ڳوڙھا ڪھو ڳري،
بي زوري بند ڪري، سيل ۾ پيچجي سومرا.

---

* عمر آيو اوچتو، جيڪس ڏٺو جوھ
٢ سومرا سندوھ، ڪو عڪس آجڙين

Gul Hayat Institute

(٣٣)

عمر آنديئي مارئي، متان کوهه ڪٺي،
ڇلهيون آنِ نه ڇاڙهيون، جني ايءَ ڇٺي،
ڏڪينڊءُ ڏٺي، پوه شرع پڇندين سومرا.

(٣٤)

عمر آنديئي مارئي، متان کوهه ڪٺي،
هاڃي منجهه هٿي، بي زوري بند ڪيئي.

(٣٥)

عمر اڙدايون ڪرئين، چڙهيو مٿي ڪٽ،
ايندئي عزازيل جي، وٺيءَ منجهان وٽ،
بازاريون ۾ هٽ، ساڻ نه هلنديءَ سومرا.

(٣٦)

سهڻو لڌم سومرا، ڇاڪ ڪتان ويٺي ڪالھ،
حيف منهنجي حالھ، جيئن وڇڙيس ويڙهيچن کان.

(٣٧)

خواب لهان تي سومرا، اباڻن لئه اڃ،
مٺي مڪ ملير جي، ڇاڻيو پريان ڇڃ،
ميندا ملير جائيين، ڏوتم ڪارڻ ڏڃ، •
ڏورن ۾ ڏسيءَ جو، ساٿم ڪن سهڃ،
عمر پنائيم اڃ، ته مليس مارن کي.

Gul Hayat Institute

(٣٨)

مارو ملير ڪنڌئين، الله واري آڻ،
آت آکنڊي آهيان، سرتين جي سانجاڻ،
مان ڏي ڪونه موڪليو، ڪو اباڻن اهڃاڻ،
وڃي وينا ويڙهه ۾، ڪري ويڙهيچا وٺاڻ،
هيڪر ڏسان هاڻ، پکا پنوهارن جا.

---

• ميندا ملير چائيين، ڏوتم وانگر ڏڃ

(٣٩)

مينهن ڪچاڙو ڪن، مون هان پوءِ ملير ۾، *
ماريس ان ماري، جاد نه ڪيس جيڏن،
ڪر نه لتي ڪڏهين، منهنجي ماڙيچن،
وڃون پوءِ وسن، آءٌ اباڻن اڳ وڃان.

(٤٠)

واري وڃڙين، عمر اج اداس ڪيو،
وٺا مينهن، وس ٿي، سائيهه ۾ سڄن،
ڪينوري ڪيورنئين، پدا موڙ ملير ڪي.

(٤١)

وڃڙين واري، پدا موڙ ملير ڪي،
ڦوڙائو فقير ڪي، مارن جو ماري،
ڏاتر ڏيکاري، متنهن ماروءَ چام جو.

(٤٢)

متنهن ماروءَ چامَ جو، وڃي ڏيهه ڏسان،
ڏوٽيڙا ڏور ٿيا، ڪنهن سان آءٌ ڪچان،
ساريو سانبيڙن ڪي، لوهن منجهه لڇان،
ويئي پهي پچان، اوني اباڻن جا.

Gul Hayat Institute

(٤٣)

اوني اباڻي پار جا، الله ڪي آڻ!
ڦالي قارون ٿيو، هينئڙو منهنجو هاڻ،
ساهه منهنجو سومرا، جڙيو جيڏن ساڻ،
نيئي راج رساڻ، متان ماڙين ۾ مري وڃان.

---

* مر تا مينهن وسن، مون هان پوءِ ملير ۾

(٤٤)

متان ماڙهن ۾ مري وڃان، عمر لاهه اڙڪل،
ڪانهه ٻڌيسون ڪڏهين، مٿي جهانگين جهل،
سيل ٻچڙ جي سومرا، حاڪم لاهه هڪل،
مون کي ڏي موڪل، ماڻهه، جي سيد چئي.

(٤٥)

جا پر ڪن پنوهار، وڃڙهيچا وڻن سين،
ڪپي کهاڙن سين، ڏور ڪٽرن ڏار، *
مي نه مورن مينهن تي، نه ڪنهن ريج لغار،
تن سڪن کهڙي سار، نه آنا مينهن ملير تي.

(٤٦)

وٽا، ڪي وسندا، مينهن نه مارن تي،
ڪين جهليندم ڪوٽيون، جيڏري هونديس جي،
ملي مارن کي، سڪ لاهينديس سومرا.

(٤٧)

پانڌي پرينءَ پنوهار کي، چئج چڱيءَ چال،
آن جي عمر سومري، ضبط ڪئي زال،
سا ثابت آهي سيل سان، چڱيءَ چائت چال،
وڻي وڇڄا نال، نه ته ماڙهن ۾ مريو وڃي.

(٤٨)

وڻي هيت واجهايان، ساريو سانگين سڪ،
مهر سندا ڏي ميڙيين، لاهيندي لڪ،
آن آپر آجڪو، قيمت ڀانيو ڪک،
سندا ڀرين ٻڪ، ماروءَ ڏيکاري مران.

---

* کپي کهاڙن سين ڏاريو رکن ڏار

(٤٩)

عمر اوٺي آيو، ڪاڪوڙيا ڪال،
آنا مينهن ملير تي، جر ٽر پريا جال،
حيف منهنجي حال، مند ساريو نه مران.

(٥٠)

عمر اوٺي آيو، مليران ماڙهو،
وٺا مينهن ملير تي، سائون ساماڻو،
لوئيءَ جو لطيف چئي، پلئه پاراڻو،
عمر اباڻو، ڪٿو پي خوش ٿيان.

(٥١)

عمر اوٺي آيو، ماڙهو مليران، *
جنهن ڪر پڇان خبرون، آٿي آڪمران،
جٺو زنجيران، فارغ ٿيو فقير جو.

(٥٢)

پکي ۸ پرياڻ، مارن ميڙي جو ڪيو،
ڪاله پنوهارن لڌيو، وريو ڪونه وٽان،
عمر انهين ساڻ، منهنجو وڃي روح ريهون ڪيو.

(٥٣)

ٽر ٽاڏيليون ٿيون، پهريو چران پن، ٢
هينئڙي رات آڪيريو، ماروءَ ڪارڻ من،
زيريون لاهه ضعيف تان، الله ساڻ امن، ٤
سرتين ساڻ سمن، آٿي ولهارن ۸.

---

* اوهير اوٺي آيو، ماڙهو مليران
٢ ٽر وٺا ٽاڏيل ٿي، پهريو چران پن
٤ زيريون لاهه ضعيف تان، عمر ساڻ امن

(٥٤)

ٽرن ٽيلهي نه مران، مارو نه، ٽيلهين،
پٽ پرٿي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين، *
امر جي نه مڃين، سي ڏوٿي ڏولائي پيا.

(٥٥)

ڪنهن لب لڏياڏون، سندن ڪو سانگ پيو،
وڃي وسنا ويڙهه ۾، اڏي آجهائون،
ڪو ڏوراڻي ڏيهه جو، سانوڻ سارياڻون،
مارُوئڙن آڏون، جيڪس ويس وسري.

(٥٦)

عمر اسان جي ڏيهه ۾، ڪيڙيون ڪاريون، ٢
سي ڪيئن وڃن وسري، پاڻر پنوهاريون،
آنهين لاءِ آريون، هنيون ٿو هيت ڪري.

(٥٧)

عمر اسان جي ڏيهه ۾، ڪاريون ڪيڙيون،
مون جيڏيون ملير ۾، ميڙين مڪئيون،
عمر اڪيڙيون، سڪن ٿيون سانيهه ڪي.

(٥٨)

عمر اسان جي ڏيهه ۾، گولاڙا گولون،
مون جيڏيون ملير ۾، جهليو ڪن جهولون،
اتان آئي سومرا، عمر ڪيم اولون، ٤
راڳا رتولون، پيئون پاڻر وٽ ۾.

---

* پٽ پرٿي پنوهار جا، مر تا ڏونگها ڏين

٢ عمر اسان جي ڏيهه ڏي، ڪيڙيون ڪاريون

٤ آنان آئي سومرا، عمر ڪيئني اولون
ور رنگ راتولون، پيون پاڻر وٽ ۾

Gul Hayat Institute

(٥٩)

چيلا ۶ چارا، مارن جا ملير ۾،
اٿيو پرين اسور جو، ويڙهيچون وارا، *
چڏي ڪوهه ڪارا، مستي مٿي موٽيا.

(٦٠)

مارو رهز مٿي، ڪڙي رهن نه، ڪڏهين،
عمر ابائن ڪي، تيم ڏينهن ڏٺي،
آنهين ساڻ آئي، گڏ نه گوندر نه پٺان. γ

(٦١)

آمان پانيان آڪ، ڪيڙ ڪٽوريان ورترا،
ڪٿا پيتا پتنگين، ماڪيان مٺي تڪ، ɣ
ڪوڪڙ ڪوڏيرن جا، ڦوڪيو پريان ڦنڪ،
ور ملان سين حق، ڪوءِ واڏايون وڙن جون. π

(٦٢)

چسا چانور چورمان، ڪي موڪليان آن، +
جيڪي آچي سومرو، مور نه باسي مَن،
پوئين رات پنوهارن جي، جي پيڙ پئي مون ڪن، β
تاجو پانيان تَن، سانبيڙان ساڏوهيون.

---

Gul Hayat Institute

* اٿيو پرين اسور جو ورتن سين وارا
γ آنهين ساڻ آئي، گڏ گذاريم ڏينهڙا
ɣ ڪتيان هٿيان پيٽ ڪي، ماڪيان مٺي مَڪ
π ور هلاڪي سين حق، ڪوءِ وڏايون وڙن سين
+ چسا چانور چورمان، ڦيمون قلمو آن
β پوئين رات پڙ پئي، جي مون مانيءَ ڪن،
تاجو پانيان تن، سؤ پيرا سائيهه. ۾

(٦٣)

کيما ڪاڏم ڪيت سين، ماني ماڳ ميسي، *
پائم تنهنجا ٻنگلا ڏکيم ڏيل ڏسي،
ڦاڏي هنيون ڦارون ٿيو، ڦوڙائي ڪان ڦسي،
جي هونديم ساڻ سيسي، ته ويندم نه ويڙهه وري.

(٦٤)

دل دالين ۾ سومرا، منهنجي راز نه رضامند،
آڏي امر واڙئين، ڪيئي بنديائي بند، ٢
روح رهيو هُن هندِ، سو وطن وساريان ڪينڪي.

(٦٥)

جهڻ پيڻ جهنگل رهڻ، اي غريبن گذران،
آن اوڏڻ آن ڄجو، ڪن سائڻن جو سامان،
آگا ڪر احسان، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٦)

جهڻ پيڻ جهنگل رهڻ، اي گذر غريبن،
اول ۽ آخر جو قوت ڌاڙي ڪن،
الله ڪر امن، ته ويناهون ويڙهه ۾.

(٦٧)

جهڻ پيڻ جهنگل رهڻ، مارو ڪاهين مالَ،
آئيو روز رسول کي، سانگي ڪن سوالَ،
ههڙا جني حالَ، تن ساڻ سڱ ڪرين تو سومرا.

(٦٨)

جهڻ پيڻ جهنگل رهڻ، اي ماروئڙن مرڪ،
ڪوڪڙ جو ڪنڊن ۾، ڌاڻي ڌرڪ،
جي ڪرين غير عرق، ته ويناهون ويڙهه ۾. ٤

---

* کيما ڪاڏم ڪيت سين، ماني ماڙ ميسي
٢ آڏي اوجهڙوال کي، ڪيئي بنديائي بند
٤ والي وار ورق، ته ويناهون ويڙهه ۾

Gul Hayat Institute

(٦٩)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، اي مارن جو مياڻ،
ڏوٿـي ڀهرن ڏٿ کـي، نسوري نهان،
آءٌ هت بنديائي بند ۾، هت ويڙهيچن وهاڻ،
ڪنهن کي ڏوهه ڏيان، قضا آنديس ڪوٽ ۾.

(٧٠)

جهڙ پيڙ جهنگل رهڻ، آهن ڏڻ ڏٺي،
مون کي ماروئڙن جي، آهي گهرج گهڻي،
وهان اڏي وڻن گڏي، پـَر ۾ پت هٺي،
مون کي واهه وٺـي، مجلس ماروئڙن جي.

(٧١)

جهـَڙ پيڙ جهنگل رهڻ، ايءَ پنوهارن جي پـَر،
سـُونهن سنگهارن جـا، تـالـا تـَروتـَر،
ڪر الاهـي امر، نه وڻاءَون ويڙهه ۾.

(٧٢)

آءٌ ڪوهه ڪريان ڪوٽ کي، منهنجا پرين پنوهار،
مور نه آچيان من کي، هندورا ۾ هـار،
ڍٽي ساڻ ڍـَتار، ڀـاڏر ڀيرون چوندڀـان.

(٧٣)

ڍَڍَ ڀـرالـــا وسيا، اچـي چيـائـون،
ڏوُنڌرا ڀنسي ڏيهه ۾، ساماڻـو سائـون،
هيت هيڪلي آئون، هـُت سڳر ساهوڙين جا.

(٧٤)

ڏَهـَرَ ڪـتـين، ڍيريون وڻـين، ڏاس جني ڏاجو،
ڀين ڀـس پنوهـاريـون، تـليـن ۾ تاجـو،
الله ڪر آجـو، وطن ويـڙهيچن جو. *

---

* الله ڪر آجو، ملڪ ماروءَ چام جو

(٧٥)

ڏہر ڪتين، ڏيرڀون وتين، اوچو جني آنَ،
ڪتيرڀون ڪتين ۾، نساليو وجهن تُن،
سرتين ساڻ سمُن، آهن آئي مينهڙين.

(٧٦)

ويڙهيون جن هٿن ۾، ڏيرڀون سي ڏيرين، •
ڪوڪڙ پنهنجي قُوت لاءِ، ويڙهين مان ميڙين،
هي ڀيل نہ ڪا ڀيلين، تن جي سام پرتيئي سومرا.

(٧٧)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ آل عيالُ،
هڙو جني حال، تن جي سام پرتيئي سومرا!

(٧٨)

اڏ لوئي انگ تي، اڏ گوڏن تي گَسي،
سگ نہ ونجن سومرا، ڪوهن تا ڪَسي،
سا مترُ راڄ رَسي، هيءَ سام پرتيئي سومرا.

(٧٩) •

اڏ لوئي انگ تي، اڏ ۾ ٻچا ٻار،
مت رڇيءَ جي رنگ ۾، ٻرچن شال پنوهار،
وڙهي جن جو واريءَ ۾، ويڙهين ۾ واپار،
چونڊيو آئيو چاڙهين، سندا ڏوٿن ڏار،
لاکيڻا لطيف چئي، سهن ڪين سنگهار،
ٻاهي پاڪي پٽڙي، ٻين پريچ پنوهار،
اهڙا جن آچار، تن جي سام پرتيئي سومرا.

---

* ويڙهيون جن ٻانهن ۾، ڏيرڀون تا ڏيرڀن
ڪوڪڙ پنهنجي قوت لاءِ، وٽن ۾ ووڙين

Gul Hayat Institute

(٨٠)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ ٻاڪ ٻڙيون،
سگر جون سيد چئي، آئين ڳوٺ ڳڙيون،
جن سان جيءَ جڙيون، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨١)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ ٻاڪ ٻڙا،
کلن خوش ڪٿيريون، وڏي مُنهن َ-وڙا،
مگر جا سيد چئي آلين ڳوٺ ڳڙا،
جن سان جيءَ جڙا، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٢)

لاکيون مٿن لوئيون، هيٺ ٻرهڻ ٻاڪ،
سٿيءَ جي سيد چئي، سچي رکج ساک،
تر جني جا ٿاڪ، ملان تن ماروئڙن کي.

(٨٣)

لاکيون مٿن لوئيون، اڇي اوڍين آنّ،
ويڙهه وچڻ جي سومرا، سرتيون کن سَمَنَ،
آڳا ساڻ امن، مون کي مارن ميڙئين!

(٨٤)

ٿر ٿاڏيليون ٻون، ماڪون مينهن ملير تي،
ماريچون محلن ۾، ميٺ نه مٿو ڌون،
جيڏين بنان جون، عمر ڪاڏي آهيان.

(٨٥)

ماڙيين مينهن نه ٻون، ساوا گاهه نه سومرا،
ساهيڙيون ۽ سرتيون، مَرُ هيڪانديون هون،
جيڏين بنان جون، عمر ڪاڏي آهيان.

(٨٦)

هُن ٻرندڙيءَ ٻون، ڳس م لڳي ڳس جي،
اڇي عمرڪوٽ ۾، ٿيا مينڌا ميرا مون،
جادن پيون جُون، آءُ ڪيئن مرڪان ماڙيين.

Gul Hayat Institute

(٨٧)

صورت ليکي هِت، مان ليکي ماروئين،
عمر اسان چِت، اوطاقون آربج ۾.

(٨٨)

عمر تيو آربج، منهنجو من سومرا،
ساري سانبيڙن کي، رکن چڏيو ربج،
کهڙو کَنئيمي کيج، مون کي بندياڻي کري.

(٨٩)

عمر آت اسائيين، جت وڙهيچا وسِيل،
ملائيين ماير کي، ستي پنهنجي سيل،
سکندي کي سجڻين، نين لماس نيل،
جن کي آڳ نه لڳي ايلَ، سي مچن راجَ رُلائيين.

(٩٠)

عمر آت اسائيين، سانبي جت سنگهار،
مارئيءَ پوءِ ملير ۾، وکي سيکنهن سارَ،
وانديون نه چرن وَسُونهن ۾، جهنگيون نا
جهونگار،
جا ڏُربائين ڏرار، تنهن جا مچن راج رلائيين.

(٩١)

عمر اج عرفات تي، واءُ، وچون ۾ وَس،
مينهن مانداڻا کيا، گاهن لتيا گَسَ، *
سُوتو قبل انت موتو، مون تو سورَ سرسَ،
جيڏين ماڻيا جَسَ، پيان طهورا تن سان.

* آنا مينهَن ملير تي، گاهن لتيا گس
سُوتئو قبل انت مُوتو، سي مون سور سرسَ

Gul Hayat Institute

(٩٢)

عمر اڄ عرفات تي، واءِ-وڄون وريون،
سِڪن ٿمون سيد چئي، اوڏانهن اکڙيون،
جمجم جيڏڙيون، پيان طهورا تن سين. *

(٩٣)

عمر اڄ عرفات تي، وڄن ڪي وراڻ،
کهڻو آڪنبي آهيان، پنوهارن کي پاڻ،
الـم تـر اليها، پـروڙج پـريـاڻ،
جمجم جيڏين ساڻ، پيان طهورا تن سان.

(٩٤)

هِي پَنگا هِي پيرٽيون، چانگون نه چيلن،
نوٽيون پسيو بت نجهري، ترسي تَنُ ترَن،
جڏو جيئڻ جيڏيون، منهنجو ري سارن،
ڏيئي منجهين ڏکن، آئي وڙا آڪري.

(٩٥)

هِي پَنگا هِي پيرٽيون، ڪر نه ٻوليون ڪن،
بيشڪ ڀڻون لنگهيون، ڀرتي پنوهارن،
تن ڪيا تمر چئي، ڏاڍا منجهه ڏرن، ٢
ڏيئي وچوڙو ورهن، آئي وڙا آڪري.

(٩٦)

هيي پَنگا، هِي پيرٽيون، چانگون نه چيلا،
بختين ڏمن ڀڻن تي، سارن سين ميلا،
جي سهڙن سويلا، سي آئي وڙا آڪري.

---

* جمجم = زمزم

٢ نُ

(٩٧)

هي ڀُنگا، هي ڀِٽيون، هي ڪنيائون ڪُوهَ،
تن ونهين وڏڙهيڇن جا، سٽيا تان نه صُبوح،
سي هنڌ ڀسي سومرا، رنو منهنجي رُوح،
مارو متي مُوهَ، آئي ويڙا آڪري.

(٩٨)

هي ڀُنگا، هي ڀِٽيون، هي تڙ، توهر، تاڙا،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ميڙيا مانڊاڙا،
سي هنڌ ڀسي سومرا، ڀڃي رهيس ڀاڙا،
ڏوٿي ڏاڏاڻا، آئي ويڙا آڪري.

(٩٩)

هي ڀُنگا، هي ڀِٽيون، هي گامُوين جا گس،
ڪي ڏينهن هيت جيڏئين، ڪيا رهائيون رس،
سي هنڌ ڀسي سومرا، لڙڪ وهايان لَسَ،
ڏوٿي ڀڃي ڏَسَ، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٠)

هي ڀُنگا، هي ڀِٽيون، هي گس گاموين،
ڪي ڏينهن هت جيڏيون ڦليون ڦل چرن،
سي هنڌ ڀسي سومرا، اکيون رت رُئن،
ڏيئي وڇوڙو ورهن، آئي ويڙا آڪري.

(١٠١)

هي ڀُنگا، هي ڀِٽيون، هي پنوهارن جا پار،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، واسيو ويڙهيا وار،
سي هنڌ ڀسي سومرا، رنم رت اڀار،
سانبيڙا سنگهار، آئي ويڙا آڪري.

Gul Hayat Institute

(١٠٢)

هي ڀُٽگا، هي ڀيٽيون، هي ڀنوهارن جا ڀُور،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪِي وڻن ۾ وهلور،
سي هنڌ ڀسي سومرا، ساههان ٽيم سور،
مارو ڪنهن ضرور، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٣)

هي ڀُٽگا هي ڀيٽيون، هي چَلها هي چٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، سنها ڪتيا سٽ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، لڙڪ وهايان لٽ،
مارو منهنجا مٽ، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٤)

هي ڀُٽگا، هي ڀيٽيون، هي ڀڪا، هي ڀٽ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، موڪ ولوڙيا مٽ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، گهاوَ لڳا مون گهٽ،
مارو منهنجا مٽ، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٥)

هي ڀُٽگا، هي ڀيٽيون، هي چَلها هي چوغان،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ڪيا سائين جا سامان،
سي هنڌ ڀسي سومرا، ڪڙهم ۾ لڳم ڪان،
مارو هٿا مزمان، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٦)

هي ڀُٽگا، هي ڀيٽيون، هي ڀڪا هي ڀٽ پاڪ،
ڪي ڏينهن هت جيڏئين، ملير چوندڙي ماڪ،
سي هنڌ ڀسي سومرا، فنا ڪيا فراق،
ماروئڙا مشتاق، آڻي ويڙا آڪري.

(١٠٧)

هي پُنگا، هي پيٽيون، هي مارن جا مڪان،
ڪي ڏينهن هت جيڏيُن، ڪيا گهيٽن سين گذران،
ڇيڪ چرندا هٿا ڇيلڙا، ڪندا طرح طرح تان،
سي هند پسي سومرا، مون هنيون ٿيو حيران،
ماروئڙا مزمان، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٨)

هي پُنگا، هي پيٽيون، هو اباڻا آنرَ جهـَل،
ڪي ڏينهن هت جيڏيُن، ڪي ڇيلن سين ڇـَل،
سي هند پسي سومرا، اچي آب اُڇل،
ماروئڙا امل، آئي ويڙا آڪري.

(١٠٩)

هي پُنگا، هي پيٽيون، هي خانن جا کيل،
ڪي ڏينهن هت جيڏيُن، ڪيا رس رهائيون ريل،
سي هند پسي سومرا، مون اچن هزارين حيل،
ڏيو ٻاري ڏيل، آئي ويڙا آڪري.

(١١٠)

تڪان جن تنوار، سي ڪاهي "عنڪبوت" ويا،
رسيا در "دخان" جي، ڏلي ڪياڻون ڏار،
جهوريءَ ۾ "جوب" جي، تا رُون رت اپار،
ويچارا پنوهار، لـڏي لوءِ ڇـڏي ويا.

(١١١)

گهيڙ گهڙندي گهيڙ، پوڙيون پوڙين تي چڙهيون،
تي سيائي "مسئي"، ڪم جبل سين جهيڙ؛
منـُهين تنهنجي مارئي، مرڪي اهندي ميڙ،
ونءُ واندي ڪر ويڙهه، صلح ڪر سين سومري.

(١١٢)

ٻنيو جهاءو مارئي، واريو واريو وار،
پنيءَ رات پوڻِ جون، سرليون سيئي سار،
جان جان ڪري جانڪيتان، پڻ وهي تي ڀار،
ڦرهي تي ڀانهنجي، درست ڏين ٻيهار،
ڏيهه ڳن، ڏيهه منجهيون، چوڏهن چوڏار،
ڇه ويهون تنهن مال جون، سادي تن جي سار،
ٻڪر ٻاٻاڻن جا پورا پنج پيار،
ته ڪوهر ڪارو نه ٿئي، ڪامل انهيءَ ڪار،
صبح ويل سهد ڇٽي، ٻولي پڙهه پچار،
آت ٿيندا ڦول قرار، جت جال مڙنديون جيڏيون.

(١١٣)

اوتيم پيتم جن سين، سانبي ساريم سي،
سنيهڙو سائيهه جو، ڪو اچي ڏاڏاڻان ڏي،
اتان ڪو اچي، جو بلو ڪري هن بند جو.

(١١٤)

اوتيم پيتم جن سين، سي ڪالهه، وڃا ڪاهي،
من ۾ ماروئڙن جي، سارڻ سانباهي،
لاڪاڀا لاهي، موٽي مارو هليا.

(١١٥)

سي ٿي ساريان سومرا، مارو منهنجا مٽ،
پسان پنوهارن جا، سندا چونئرن چٽ،
ڪريان ولهارن وٽ، وڃي ويڙهيچن سين.

(١١٦)

سي ٿي ساريان سومرا، جن جا ٿرن ۾ ٿاڻا،
چاريان شال چڱو ڪري، ٻڪر ٻاڀاڻا، *
جن جا واريءَ وڇاڻا، سي ٿي ساريان سومرا.

---

* چاريان شال چڱون ڪري، ٻڪر ٻاڀاڻا

(١١٧)

مارئي نہ چائي، تہ کھڙو ٿورو ٿر کي،
نکو حق همير جو، نہ عمر وٽ آئي،
لڏي لوء چڏي وڃا، نکي ويڙهيچن وائي،
هِتي جن هُتي جن کان، حقيقت ملائي،
لا إلہ الا اللہ محمد الرسول اللہ، کي ويڙهيچن وائي،
لطف ساڻ لطيف چئي، پٽي سيڻن سرهائي،
سومرا سائي، موکل ڏي تہ ملير وڃان.

(١١٨)

مارئي نہ چائي، تہ سارو نہ پيا ماسري،
مٽي سامائي، جنهن ٽلهايا ٿر ڏٿي.

(١١٩)

ونهين ويڙهيچن کي، آکندي آئون،
ميڙيان شال ملير ۾، سرتين سين سائون، *
اياڪي آئون، ويٺي جهجان جهل ۾.

(١٢٠)

ويٺي جهجان جهل ۾، تيو نئون نياڪ،
مون جيڏيون ملير ۾، سرتيون چونڊن ساڪ،
ويچاريءَ ويراڪ، ونهين ويڙهيچن جو.

(١٢١)

ونهين ويڙهيچن جو، سدا آهم سور،
جن جو سنجي سانيڪن تي، مٿي تلين نور، ٢
سائين سندو سور، سو ئي آهم سومرا.

---

* مون جيڏيون ملير ۾، کڻن سرتيون سائون

٢ جن جو سنجڻ سانيڪن تي، مٿي تلين نور
سائيهہ سندو سور، سو مون آهي سومرا

Gul Hayat Institute

(۱۲۲)

سو مون آهي سومرا، ورهه ويڙهيچن،
ڪولاڙا ۴ ڳڪريون، پاڻر ۸ پڇن،
اوطاقي اڇن، جي مون ڪي نين ملير ڏي.

(۱۲۳)

مون ڪي نين ملير ڏي، آءُ بنديائي بند،
ويٺي لکيو لوڙيان، هائي هيني هند،
پنهنان پاڻر پند، جي وري ورق وصال جو.

(۱۲۴)

پر پروڪي سومرا، سڻ هيءَ حڪايت،
ڏوتي ڏاڏاڻي ڏيهه جو، آندائون عجائبت، *
وٺو نور نبيءَ جو، ڪي نهدي نهايت،
پره ويل پنوهاريون، ڪن نوري نزاڪت،
مارن ڏانهن رحلت، ڪڏهن ٿينديم ڪوٽ مان.

(۱۲۵)

پر پروڪي سومرا، هو جي ڏنم هُتِ، ۲
ساريو سنگهارن کي، ويٺي رئان رت،
هينئڙو هُتي هيريو، باڌي رهيو بت،
ارواح رهيو آت، هيت قيد قضا جو ڪاٽمانءِ.

(۱۲۶)

پر پروڪي سومرا، موڙي سڻ مقال،
رهيس آن جي راڄ ۸، چڱي جن جي چال،
ايذاءُ ڪن نه عام سين، هين هيٺو حال،
جيڏين جو جمال، ساريو رئان سومرا. ۷

* ڏت ڏاڏاڻي ڏيهه مان، آنيائون عجائبت

۲ پر پروڪي سومرا، هو جي هتا هُتِ

۷ جيڏين جو جمال، ساريان کهڻو سهد چوي

(١٢٧)

ٻر ٻروڪي سومرا، هُت سرتين جا سينگار،
اڄـايـل ابـر ڏي، نت نت ڪن نهار،
مرڪي تـن ملير تـي، ستابـو ستـار،
يدالله فوق ايـديهم، ايءُ پنوهـارن ٻچار،
رضا ساڻ رحمان جي، بادل ڪئي ٻهار،
آن جا عبداللطيف چئي، تيڙا قول قرار،
سي ماروئڙا مهندار، ساريو رئان سومرا. •

(١٢٨)

ٻر ٻروڪي سومرا، ڪيوڙين ڪيل ڪيڙا،
تـرت تجلي ٻسي، مـارن ڪيا ميـڙا،
سائيه م سيد چئي، ونـو وڏيءَ ويـرا،
سي سامهون ٻسي ٻيرا، عمر آئيو ٿي مران.

(١٢٩)

اباڻـن جـي آسري، ڏنجها ڏينهن ڏنـام،
ويڙهيچا وجـود مـان، ويل نہ وسريام،
هتي هول ٿيـام، سرتيون سنگهارن جـا.

(١٣٠)

سنگهارن جي سٿ، مون ڪي نيئي ميڙئين،
ويندين ويڙهيچن ڏي، ڪنديس ڪانہ ڪٿ،
هُنجن هالا هٿ، وڃي ڏيکاريان ڏيهہ ڪي.

(١٣١)

وڃي ڏيکاريان ڏيهہ ڪي، هيڏو پنهنجو حال،
ونـا مينهن ملير تـي، سرهـو ٿيو سال،
قـادر لاٿـو ڪالُ، عمر اباڻن تـان.

---

ومرا سنگهار، ساريو رئان سيد چئي

Gul Hayat Institute

(١٣٢)

ابالن جي آسري، آبني آهيان،
اميدون ارواح جون، موران نه لاهيان،
ويٺي واجهايان، وجان شال وطن ڏي.

(١٣٣)

وڃان شال وطن ڏي، جت ساهيڙيون سرتيون،
مون جيڏيون ملير ۾ ڪن لوڏيون لاڪ رتيون،
ڪاهڙ جون ڪتيون، مري شال ماڻيان.

(١٣٤)

مري شال ماڻيان، تن سرتين جا سينگار،
قضا آنديس ڪوٽ ۾، عمر تيم اپار،
پنوهارڪا پار، ڏاتر سون ڏيکارئين.

(١٣٥)

ڏاتر سون ڏيکارئين، ملڪ ماروءَ جو،
جت وسن مينهن وڏڦڙا، سدا ساوڻ هوءِ،
هيت آوسر هوءِ، هت ويڙهيچن وسون ٿيون.

(١٣٦)

هت ويڙهيچن وسون ٿيون، پلر پيو پچي،
ونا مينهن ملير تي، ميوا پيا مچي،
جن جي ماڪ سچي، ملير سي ماڻينديون.

(١٣٧)

ملير سي ماڻينديون، جن اوسيڙو آهي،
تنهنجو هت چاهي، هي ملڪ مارو چام جو.

(١٣٨)

اڄوڻي اڄ، مارو هٿا هن ماڪ تي،
سڪان سارڀان سومرا، تن سيڻن جا سهج،
ڳالهه هنڙم ڳيچ، تن ڳوٺين ڳالهائو نه سڻان.

Gul Hayat Institute

(١٣٩)

ٽـر وٽي، گهر سامُهان، ڏهـاڙي ڏڄن،
اوچـــا آهن اڏيـا، جهوپـا جهانگيئڙن،
مون کي منجهان تن، ڪڏهن ڪانياري ڪري.

(١٤٠)

ٺلول ڪندي سومرا، وينديءَ گذاري ڏينهن،
ڇٽهي لڳي ڇڱان جي، عمر نه ڪجي ايئن،
ملير وسندا مينهن، ٽيندون سامهون ڳالهيون سومرا.

(١٤١)

شـال ڪـٺن ڪوهه، پلـر پـپن اوڏڙو،
ويـڙهيچا وس چـري، موٽـي اچن موهه،
تن پکن جي پاروهه، منان مور نه وسري.

(١٤٢)

مارُو مـار م سومـرا، مـاري مير مڃاءِ،
مڙد آن جا مجلس ۾ ڪوٺي قيد ڪراءِ،
لنڊا تني تان لاهه، جي قيد نه وينيون ڪڍهين.

(١٤٣)

هي دس ڇڏياڻون، هُن دس ويڙهيچا ويـا،
آڏي ڪان عبداللطيف چئي، لڏ نه لاٿائون،
ڪنبندي ڪاتيائون، جيڪي جيئڻ ڏينهڙا.

(١٤٤)

ورت ورها ڇڙهيو، ڪئي ويا ڪنهن ڪُوڻ،
ڏسائجي ڏور ويـا، هاٿي هت نه هُـون،
ڪنهن کي ايئن ڇُـون، ته عمر اسان سان ڪـيو!

Gul Hayat Institute

(١٤٥)

تدٻيران تقدير، آهي جابر جيڏيون،
جف القلم بما هو ڪان، هاڻي سڻ همير، *
هٿا ويڙهيچا وير، پر قانع رهيا ڪوٽن سين.

(١٤٦)

ٿورا ٿر چاڙن، سون سين جي ڪيا،
آءُ تن ڳڻن، عمر ساري آهيان.

(١٤٧)

پنوهارن ڏي پور، اڄ اڳوڻائي آڪرو،
ٻن جهري جڪ ٿئي، ٻڪر چرن ٻور،
آءُ انهي جو نور، جي جهانگي هلن جهنگ ۾.

(١٤٨)

ڳوليان ڳوليان نه لهان، تن پنوهارن ٻهي،
سا جڙ جيڏري نه لهي، جا هنيجڻ هنئي،
وڃي ماڳ ملير جو ڪيو سنگهارن سهي،
مٿي ٿر رهي، ويا گذاري ڏينهڙا.

(١٤٩)

چڻ نه چڇي آهيان، ڪڇان م ڪوٽن،
ابندي پيئم آبتا، پيڪڙا پو...
هٿوڻيون هٿن، چنگهون ٻانهون ڪاٽ ۾.

(١٥٠)

ساري عمر سومرا، ڦر نه ڦٻنديا،
وينده ڪوٽ ڪلر تي، پون ٻڻ پيڙٻنديا،
نيٺي لٿينده ڏوڙ ۾، عمرُ نه ڇونداء،
ٿهان پوء پوندياء، قدر ڪاٺيارن جو.

---

* يفعل الله ما يشاء، هاڻي سڻ همير
هٿا ويڙهيچا وير، ڪانه ٻنهين ڪوٽ سين

(١٥١)

آءٌ مـارن جـي آهـيان، گولي گنهگار،
ٻيون ستيون سومـرا، آءٌ آهيان عيبدار،
قبوليندين ڪينڪي، تـوڙي هلين تڪرار،
ڏاڍي رب سرڪار، جا آهي سرڪارن سرڪار،
جف القلم بما هو ڪان، اي ٻئي آگي جي اختيار،
قلم ڪياڙيءِ نه ٽئي، جو لکيو منجهه نراڙ،
ڪل نفس ذائقه الموت، ايءِ پنوهارن ٻچار،
ٻاڪارون ٻڪرار، ڪندي ويٺي ڪوٽ ڏي.

Gul Hayat Institute

# سُر ڪاپائتي

(۱)

جان پيرين پليءَ پٽ، تان ڪاپڙي مان ڪين ٿيو،
نه سنوت آيم سُٽ جي، پاڻان موڙهيم مٽ،
اندر وهي اٻٽ، سپيريان جي ڳالهڙي.

(۲)

ليجهون ڪيم لڪاءِ، اندري عجيب جي،
ڏاجي ۾ ڏينداءِ، ڪتي مقابل ڪپڙا.

(۳)

ويٺي پيرم پيهر، ارٽ جم الائين،
سٽيءَ جو سيد چئي، ڪت سانگاهي سير،
ڦنگ ڏهاڙي ڦير، ته انگ اگهاڙي نه ٿئين.

(۴)

ڪتن سي ڪنبن، سدا نيهه واريون،
پڄو پڙا پڙيون، ليڄهون لِڪ نه ڪن،
ته پڻ ٿيون ڏڪن، متان تند ٽپاس ٿئي.

(۵)

نڪي آءٌ ڪاتار، نڪي ڪتي ڄاڻان،
آجهي جنهن جي آهيان، سو سين جو سردار،
جيئيم سو پتار، جو ڪوٺي ڏيندم ڪپڙا.

Gul Hayat Institute

# سُر ٻرياڻي

(١)

ڏاتار ڏھاڙي ڏي، اڄ ۾ ڀَلِ ڪالھ،
صبح جو سيد چئي، ميڙيو ڏئي مال،
جنھن تند نہ تال، تن دھرا ئي دانَ ڏئي.

(٢)

ڏرن جي ڏيئي، سي تون مڱ مَ مڱڻا، *
سدا سپڙ در تي، ڪر وھنتي ويھي،
ٻچھي نہ ڏيئي، ڏيئي ليکو نہ ڪري.

(٣)

ڪاڻي آھي تنبيرَ، جي ھتا ھِنھين پيٽيھن، ٢
ويھا وڏيءَ وير، ڪاھي رکي ڪينرا.

---

* ڏمرن جي ڏيئي، سي تون مڱ نہ مڱڻا
سدا سپڙ سندي، ڪر وھنتي ويھي
ٻچڙي نہ ڏيئي، وري ليکو نہ ڪري

٢ ڪاڏي سي تنبير، جني ريجھايو راڄيو

Gul Hayat Institute

# سُر ڪاموڏ

(١)

هٿي مهيڻ جهڙي مٺي، نيڙت نوازي،
جن ويهڻ نه وچ ۾، ٿيا سلامي سي،
ڄام تماچيءَ کي، تيلانهن رهي روح ۾.

(٢)

آيو ڄام ڄٺلي، مٿهن ملاحن جي،
عطر ۽ عنبير جي اچي ڇول ڇٺلي،
ڪينجهر سڀ ڪٺلي، آني کي انعامي ٿيو.

(٣)

سا جا ٻونڊيءَ ٻيل، رچ سندي راڄ ۾،
واري ٿني وارن ڪسي، ڏيو تيل قليل،
ناز ڪري ناڪيل، آئي سمي جي سلام ني.

Gul Hayat Institute

(٤)

ڪالوڙا ڪري، اچي ربل آکتي،
ٻر ڪمائين پينديون، منجهان ٻتن ٻري،
تماچيءَ جي تڪي، ڏنَ سيڪا ڏي،
نوريءَ نماز ڪري، عالم انعامي ڪيو.

(٥)

تخت، ٻخت، تڙ، تماچي، ٻيمن نوريءَ کي،
عالم سڪي جام کي، جام سڪي کي مهي،
سڀ سڌن سان سڌ هوڪڙو، سو جو ڪنهن ٻهي،
جي نه حب رکي، تي ريس نه ڪريو راڻيون.

(٦)

هٿين پيرين نُورَ سمهين، تنهن ۾ نُور سنداس،
مورچل مٿانس، هٿڙي جام هٿن سين.

---

Gul Hayat Institute

# ڀلامون

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ۹ | ۱۱ | ولانس | والانس |
| ۹ | ۱۸ | نادر | نادار |
| ۱۲ | ۱۴ | گريجوئيس سند | گرئجوئيٽس آنسوسئيشن |
| ۲۳ | ۱۴ | فقير تي | فقير کي |
| ۲۶ | فوٽ نوٽ | نرھا | مترحا |
| ۲۹ | ۲۳ | الاھامي | الھامي |
| ۳۲ | ۱۷ | اولياء .... قبا | اوليائي .... قبائي |
| ۳۴ | ۲۲ ۽ ۲۷ | ٽيڏائپ | ٽيڏائپ |
| ۳۹ | ۷ | وضوع | وضوء |
| ۴۰ | ۸ | ناخذا | ناخدا |
| ۵۳ | بيت ۸ | ڇپيمن | ڇپاھين |
| ۷۲ | بيت ۱۷ | جڙن | چڙن |
| ۸۱ | بيت ۴ | عاصبن | عاصين |
| ۸۴ | بيت ۲ | مينھن | نيمنھن |
| ۸۹ | بيت ۲۸ | رھائي | رھائي |
| ۹۵ | بيت ۲ | ونگرين | ڏونگرين |
| ۱۲۲ | بيت ۸ | الاالرسل | الاالرسول |
| ۱۲۹ | بيت ۳۶ | پرين حاضر | حاضر پرين |
| ۱۴۲ | بيت ۱ | ماءَ | مٿا |

Gul Hayat Institute

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ١٤٣ | بيت ١٠ | پتس | پتسن |
| ١٤٤ | بيت ١٥ | سبحان، | سبحان جا، |
| ١٦٣ | بيت ٢٣ | هر | هيرَ |
| ١٧٢ | بيت ٧ | ولقد | والقدر |
| ١٩٠ | بيت ٤٥ | مينهن | ميمنهن |
| ١٩٠ | بيت ٤٧ | چکيءَ | چگيءَ |
| ٢٠٣ | بيت ١١٢ | ٻسرابيون | سرليون |
| ٢٠٤ | بيت ١١٧ | محمد الرسول الله | محمّد رسول الله (صلعم) |

Gul Hayat Institute

شاهه عبداللطيف ڪلچرل سوسائٽي

Gul Hayat Institute

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاڻُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاغذ تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻ جي آسَ رکون ٿا.

Gul Hayat Institute

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي -non commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

Gul Hayat Institute

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي ڄڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا:

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہ پهاڙ ڇُپن ٿا:

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن:

گيتَ بہ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿئي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.



Gul Hayat Institute

پَڙهن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڙهَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَڙهَ سيني کي ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها، توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ونڻ ونڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

Gul Hayat Institute